# سمنڊ سمايو بوند ۾

كيئلداس "فاني"



سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ.

# سَمُنڊ سمايو بوند ۾

سَمنڊ سَماڻو ٻُوندَ ۾، جَلَ ۾ جوت ٻَري.

"سامي"

# سَمُنڊ سَمايو بُوند ۾


ڪيئلداس "فاني"

سهيڙيندڙ :
انور "فگار" هڪڙو



سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ
١٤١٦ھ/١٩٩٥ع

ڇاپو پهريون ١٤١٦هه/١٩٩٥ع تعداد هڪ هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ]

قيمت: پنجهتر رپيا
[Price: Rs. 75–00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ مراد علي مرزا، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


- ناشر پاران
- انتساب
- ڪجهه ڪتاب بابت — مرتب
- مهاڳ — شيخ اياز

| | |
|---|---|
| فاني آ غير فاني | ١–١٤ |
| بيت | ١٥–١٨ |
| گيت | ١٩–٦٢ |
| ڪافي | ٦٣–٧٠ |
| قطعات | ٧١–٨٢ |
| رباعيات | ٨٣–٨٦ |
| غزل | ٨٧–١٣٠ |
| پنجڪڙا | ١٣١–١٣٨ |
| نظم | ١٣٩–١٨٤ |
| ترائيل | ١٨٥–١٨٦ |
| مخمس | ١٨٧–٢٠٠ |
| مسدس | ٢٠١–٢٥٤ |
| ضميمو | ٢٥٥–٢٧٤ |
| ارپ | ٢٧٥–٢٧٦ |

## ناشر پاران

سنڌ جي ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي موضوعن تي ڪتاب لکرائڻ، مرتب ڪرائڻ ۽ ترجمو ڪرائي شايع ڪرائڻ، سنڌي ادبي بورڊ جو اهم ۽ بنيادي ذمو آهي. ان سلسلي ۾ بورڊ هن وقت تائين مٿي ذڪر ڪيل موضوعن تي ڪيترائي مستند ۽ معياري ڪتاب مختلف ٻولين جهڙوڪ سنڌي، فارسي، اردو، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ڪري چڪو آهي ۽ آئينده به شايع ڪندو رهندو.

هيءَ ڪتاب ”سمنڊ سمايو ٻوند ۾“ به ان سلسلي جو هڪ اهم ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ جي هڪ اهڙي نامياري شاعر جي ڪلام جو مجموعو آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ سنڌ جي ديهي زندگيءَ جي سونهن جي اڪيچار عڪسن کي ۽ پنهنجي زماني جي نئين فڪر کي پنهنجي سادي ۽ سباجهي ٻوليءَ ۾ متعارف ڪرايو آهي. ڪيئلداس ”فاني“ جو هيءُ سمورو ڪلام محترم انور فگار هڪڙو جي ڪوشش ۽ محنت جي نتيجي ۾ پهريون ڀيرو ”سمنڊ سمايو ٻوند ۾“ عنوان هيٺ شايع ٿي رهيو آهي.

هن مجموعي جو مهاڳ سنڌ جي ناميارِي شاعر، اديب ۽ دانشور محترم شيخ اياز لکيو آهي، جيڪو هڪ شاگرد ۽ هڪ استاد جي ادبي ۽ علمي وابستگيءَ جي موضوع تي هڪ اهم ادبي دستاويز آهي.

جامشورو
٩-آڪٽوبر ١٩٩٥ع

مراد علي مرزا
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ارپـڻـا

شيخ ايـاز

۽

ڊاڪٽر قيوم "طراز"

جن جي نالي

ـ انور فـگار هڪڙو

جن دوستن ۽ عزيزن هن ڪتاب ڪي پايهٔ تڪميل تي پهچائڻ ۾ ساٿ ڏنو، تن جا ٿورا ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. اهڙن مهربانن ۾ استاد محترم ”نقش“ ناياب منگي صاحب، شعبان ”بخت“، غلام اصغر سومرو، شڪيل ”فائق“ هـڪڙو، جميل احمد ابڙو، غلام سرور جتوئي، قاضي منظر حيات، پروفيسر لڇپت گانڌي ۽ سندس فرزند رويندر ايل. جها جن جا نالا قابل ذڪر آهن، جن وک وک تي ٻال ٻلايا آهن. انهن سان گڏ محترم ڊاڪٽر قيوم ”طراز“ جن جا وڏا وڙ، جن پنهنجي گوناگون مصروفيتن سان وقت ڪڍي مون سان ڪن هنڌن تي مدد لاءِ گڏ ويهي ڪتاب جو مسودو نظر مان ڪڍيائون.

آءٌ پروفيسر محمد قاسم سومرو، محترم غلام محمد لاکو ۽ سيان الله بچايو يوسف زئي صاحب جن جو به شڪرگذار آهيان، جن سنهنجي پرپٽ ڪتاب جي ڇپائيءَ دوران پنهنجا ٻال ٻلايا.

آخر ۾ وري هڪ ڀيرو مهان ڪري شيخ اياز جا ٿورا مڃيندي، شاه لطيف جو امر بيت، ”ٿورا نہ ٿورا مون تي ماروئڙن جا، ٻلايون ٻيرا گهٽي گهٽيان ڪيترا“، دل تي تري اچي ٿو.

شڪارپور سنڌ
١-١٢-١٩٩٢ع

انور ”فگار“ هـڪڙو



اڃا آهي ”فانيءَ“ جو نازڪ سمو
گهمي ٿو جو تلوار جي ڌار تي.

# مهاڳ

ڪيئلداس ”فاني“ منهنجو نيو ايرا اسڪول شڪار پور ۾ پهرئين درجي انگريزيءَ جو استاد هو. انهن ڏينهن ۾ ڪيئلداس ”فاني“ ۽ لطف الله بدوي، جو انهن ڏينهن ۾ ”جوڳي“ تخلص استعمال ڪندو هو، ڪشنچند ”بيوس“ کان پوءِ سنڌ جا سڀني کان مٿا شاعر سمجهيا ويندا هئا. نوجوان اديب ۽ شاعر جميعت الشعراءِ سنڌ کي دقيانوسي قسم جا شاعر سمجهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ مون جماڻي هال لئبرريءَ مان سوامي رام تيرٿ جي سوانح حيات جا ٻه جلد پڙهيا، جن ۾ نظير اڪبرآباديءَ جا ڪجهه اردو نظم ۽ ٻين ڪجهه اردو شاعرن جا غزل ڏنل هئا. اردو زبان مون کي منهنجي پيءُ ٽئين درجي سنڌيءَ ۾ پڙهائي هئي ۽ منهنجي مطالعي لاءِ مون کي اردوءَ ۾ سراغ رسانيءَ جا ڪتاب وٺي ڏيندو هو. ان ڪري مون کي سوامي رام تيرٿ جي ڊائريءَ ۾ ڏنل هڪ غزل آسانيءَ سان سمجهه ۾ آيو، ۽ مون ان غزل جي طرز تي هڪ سنڌيءَ ۾ غزل لکيو، جيڪو پوءِ ’سدرشن‘ رسالي ۾ ڇپيو. اهو رسالو مون ۽ منهنجي دوستن، هوندراجداس ۽ ٻياري چاپڙا، گڏجي ڪڍيو. اهو غزل مان ڪيئلداس ”فاني“ ڏانهن درست ڪرائڻ لاءِ کڻي ويم. ان وقت بحر وزن جي مون کي ڪابه خبر ڪانه هئي، رڳو اردو غزل جي ترنم کي نظر ۾ رکي، سنڌيءَ ۾ غزل لکيو هوم، جنهن ۾ ڪجهه اردوءَ جا به لفظ شامل هئا. ”فاني“ صاحب اهو غزل ڏسي حيران ٿي ويو ۽ مون کي چيائين ته ”تون ڪو اڳئين جنم ۾ شاعر هئين!“ هن همٿائيندي وڌيڪ چيو، ”پٽ! شاعري سکڻ لاءِ تو کي حاجي محمود خادم جو ڪتاب ’رهنماءِ شاعري‘ لاڙڪاڻي مان گهرائي پڙهڻ گهرجي.“ بعد ۾ مون کي هن محمود خادم جي ائڊريس ڏني

وڏيڪ ويچھو شاگرد ھوندو ھوس. مون کي ياد آھي تہ ھن مون کي ڪلڪتي مان شيڪسپيئر جا قول ۽ دنيا جي چونڊ پھاڪن تي ڪتاب بہ گھرائي ڏنا ھئا ۽ دلچسپيءَ سان سمجھائيندو ھو، ۽ انگريزي چوڻين ۽ اصطلاحن تي بہ ڪيترا ڪتاب پڙھي پڌائڻ سان گڏوگڏ ياد ڪرائيندو ھو.

نيو ايرا اسڪول جو تعليمي ماحول تمام چڱو ھو ۽ اسان تي استاد بيحد توجھہ ڏيندا ھئا. شڪارپور جي مشھور ھانڊي ۾ نيو ايرا اسڪول جا شاگرد ڊراما اسٽيج ڪندا ھئا ۽ اسان ۾ ھفتي ڏھين ڏينھن ڪنھن موضوع تي انگريزيءَ ۾ تقريري مباحثو پڻ ٿيندو ھو. جڏھن مان چوٿين درجي ۾ پڙھندو ھوس تڏھن Mock Parliament ۾ بہ بھرو وٺندا ھئاسين، جنھن ۾ Prime Minister جو ڪردار منھنجو دوست رام چيٺملاڻي ادا ڪندو ھو، جو ورھاڱي کان پوءِ آل انڊيا بار ڪائونسل جو پريزيڊنٽ ھو ۽ اندرا گانڌيءَ سان تڪرار سبب آمريڪا ھليو ويو. ھو پوءِ وي-پي سنگھہ جي پارٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ ھو، جو ڪجھہ وقت پوءِ انڊيا جو وزيراعظم ٿيو. ڪجھہ سال اڳ جڏھن شاھہ سچل ۽ سامي ڪانفرنس تي آءٌ انڊيا ويو ھوس تڏھن پھرئين ڏينھن مون صدارت ڪئي ھئي. ان تقريب ۾ "فاني" ڀوپال مان آيل ھو. ٻئي ڏينھن تي جڏھن مشاعرو ٿيو، تہ مون ان تقريب گھرائيندڙ کي چيو تہ مشاعري جي صدارت "فاني" صاحب کان ڪرايو، ڇو تہ ھو منھنجو استاد ٿي رھيو آھي. "فاني" اتي مون سان ڏاڍيءَ سڪ مان ياڪر پائي مليو ۽ اکين سان ڳوڙھا ڳڙي آيس. ھن جي عمر ٨٠ کان مٿي ٿي چڪي ھئي، پر عمر جي لحاظ کان ڪافي ڪڙوتڙو پئي لڳو. ھن مون کي ڏاڍيون دعائون ڪيون ۽ ڀوپال ھلڻ جي آڇ ڪيائين. منھنجي زندگيءَ ۾ "فانيءَ" ۽ ھاسانند جھڙا بي غرض ۽ ھمدرد انسان ورلي آيا آھن. اتي ھندستان ۾ جڏھن "فانيءَ" پنھنجا شعر پڙھيا، تہ مون کي محسوس ٿيو تہ سندس

شاعري اڳي وانگر جوان هئي. پڙهندڙ خود هن ڪتاب مان اندازو لڳائي سگهندا ته ٦٠ سال اڳي هن جي شاعري ڪيئن هوندي؟ مون سان هن ڪان اڳ پرسندن ادبي رسم و راهه سال ١٩٤٦ع ۾ ٿي هئي، جڏهن مون هن جا نظم پنهنجي رسالي 'اڳتي قدم' ۾ ڏنا. "فاني" منهنجي زندگيءَ ۾ ۽ منهنجي شاعريءَ جي اوسر ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ مان هن جا ٿورا نه ٿو لاهي سگهان. جي "فاني" منهنجي رهنمائي نه ڪري ها، ته منهنجي شاعري اتي نه پهچي ها، جنهن جاءِ تي اڄ آهي.

"فاني" صاحب جي ڪلام سهيڙڻ ۾ انور فگار هڪڙي جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي سا نهايت قابل تحسين آهي. اهو ٿورو جن مون تي ڪيو اٿائون، جو ته اصل ۾ فرض مون تي عائد پئي ٿيو ته پنهنجي استاد جو ڪلام ڪٺو ڪري ڇپرايان ها.

ڪراچي — شيخ اياز

٢٧- جنوري ١٩٩٥ع

مينگهراج منشاراماڻيءَ جي نيو ايريا هاءِ اسڪول ۾ پنهنجي ڊيوٽيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو ته ١٩٤٧ع ۾ هتان جي مشهور ”چيلا سنگهه ۽ سيتلداس ڪاليج“ ۾ سنڌي استاد جي جڳهه خالي ٿي. ”فاني“ صاحب به ان وقت تائين بي-اي پاس ڪري چڪو هو. تنهن ڪري ان جاءِ تي مقرر ٿيڻ لاءِ انتظاميه سان رابطو قائم ڪيو، ته ڪوي ڪشنچند ”بيوس“ ڪاليج انتظاميه ڏانهن هڪ سفارشي چٺي هن طرح لکي: مسٽر ڪيئلداس بيگواڻي ”فاني“، بي-اي شڪارپور سنڌ ڪاليج جي سنڌي پروفيسريءَ لاءِ اميدوار بيٺو آهي. پروفيسريءَ جي لياقت لاءِ ڪاليج جي ڊگريءَ سان گڏ جا ڪيس نازڪ خيال شاعريءَ جي ذات عطا ٿيل آهي، سا منهنجي نظر ۾ اهڙي آهي، جهڙي سوني منڊيءَ ۾ هيري جي ڪڻي.

ههڙي اعليٰ شخصيت هت اچي ته سنڌي ٻوليءَ جو شان ڏه‘بالا ٿيندو.

— ڪشنچند ”بيوس“

١٧-مئي ١٩٤٧ع

محترم ڪشنچند ’بيوس‘ جي ان راءِ کي اهميت ڏيندي ان وقت جي ڪاليج انتظاميه کيس سنڌي پروفيسر مقرر ڪيو. انهيءَ مقرريءَ کان اڳ ”ڪاليج مسيلني“ جي اشاعت ۽ ڪاليج جي اسٽيج تان ٿيندڙ ڊرامن ۽ ادبي پروگرامن وقت ڪاليج انتظاميه ”فاني“ صاحب جون خدمتون حاصل ڪندي هئي.

ٿوري ئي عرصي کان پوءِ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هي ڪوي پيدا ڪندڙ ۽ ڪويتائون سرجيندڙ ڪوي ڏيهه ڇڏي پرڏيهي ٿيو.

ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي،
آيا گهر ۾ اوپرا، نڪري ويا نيهي،
پرايا پيهي، وڪوڙي ويا سنڌ کي.

(شيخ اياز)

ڪيئلداس "فاني" صاحب شڪارپور ڇڏي وڃي ڀوپال ۾ رهڻ لڳو، جتي پڻ ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. سال ۱۹۷۳ع ۾ رٽائر ڪيائين. پاڻ ۱- ڊسمبر ۱۹۸۵ع تي موڪليل هڪ خط ۾ مون کي لکيائين ته:

مون کي رٽائر ڪئي ۱۲ سال ٿيا آهن، پر مان "Retired" نه پر "Re-tyred" پاڻ کي چوائيندو آهيان. يعني:

"Another tyre has been applied to my machine and it keeps on rolling."

سندس منزلون:

۱- صوبائي حڪومت جي ادبي اڪادمي جو وائيس پريزيڊنٽ آهيان ۽ پريزيڊنٽ وزير مالي آهي.

۲- مرڪزي ادبي اڪادمي جو ميمبر آهيان.

۳- ڪنوينر سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽي.

۴- آل انڊيا ريڊيو جو ڳائڪ ۽ گيتڪار.

۵- انٽر ڪاليج جو اڄ تائين پرنسپال رهندو آيو آهيان.

سائين ڪيئلداس "فاني" صاحب سامي صاحب جيان سنڌي شاعريءَ جي طويل دؤر جو ساکي آهي. هن سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي دؤر ۾ رنگ ۽ روپ مٽيندي ۽ ترقيءَ جي منزل ڏانهن ويندي چڱيءَ طرح ۽ چٽيءَ نظر سان ڏٺو آهي. پاڻ به "بيوس" جي دؤر جو ڪوي آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ ڀرپور ڪوششون ڪيل اٿس. ورهاڱي کان اڳ سنڌي شاعريءَ کي فارسي تشبيهن، ٻوليءَ ۽ محاورن واري ڍير مان ڪڍي، ان کي سنڌي ٻوليءَ جي روح ۽ رنگ سان رڱڻ ۾ سندس وڏو ڀاڱو آهي. جنهن جي مڃتا جي ساک خود "بيوس" به ڀري ويو آهي.

سياسي لحاظ کان سائين ڪيئلداس "فاني" جو دؤر غلاميءَ وارو ۽ نهايت ئي ڪٺن ۽ ڪٺورتا وارو دؤر هيو. هن دؤر

جنهن ڌرتيءَ جي ٽڪري تي ڪيئلداس ”فاني“ رهي ڪويتائون سرجي ٿو، ان ڌرتيءَ جي سپوت الله بخش سومري جو جڏهن بي درديءَ سان ناحق خون ٿئي ٿو، تڏهن هي ان تاريخ جي وڏي ۾ وڏي الميي تي پار ڪڍي چوي ٿو:

افسوس! ويو سنسڌ جو سرتاج گذاري،
دنيا ڪي رئاري.
حاسد تون ڏئي ڦوڪ ڏيئو گل نہ ڪرين ها،
هن ملڪ مٿان قهر مصيبت نہ ڌرين ها.
ڇو ميڙ اسان جي مان وئين مڙس اٿاري،
دنيا ڪي رئاري.

بي انصافيءَ لاءِ چوي ٿو:

بي ڏوهي ڏوهاري بڻجي پاپي قهر ڪمائي!
اشرافن جو پيٽ پنيءَ ڪپڙي پوڇن ڪائي!
اهڙو اتياچار! مالڪ هي تنهنجو سنسار!؟

جتي بي ڏوهيءَ کي ڏوهي قرار ڏنو وڃي، ۽ ڏوهيءَ کي بي ڏوهي ڪري بري ڪيو وڃي، مظلومن مٿان ظلم ۽ زبردستي قائم ڪئي وڃي، اتي ڏاهو ۽ حساس ڪوي پونگين ۾ گهاريندڙ بيوس ۽ مجبور ماڻهن کي آپدا مان آزادي ڏيارڻ جو پرپوڌ ٿو ڏئي:

انقلاب گلو ڦاڙي ٿو ڪئنا ڪري سر باز،
پڳل پونگين چنل چڻن مان اٿي هليا آواز:
بنگلن جا بنياد هلايو، پٽيون پٽين سان ملايو،
ويريءَ تي ڪروار، نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

ديس تي ڇانيل غلاميءَ جي اماس ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ کان نجات پائڻ لاءِ هو سورهين کي سورهيائيءَ جو سبق ڏئي ٿو ۽ انهن کي اتساهيندي چوي ٿو:

جڏهن غلامي ساهه گهٽيندي،
غيرت تن مان اڀري ايندي،
ڪهڙي دل قربان نه ٿيندي،
ويڙهه وچڻ جي ويرا،
دل تان غم ڪر دور دلير.

سوراج جا سپنا ڏسندڙ ۽ سرجڻهار ڪوي ڪي جڏهن ديس جي ڌرتي ڇڏڻ جا ڏڙڪا ملن ٿا ۽ ڪيس ڌرتي ماتا جي گود مان گهلي جلاوطن ڪيو ٿو وڃي، تڏهن ڳلن تي ڳوڙها ڳاڙيندو، سڏڪا ڀريندو، اوڇنگارون ڏيندو، اڻ ڏٺل ڏيهه ڏي ڪاهي ڪوهين دور وڃي ويهي ٿو. اهي درسگاهه جتي هو ملڪ جي مستقبل کي ٺاهيندو هو، سي ويڳاڻا ۽ ويران ٿي ٿا وڃن. اهي پستڪ ۽ پستڪاليائون، جن سان هن جو ”تو من شدم من تن شدي“ وارو ناتو هو، سي سڀ ڇڏي فقط انهن جون يادون کڻي انهن کي اداس ڪري وڃي ٿو. ان ڏيهه جي ڏهاڪ تي سندس ڏيل ڏرندو نه هوندو ته ڀلا خاموش هوندو! سندس جيءَ ۾ جهاتي پائي ڪنهن اهو به نه ڏٺو ته هن وٽ ڪهڙو اڌمو آهي. ڀلا هو ڇو نه چوي:

ڏني جان جن هئي وطن واسطي،
رلي لاش تن جو ڪفن واسطي.

جيئن جيئن وڇوڙي جو ڏينهن گذري ٿو، تيئن تيئن سندس ساهه وڌيڪ سڪي ٿو:

آيو ڪونه وطن کان ڪوئي،
پور پيو دل ويٺي روئي.

....

پڇي جن آ پڇايو مون کي وطن!
ڇڏي جن آ ڇڏايو مون کي وطن!
لڏي جن آ لڏايو مون کي وطن!

ڏسي رهيا هئا ۽ کي دلشڪسته مسافر، ڪوئي چاڙهو نه ڏسي خود سمنڊ ۾ ٽپي رهيا هئا ۽ درندن جي ڏاڍن ۾ ڏڪي رهيا هئا. اڪين ۾ ڳوڙهن جهل نه ڏني. الا! اهي منهنجا پنهنجا ءِ وطن سنڌي هئا، جن جو مان ساحل تان بيهي نظارو ڏسندو رهيو آهيان. انهن مان هڪ هو سنڌڙيءَ جو لاڪيٽو شاعر، ڪيئلداس ”فاني“، جو فاني فقط پنهنجي نهٺائيءَ ڪري سڏائيندو آهي، جيتوڻيڪ هو شعر جي دنيا ۾ ’باقي‘ آهي، هو سنڌي ادب ۾ امر ٿي چڪو آهي ۽ اسان جا آئينده نسل سندس ڪلام بيحد رقت ۽ گداز سان پڙهندا رهندا.“ (جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي ص ١٤٢ - ١٤٣) مٿي ان نظم ”او منهنجا وطن“ جو آخري بند ڏيئي آيو آهيان، هت پڻ پڙهندڙن آڏو ان مان چند سٽون ڏيڻ مقصد کان خالي نه ٿو ڀانئيان.

او منهنجا وطن دلدار وطن،
ڪيا ڪيڏا ڀلائڻ جا مون جتن،
لڳي لنءُ انءُ ۾ آهي اهڙي لڳن،
پل ڪان نه ڀلان اهي پاڻ پون،
ڪوشش مون ڪئي وئرث سا وئي،
ڳاريندي رهي ڪرمن جي ڪئي.

—

مشڪل ٿي پيو واپس آ ورڻ،
مشڪل ٿي پيو ڳنتين ۾ ڳرڻ،
چاهي ٿو هرڻ واريءَ ڏي ورڻ،
سمجهي ٿو سٺو اڄ رڄ ۾ مرڻ،
سنسار جو تنگ خيال سڏي،
دل قرب جو تنهن کي ڪمال سڏي.

منهنجو خيال آهي تہ هيل تائين ”فاني“ جو جيڪو بہ ڪلام مثال طور ڪتب آندو اٿم، ان مان اوهان پڙهندڙ منهنجي مٿينءَ راءِ سان ضرور سهمت ٿيا هوندا تہ ”فاني“ صاحب جي ڪلام ۾ خيال جي پختگي، انداز بيان ۽ لفظن جي رمزن جي رواني ڪيتري قدر آهي، جي اڃا بہ ڪا تشنگي باقي رهي تہ بہ مثال پيا ضرور ڏباه

”فاني“ شاہ سان مخاطب: (اقتباس)

ڪٿي نيڻ مونـن مان مون ڏي نهاري،
هڻي تيـر طعنن جـا ڇڏ ڏيـل ڏاري،
وطن ڪان سگهيا جي سگهو ساھ واري،
جـڏو جـيءَ جـيـاري آيا ملڪ ماري،
پـچـارن ۾ بس شاھ! هئا مڙس ماهر،
تـي طـالـب ۽ سـڏڙيا پيا صاف ظاهر.

گـواهـي تـواريـخ ڏيندي اسـان جي،
پـشـيـمـان اولاد ٿيندي اسـان جي،
جڏهن شاھ! هيءَ ياد ايندي اسـان جي،
لـڄـا سيسرانـيون پريندي اسـان جي،
جـڏهـن ريت گهرٻار ڏاهڻ نہ ڏيندا،
تڏهن شـرم ڪـان نيڻ نـالا نہ ٿيندا.

ذري پنهنجي حب الوطن مان عطا ڪر،
اسـان جي زمـانـي ۾ ظاهر خطا ڪر،
مگر منهنجي مجبوريـن ڪـان پڇا ڪر،
سـزا وار آهـيـان نہ قـائـم سزا ڪر،
ڇڏيم تنهنجو در پر نہ دامن ڇڏيو مان،
لڏي تنهنجو گهرپاٽ سان هٿ اڏيو مان.

سمايل آهي. اڪثر سندس غزل جو هر بند ”بيت الغزل“ ۽ ”شاهه بيت“ آهي.

ڪٿ چند بادلن سان مشڪندو ڏٺو اٿم،
ڪٿ حسن برپٽن ۾ پڪندو ڏٺو اٿم،
آ ڏور هندوري جي حسينن جي هٿن ۾،
حبشڻ ڪي ان ۾ لاڏ سان لڏندو ڏٺو اٿم.

منهنجي غربت ڪي سدا زردار هر ڪائي ڏٺو،
پنهنجي هٿ اڳيان ڪڏهن مان هٿ نه ڦهلائي ڏٺو.
مان سوين همراهه ۽ همدرد هر هنڌ تي ڏٺا،
پر نه مان ڳوڙهن اگهڻ لئه ڪنهن ڏي واجهائي ڏٺو.

غزل کان علاوه رباعي جي صنف ۾ به هن جا تجربا ڪامياب رهيا آهن.

منهنجو نه ڪنهن سان ميل يا مطلب آهي،
هر ڌرم لاءِ دل ۾ حب ـ ادب آهي،
انسان ڪي يڪوان سڏيان ٿو، منهنجو،
انسانيت ئي ڌرم ۽ مذهب آهي.

”فاني“ صاحب جا پنجڪڙا پڙهبا ته هر پنجن سٽن جي فريم ۾ سمنڊ سمايل نظر ايندو.

ڪين ڪي ناهي ڪٿ نه وجود،
ڪين دنيا ۾ ڪٿ آئي،
جڳت تي عرش جيان ڇائي،
اڇي ويو حد ۾ لامحدود،
ڪين ڪي ناهي ڪٿ نه وجود.

مطلب ته کيئلداس ”فاني“ صاحب جي شاعري فن ۽ فڪر جي لحاظ کان سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جو غيرفاني سرمايو آهي، جنهن کي فراموش ڪرڻ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ يا سنڌي ادبي تاريخ جو ناقابل تلافي نقصان ٿيندو.

دل جا بادل دل اڪ تي ڇانيل،
ٻوند ۾ منهنجي بحر سمايل،
دل ۾ آلو دود دکي ٿو،
”فاني“ ٻاهر آگ اجهايل.

---

# بيـــت

# بيت

دلي ڪيو ديدار، پنهنجي دل درپن ۾،
چت ڏسي ٿيو چٽ ۾، بيحد باغ بهار،
آيو اهنڪار، گهڙي سورڪ ماڻ ۾.

—

دلي پنهنجو پاڻ، پڌائي پورو ڪيو،
سندس سڀني ماڻ، وٺي ڪيئن واکاڻ،
پاڻ مٽان ڪيو ماڻ، مٽي خود مدمست ٿي.

—

ڪنير ٻڌي ٻڌاڪ، ٻنهي مٽي ماڻ جي،
چي: ناحق وينا ڪريو، هڪ ٻئي اڳيان هاڪ،
مان ئي ڪوٽي خاڪ، ڳوهي چاڙهي چڪ تي.

—

اڻ هوندو آيمان، سورڪ مٽي ماڻ جو،
پنهنجي تيج توفيق تي، مستي ڪيا مستان،
آن ڪنير تان قربان، جنهن مٽيءَ مان جڳ جوڙيو.

—

سڻي هڪ ڏينهن مارئي، جيئندي صديون سال،
سارن لاءِ سرڻ جو، ملندو ڪونه مثال،
محلن منجهه محال، جنهنجو جياپو ٿيو.

مُٺي هڪڙي مارُئي، ٻي ڪا ڪانهه مري،
لڪن مان ڪا لهسجي دردي دانهن ڪري،
ساعت ڪانهه سري، جنهن جي دلبر ديس ڪان.

—

تارا تنهنجي لاٽ، ڪسجي ويندي ڪن ۾،
هٿندءِ چنڊ چماٽ، ڪري پوندين پٽ تي.

—

ڏاڍو ڏاڍي سان ملي، سڏجي ٿو هڪ سنگ،
ٻوڏون ٻوڏن سان ملي سڏجن ٿيون سارنگ،
اهڙو شال امنگ، جاڳي هر جاتيءَ ۾.

*

# گیت

## هيءَ تنهنجو سنسار؟

بي ڏوهي ڏوهاري بڻجي پاپي ٿهر ڪمائي،
اشرافن جو پيٽ پٺيءَ سان ڪيئن ٿي پوڄن ڪائي.
اهڙو آتياچار! مالڪ! هيءَ تنهنجو سنسار؟

هڪڙا هليا وڃن دنيا مان دل ۾ آس دٻائي،
ٻين جي پاڻيءَ جي ترشنا تي شربت پياس بجهائي،
واهه ٻٽيو وهنوار! مالڪ! هيءَ تنهنجو سنسار؟

هڪڙو کيت پچائڻ لئه تو پل پل پاڻ پچائي،
ساري محنت ڪٽي وڃن ٻيا هو وينو واجهائي،
پينگ تيئن پنڊار! مالڪ! هيءَ تنهنجو سنسار!

هڪڙا در در جا بيڪاري هڪڙو راڄ ڪمائي،
هڪڙو ڪشٽ سهي سر تي هڪڙو عيش اڏائي،
اوند هم يا اسرار! مالڪ! هيءَ تنهنجو سنسار؟

ڪئي جي بيماريءَ تي ڪو ڊاڪٽر ڪي آڻائي.
ڇڙي ڇڙي ڪي ڇڏن دوا بن مانگه جان گنوائي،
لوڙ ڪين لاچار! مالڪ! هيءَ تنهنجو سنسار؟

ڪي جيوت ڪي جوئا سمجهي وينا داءَ لڳائي،
گهاون تي ڪو گهاءَ سهي ۽ چوٽ تي چوٽون ڪائي،
جيئڻ تيئن جنجار! مالڪ! هيءَ تنهنجو سنسار؟

هڪڙن جي رودن راڙي تي ٻيو تو ساز وڄائي،
هڪڙو سيٽ ٻٽيو آ ”فاني“ سؤ ڪنگال ٻڻائي،
عجب ٻٽيو آچار! مالڪ! هيءَ تنهنجو سنسار؟

# اڄ جو آواز

انقلاب ڳلو ڦاڙي تو ڪنا ڪري سر بـاز،
پيڳل پونگين چنل چنن مان آئي هليا آواز:
”ٻنگلن جـا بنياد هـلايـو،
پتيون پتين سان نہ ملايو“
ويريءَ تي ڪر وار – نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

صدين کان جو ٻٽيو آيو تنهن کي هاڻ ٻگاڙ،
بگڙيءَ پڻ پنهنجي بگڙيءَ جو عيوض پاڻ اکاڙ،
حق پلئہ آ تنهنجي بـاقي،
باغي! ٻي ڇا جي غمناڪي،
دور ڪرين آزار– نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

پيٽ پٺيءَ ۾ پيٺل تنهنجو سرندي مثل سرير،
تنهنجي قوت ڪي ڪير ٻڌائي ياقوتي اڪسير،
هت آن جي آ بي‌پرواهي،
تنهنجي مک ۾ ڪانہ گراهي،
ايـڏو اتياچار! نـہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

ڪلندو آيو نرڏن توتي! صدين کان ڏ نوان،
ناحق ڳڻ–چورن سان توتي ڏيکاريو ڳٺوان،
جيڪي تنهنجي‌سک جا ويري،
ڊاهي‌ڪر سي هڪدم ڍيري،
شر آ شاهوڪار– نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

پـراڏيـنـتـا آهـ بـڻـايـو چـاڪر بي آرامُ،
دنيادارن جـي در تي ڇا نـادارن جو دامُ،
انساني ورثاءَ نہ ڪن جي،
پائن ڪي ٽا پاءَ نہ ڪن جي،
تن سان ڪر تڪرار— نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

دنيا ۾ تبديل، نہ آئي تو ۾ ڪا تبديل،
دمُ دمُ دک پنهنجي جا دل سان دانهہ نہ ڪر دليل،
جيسين تو ۾ ناهہ سچا ئي،
تو ڪي ڪندي رهي درياءُ ئي،
ناداني، نـادار— نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

دنيادار سڏيندا تو ڪي رهـزن ۽ بـدمعاش،
تنهنجي اشرافت جو ليڪن ٿهلي ويو پرڪاش،
گذر بڻايو جنهن ڪي باغي،
تنهنجو چرتر آهہ نہ داغي،
نا ڏوهي نروار— نہ ڇڏ ڪو زوراور زردار.

# سورهيائي جو سبق

جڏهن غلامي ساهه گهٽيندي،
غيرت تن مان اڀري ايندي،
ڪهڙي دل قربان نه ٿيندي،
وين وڃڻ جي وير؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

مشڪل ۾ منجهي ڪيئن مانجهي،
پختي دل وهمن کان وانجهي،
صبح سڄي ٿو سورهه سانجهي،
دير نه پاڻ اوير؟
دل تان غم ڪر دور دلير.

جاڳڻ جو جڳ ناد وڄايو،
سيڪو سڄ تي ڪڏندو آيو،
توکي ڪنهن اڄڪي نه اٿاريو،
هي سانجهي نه سوير؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

ڪيتر پاڻ غلام سڏيندين،
ڪشت ڪشالن سان نه ڪٽيندين،
چرڪ پري بزدل نه ڇڏيندين،
هيڻائيءَ جي هير؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

سستيءَ جو جيئن ضعف ڊرو ٿئي،
همت جو هڏ پاڻ-پرو ٿئي،
ڪوشش ضايع ڪين ذرو ٿئي،
پانڌيئڙا ڪڻ پير؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

کاميابي خود پير چميندي،
فتح مبارڪبادي ڏيندي،
قرباني ڪل وير وڍيندي،
نحس غلاميءَ نير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

آهه اهنسا ويس ۾ آزي،
صلح رکي هنسا سان سازي،
بي هٿيارن جي چا بازي،
شير ڪري شمشير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

سورهم سيگَ سنباهي هل تون،
ٻانهن جو ڏيکارج ٻل تون،
دهشت سان ڏڏڪائج دل تون،
شان رکي وٺ شير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

ڪونڌر ڪنڌ ڪپائڻ سک تون،
نيزي نوڪ نوائڻ سک تون،
رڻ ۾ ريج وڌائڻ سک تون،
ڇڏ ڀڄندن جا پير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

قوم نه سا قسمت کي روئي،
دشمن جو جا خون نچوئي،
مستڪ جا لوهُو سان ڌوئي،
ڍونڍين لائي ڍير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

## قومي گيت

آئـو جـاڳـو ويـر جوانو،
غـفـلـت جـو نـاهـي زمانو،
غفلت جو هان، فرحت جو هان، عشرت جو ناه زمانو ... آئو .

ديس ڇـڏي ڌاريـا ورسائي،
پنهنجن تي کو ترس نه آيو،
مـلـڪ بـڻـيـو ويـرانو،
هي هي ملڪ بڻيو، هاءِ ديس بڻيو، هاءِ وطن بڻيو ويرانو .... آئو .

بکن کيو بيحال بکين کي،
انگ اگهاڙن دين ڏکين کي،
درد کـيـو ديـوانـو،
هاءِ درد کيو، هاءِ ڏکن کيو، هاءِ درد کيو ديوانو .... آئو .

دل آ ولايتي ويس وڳن سان،
ڌن ڌارين ڏي پنهنجي هٿن سان،
روز کـيـو ٿـا روانـو،
هاءِ روز کيو، شب روز کيو، هر روز کيو ٿا روانو ... آئو .

پـيـن ساڪن آزادي ماڻي،
منهنجي پوسي آهي ويڳاڻي،
گـونـدر جـو گـذرانـو،
هاءِ گوندر جو، هاءِ سورن جو، هاءِ دردن جو گذرانو .... آئو .

”فاني“ ويئين فرض وساري،
منهنجي ماتا پيئي پڪاري،
راهـه تـکـي روزانـو،
هاءِ راهه تکي، هي هي وات تکي، هي هي راهه تکي روزانو .... آئو .

# آتما ۽ امنگ
## (منهنجي جيجل)

او منهنجي ڀڳڻ ٻولي تون جيجل لک مائن جي ماءُ،
تنهنجي ٻولن جو ٻنڌڻ ۾ ڀتو پيار پريو پرلاءُ.

تنهنجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ڀريون پيار پڪاريو،
هڪ هڪ حرف هلي هردي جي تارن کي والاريو،
توسان منهنجو موهه، جڏهن کان سالم هو نه سماءُ .... جيجل.

سون اديبن عام عقل سان تنهنجي گود سينگاري،
هردم تنهنجي گلشن ۾ آ قائم بوءِ بهاري،
تنهنجي گل غنچه ۾ ڦهليو هرهنڌ آهه هگاءُ ... جيجل.

جنهن ڀوميءَ تي جنم لهي تو جنم ڏنو جذبن کي،
تن جذبن ۾ جاءِ ڪئي هئي فتنن يا فرقن کي،
جيءَ ۾ جاءِ ڏيئي ڌارين سان سڪ جو ڪيئه ورتاءُ ... جيجل.

سور ڀريل سسئيءَ جا تو ۾ موسل جو مرجهائڻ،
سهڻيءَ جي سڪ، مارن جي چڪ ليلان جو ليلائڻ،
نوريءَ جي نئڙت نڪتن سان تو ريجهايو راءُ ... جيجل.

طوفانن جي ضد ۾ مون هت تنهنجي جوت جاڳائي،
رام، شيام، دلگير، دڪايل تنهنجي مهما ڳائي،
شاهه، سچل، سامي جو ڦهليو هت شهرت جو شعاءُ ... جيجل.

جيجل تنهنجي جيوت هت آ سڀ کي ساهه سمان،
تنهنجي آهه زبان اسان لئه واليءَ جو وردان،
"فاني" تنهنجي پيار ۾ پوندو ڪيئن گهاريءَ گهاءُ .... جيجل.

ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟
ڪير هتي منهن کولي سگهندو؟
ڪُوڙو سچ ڪو ٻولي سگهندو؟
ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟

بند نه هوندي بند ۾ آهيون، ڪوٽ هجي جي ڪوٽ به ڍاهيون،
ذهن جو ڪيئن ٿئي زندان؟، ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟

هر هڪ هڪڙي ڏي واجهائي، همت ويٺا سڀ هارائي،
ڪوبه نه جاڳي جبرو جوان، ڪنهنجي منهن ۾ آهه زبان؟

ڪم عقلن کي ٿو ڪي لائي، ٻورا لوڪ وجهي ٻٽيلائي،
اڳ ۾ اڳرو ٿي اڳوان، ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟

ٻل ڪو سير سڏائي ماسو، پنهنجو قائم ڪنڊ ۽ پاسو،
ڪير ڪُڏي ماري ميدان؟، ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟

ساقي اهڙو جام پياريو، سڀڪنهن پنهنجو پاڻ وساريو،
هوش وڃائي ٿيا حيوان، ڪنهن جي منهن ۾ آهه زبان؟

# ياد فرياد

گذري جو ويو، سو زمانو ياد ٿو اچي،
وسري جو ويو، سو فسانو ياد ٿو اچي.

دل ٿي چوي ته باهه لڳايان بهار کي،
گلڙن جي بجاءِ آءٌ چُمان خار کي،
برباد جنهن، آشيانو ياد ٿو اچي.

تحقيق غلاميءَ ۾ سون آزاد گذاريو،
آزاد ٿي پڇري مان مون پڇرو نه وساريو،
لٽجي جو ويو، سو خزانو ياد ٿو اچي.

پنهنجي وطن جا گيت مون ڳايا ٿي وطن ۾،
بلبل ٿي ڪئي چاهه مان چونگار چمن ۾،
”فانيءَ“ کي اهو اڄ، ترانو ياد ٿو اچي.

# ڪيئن وسري

(١)

اڄ سو وارُ وري وري آيو،
پاڻي پنبڙين تي تري آيو،
پل ڇا! سال سڄو سري آيو،
پڇي نہ من جي پياس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

(٢)

سنڌ ماڳ تي سوڻي آئي،
سنڌي تو چو دير لڳائي،
وات تي لاشڪ وات وڃائي،
نيڻ نہ ٿين نراس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

(٣)

رنج پريا سڀ روز روان ٿيا،
گلشن جا ڪل ساز سنوان ٿيا،
گلڙن جا گل پوش نوان ٿيا،
ڪونج اچي وٺ واس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

(٤)

هُن پر هوا اندر جا گهُوگهُو،
هن پر ڪجي اچي ٿي هُوهُو،
ڪونج اها سڀ تنهنجي ڪوڪو،
ڪيئنچي هوش حواس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

(٥)

ڏڪندي ڏڪندي ڏينهن نپايان،
روز ڏکن جو ڏيل ڏکايان،
سورن ساٿين کي سمجهايان،
"ڪيو نہ آس آداس"،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

(٦)

لڙڪ اکين جا ٻاڦ ٻڻائي،
هوا ڪٿي تو ڏي پهچائي،
ٻار جيان تو سان ٻاڏائي،
هردي ناهہ هلاس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

(٧)

تو بن گل لالاڻ ڇڻي ٿي،
ساوڪ ۽ سرهاڻ ڇڻي ٿي،
چانڊوڪي چانڊاڻ ڇڻي ٿي،
اوندهہ آهہ آماس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

(٨)

"فاني" ڪئن تو ڪونج وساري،
جنهن جو سهڻد سنڀاري،
تن منهنجو تو طرف تنواري،
لوڪ سان آهہ لباس،
دل ۾ آهہ دلاسو آس.

مان ڪوڏ ڪچو، تون لال امل.
تون ڪچ ۾ هجين، مان تيج نه هجان.
تون ڪٽ ۾ هجين، مان جت به هجان.
مان توکي پيلان، تون مون کي نه پيل.
هيءَ منهنجي حجت، آزيءَ جي علت.
رهڻي نه رهت، صورت نه صفت.
مان خار مثل، تون گل ئي گل.
مان روئان روئي، ڳل ڌوئان ڌوئي.
ڪري پال ڪوئي، ونڊي حال ڪوئي.
ڪپين تون نه فقط، ڪپي تنهنجو وصل.
ڏسي شخص شهر، ڏسي پلڪ پهر.
جئن ڳولي بحر، حيران لهر.
وسمئه ۾ جزو، ڪل لئه وياڪل.
تون منهنجو اصل، مان تنهنجو نقل.
"تون" "مان" ۾ اچي، ٿئي چرخ عقل.
تون منهنجي صدا، مان تنهنجو ئي هل.
مان ڪوڏ ڪچو، تون لال امل.

جنم جنم جو توسان ناتو، پريتم مون کي پاڻ سڃاڻ،
ساجن تو مون کي نہ سڃاتو، ڄاڻي ٿو ٻڌين اڻ ڄاڻ.

مالڪ تون مون سنجهہ رهين ٿو، ڏک سک پنهنجو پاڻ سهين ٿو،
مان ڀوڳيان يا تون ڀوڳين ٿو، چت ۾ هيءَ ڇا جي ڇڪتاڻ.

تون ۽ مان هڪڙي رنگ آهيون، هڪ ٻئي سان ساٿي سنگ آهيون،
ساز ۾ جيئن آواز لڪل آهہ، گل سان گڏ جئن آ لالاڻ.

تون ٿئين کير مان ڇاڇ ٻٽيس، تون مون کي مان توکي وٽيس،
هڪ ئي شيءِ جا روپ نرالا، ڏڌ مکڻ يٻا کير سنباڻ.

لهر مان تنهنجي تو ۾ سمايل، تہ بہ تو لئہ مان آهيان اڇايل،
منهنجي پل پل جي پيڙا مان، موج مچي تو ۾ مهراڻ.

منهنجي من ۾ تنهنجو واسو، دم دم تون مون لاءِ دلاسو،
"فاني" فرق مٽي تون من جو، راضي ئي ڪر روح رهاڻ.

# سازيندڙ سو ساز وڄاءِ

سازيندڙ سو ساز وڄاءِ،
تن جي تاس ٻجهاءِ:

ڪير ڳنڍي سازيندڙ توريءَ، تو جا تار اڪيلي،
منهنجي هٿ ۾ ناهه هٿوڙو، هاتڪ هٿ، نه هٿيلي،
حڪمت پاڻ هلاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

تو وٽ ٻيچ گهڙ، جوڙ جڙت لاءِ، ڊِگهه سازن جا ڍيري،
ڏاهيو ڊاهين، ڊاهيو ڏاهين، ڪل ۾ ڪيڏ ڦٽيري،
ٻورن کي نه ٻنواءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

مون کي ڏيئي وري وٺين جي، وٽ ٻل، ڏي موٽائي،
تنهنجو ساز جو مون وٽ آيو، مون کو رکيو ڦٻائي،
ناتو تــوڙ نڀاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

وڄندي ويڻان تي تون جڏهين، ڦهر جا هٿڙا ڦيرين،
ڇاتيءَ سان لاتل کي ڇيڙيون، ڪيو هٿن سان ڪيرين،
راز اهو سمجهاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

ان حرڪت مان شايد تو کي، فرحت عين اچي ٿي،
جيون جي لاشڪ حسرت تي، تنهنجي موج مچي ٿي،
ڪلندن کي نه رئاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

ساز اندر آواز ٻريــن تــو نــاڪ سٽا سان ناهي،
ٻڌڻ ٻڌائڻ ڪان اڳــ ۾ ئـي ڊول ڇڏين تو ڊاهي،
ڇــوڪــراٽــي ڇــا لاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ.

"فاني" جڙت گهڙت ۽ ٻيچ ڊهــ بيشڪ راز ٻري آهــ،
درد ٻري دل تان نــہ مگر ڪاٽي ڦڪرات ڊري آهــ،
روئــنــدن ڪــي پرچاءِ،
سازيندڙ سو ساز وڄاءِ،

# پريتم تولءِ من مستان

دور افق جي سرحد تي ٿو چنڊ ڪري چمڪاٽ،
سڪ جو ساٽ وٺي مان نڪتس گهوريندي گهرگهاٽ،
لوڪ لڄا ٿي ڏيل ڏڪائي سڪ ساجن جي پرم پلائي،
وک وک وڌندي دلبر جي در اوکي ٿي آسان،
پريتم تولءِ من مستان.

اڀري چنڊ لهي ويو پل ۾ ڇيڙي سڪ جو ساز،
ڪيئن اچي آرام ڪنن ۾ گونجي ٿو آواز،
دل جو ديپ جلائي هلندس پير پير ۾ ٻائي هلندس،
ڏيئو نه ٻرڪڻ ڏيندس توڙي تيز لڳي طوفان،
پريتم تولءِ من مستان.

رئندي رئندي نير سڪي ويو روئڻ آ درڪار،
ٻادل! آءُ سڪل نيڻن کي ڏيئي نير رئار،
جيئين اکيون آليون ناهن پريتم جو ڪيئن من پرڀائن،
درد ڀري دل جو ڪيئن ظاهر اکيون ڪن ارمان،
پريتم تولءِ من مستان.

آشائن جي تارن سان آهه گود ڀري آڪاس،
منهنجي جهول ڀري ٽانڊن سان جلي جسم جو ماس،
سواس ٻٽيو آ دل جو دونهون سور ٻٽيو ڪيئن دل جو سونهون،
دل جي درد مٽائڻ جو آ دلبر وٽ درمان.
پريتم تولءِ من مستان.

هلندي هلندي ختم نه ٿيندو پربت جو پنڌ اجهاڳ،
جاڳڻ ۽ جاڳائڻ سان ٿو ٿئي نه ڀاڳ سجاڳ،
هن مارگ جو پنڌ پڄائڻ "فاني" پنهنجي جان گنوائڻ،
آشائن جو مرگهه ٻڪائي رڃ اندر انسان،
پريتم تولءِ من مستان.

## مُنهنجا گيت اڌورا آهن

بند اڌورا ڇند اڌورا قافيہ پڻ اڻپورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

اڌ جيوت آس ۾ گذري اڌ گذري اڌمن ۾،
پر ٿڪن کان سو سو ڀيرا سرس ٿيني سڏڪن ۾،
عيد جو هڪ اڌ ڏينهن هوندو پر پيا سڀ ڏينهن عاشورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

ساقي اڌ پوريل اکين سان مستيءَ ۾ متوالو،
سڀ جي ڀر ۾ ڀريل بوتل منهنجو اڌ ٻہ نہ پيالو،
انءَ انءَ مان لرزش غائب ٿي ساڻا انگ سمورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

سوز ڀريو تو راڳ رڳن مان دم دم درد سڻائي،
پنهنجي ئي پورن کان وينس پنهنجي جان جلائي،
نغم نغمان ناهن پر ڪي غم جون ڪاٽيون ڪورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

ڪيئن ڪنهن کي مخمور ٻڌايان مون وٽ ڪا ٻم نہ مئہ آهہ،
آلاپيان يا ورلاپيان ٿو گيتن ۾ ڪا تار نہ لئہ آهہ،
تان سرياي ناهہ رسيلي سڀ ٻي تار تنبورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

رات اڌوري چنڊ اڌورو محب سان ميلو آهہ اڌورو،
آس اڌوري پياس اڌوري پراڻ اڇي ٿيا پورا آهن،
منهنجا گيت اڌورا آهن.

## بسنت بهار

او هاي آئي ڪٿان آ بهار،
مٽڪ مٽي تي پائي گلن جا خار بڻيا گلزار.

قدرت ڪهڙا رنگ رچائي اپ مان ڪئنسر واءُ وسائي،
هيٺ لٿي آ سرڳ منجهان ڪا هير مٺي مهڪار،
هلي آئي ڪٿان آ بهار.

وڻ ويٺا سرتال سلائي گيت ملڻ جا ڳيرو ڳائي،
بلبل ڪان وڌ مست ڀنور جي گلشن مٿان گونجار،
هلي آئي ڪٿان آ بهار.

موسم ويٺي ميندي لائي هار بهار بسنت کي پائي،
جوڙن ۾ جشنن جو جاڳيو آهه امنگ اپار،
هلي آئي ڪٿان آ بهار.

برج سمورو برندا بن آهه ڇهه ڇهه سان ڀرپور چمن آهه،
"فاني" سڪو ٿو ساراهي سرشتيءَ جو سينگار.
هاي آئي ڪٿان آ بهار.

# يڳ جو آواز

مان آهيان يڳ جو آواز،
هرهڪ يڳ ۾ رهندو آيس هر دل جو همراز.

ڪيئن مٽندا بک بيروزگاري نعرن سان تہ پڇي بيماري،
ناممڪن، ممڪن ٿي پوندو مان جيئن سوريان ساز.

ست ئي جي ڪا آفت ايندي حق جي جي نہ حفاظت ٿيندي،
منهنجي نس نس اڀري آئي بي رحميءَ ڪي باز.

مشڪل ڪي مشڪل نہ مڃان مان منزل جي حد پاڻ پڄان مان،
اڳتي اڳتي هلئي هلڻ جو مون وٽ آ انداز.

گهري ساگر منجهہ رهان ٿو اپ ڪان دور مٿي اڏران ٿو،
طوفانن سان پر ٽڪرائي آءٌ ڪريان پرواز.

وقت جي ڦيٽي کي ڦيرايان ذرتيءَ سان آڪاس ملايان،
ڪنڌي کي ساراهي گل جو آءٌ نهوڙيان ناز.

اندڪار ۾ جوت جڳائي گمراهن کي راهہ لڳائي،
عاجز کي بيخوف بڻائي آءٌ ڪريان اعجاز.

## اخلاق - املاڪ

ماٺ تو من کي من سان توريان،
دنيا پيئي دولت کي پوڄي، ماڻ ڏن کي منتان ڏوکهوريان،
ماڻ تو من کي من سان توريان.

دنيا کي املاڪ وڻي ٿي، ڌرتيءَ جي دز خاڪ وڻي ٿي،
مون کي ماڻڪ موتين عيوض، موتين جهڙي ماڪ وڻي ٿي،
سر نه هٽن جي سيڙڻ لائق، ماڻ ڏڪ چا لاءِ ڏوريان،
ماڻ تو من کي من سان توريان.

ماڻ قارون ڌريسان قدمن ۾، ريجهي روح نه تو رتنن ۾،
دور پڇي دنياداريءَ کان، ماڻ سک ماڻيان تو سپنن ۾،
رج جي پوئتان اڄ کٽي ماڻ، جيءُ نه هرگز جهوريان،
ماڻ تو من کي من سان توريان.

ماڻ جنهن گل کي هٿ لاتو آ، ڪنڊن اپري چڪ پاتو آهه،
من جن ناتن لئه آتو هو، اڄ نه انهن جي لئه آتو آهه،
اهڙي "فاني" دنيا کان ماڻ، پاند ڇڏايان هوريان هوريان،
ماڻ تو من کي من سان توريان.

سهڻو سڪ وارو سنسار،
پيار جي جت ڪٿ آهہ پڪار.

ڪڻ ڪڻ تي آ ڳاڙهو رنگ،
جئن ڳاڙهي جوڙ جو سنگ،
پريم سندرتا جي پيهي تي چڙهي ٿو هڪلي جهار سهڻو...

پيچ پنيءَ جو آيو ويلو،
رات رنل سان سج جو ميلو،
ملندي وڇڙي نيڻ تمائي نئين نويلي نار سهڻو...

قاصد ڪانگ اڏامي آيو،
ڪوڙي 'ڪان' 'ڪان' من پرمايو،
پت تي ويٺي ڏئي دلاسا پر نہ وڃي ٿو پار سهڻو...

هاءِ! حجاب ڪري ڪيئن واڪو،
پيار جو ڪونہ وڃي جئن ڏاڪو،
"فاني" دل جا پور پچن شل تند بنا ڪنهن تار سهڻو...

## سڪ ـ ١ ـ درس

او موڪ انسان!
سڪ جي گولا ۾ دڪ پوڳي هر هر ٿئين حيران ڙي•

١ـ تون گل کي ڪلندو تہ ڏسين ٿو، مٽيءَ ۾ ملندو تہ ڏسين ٿو،
مشڪل سلي هزارن ڳوڙهن پوئتان هڪ مسڪان....
او موڪ انسان!

٢ـ هن دنيا جون هيٺ مٿاهيون، چڙهون لهون پيا چاڙهيون لاهيون،
هلندي هلندي ساهہ پٽيون ڪٿ، منزل ناهہ مڪان....
او موڪ انسان!

٣ـ ”فاني“ جڳ جا کيل تماشا، پل ۾ آشا پل ۾ نراشا،
مرگهہ مثل پاڻيءَ جو دوکو، رڃ ڏئي ريگستان....
او موڪ انسان!

●

سڪ سپنو پاڻءَ، دڪ پاڻئج مهمان،
ٻنهي جي ميلاپ مان، جڙيو هيءُ جهان،
دڪ سڪ پاڻءَ سمان، تہ مونجهارو مٽجي وڃي•

## ٻه ڀريمي

او پروانا ! تنهنجو منهنجو ساڳيو رستو ساڳي راهہ،
آءٌ چڪور ۽ تون پروانو چت ۾ ساڳي ساڳي چاهہ۔

١- چنڊ تي آءٌ چريو آهيان تون شمع مٿان مستان،
تون پيو چاهين مان پيو چاهيان جان ڪريون قربان،
محب ملڻ جي ٻن دلين ۾ آهہ اڪير اٿاهہ، او پروانا!....

٢- پر پروانا تنهنجي پرن ۾ آهہ جلڻ جو جوش،
مون کان وڌ بيشڪ تون آهين متوالو مدهوش،
جان جلائڻ ڏاران توکي ڪانہ وٽي ڪا واهہ، او پروانا!....

٣- تنهنجو پريتم هت آهي، پر منهنجو آ پرديس،
پيئي اڃايل پيئي اڃايل پياسو پياسو ويس،
تنهنجو سڙي سڌي ٿو توکي منهنجو بيپرواهہ، او پروانا!....

٤- پروانا تون امر ٿئين ٿو پل ۾ جان جلائي،
پر منهنجي چت کي چانڊوڪي پل پل پيئي پچرائي،
”فاني“تو جيئن ڪيئن جلي مان پورا ڪيان پساهہ،
او پروانا تنهنجو منهنجو ساڳيو رستو ساڳي راهہ، او پروانا!....

ماء جي تہ ماء ساڻ ھجان ھا،
جو ماء پنھنجو پاڻ ھجان ھا.

١- ساگر شانت رھڻ جي چاھي،
پوي ڪنارن ڏي جو ڪاھي،
ماء چولي چاڪاڻ ھجان ھا، ماء جي....

٢- سڀ ڪجھہ ماء ڪيچ بڻي پيس،
تنکو تڏڙو تيچ بڻجي پيس،
بوند نہ ماء مھراڻ ھجان ھا، ماء جي....

٣- آس انبلت سچ چنڊ ستارا،
شفق افق جا سرخ نظارا،
ماء نڀ جي نيلاڻ ھجان ھا، ماء جي....

٤- ماء جي تہ ھجان سمايل،
تہ جئن ساري جڳ تي ڇانيل،
ماء پراڻن جو پراڻ ھجان ھا، ماء جي....

٥- منھنجي صحبت ماء ڪٿ تي پئين،
سون ماء شايد تون تڪجي پئين،
تون گُل ماء سرھاڻ ھجان ھا، ماء جي....

٦- ماء تن تنھنجو تون منھنجو من،
بڻجي سارو سک مٿہ جيون،
جو اک جي آلاڻ ھجان ھا، ماء جي....

# سرتيون ساٺوڻ ڪيئن ملهايان!

منهن موٽي پر محب نه موٽيو،
ڪنهن سان روح ريجهايان، سرتيون ساٺوڻ....

١- جڏهن جڏهن اڀ ۾ بجلي پرڪي،
تڏهن تڏهن وياڪل دل تي ڌڙڪي،
البيلي جي اوسيئڙي ۾،
پل پل سر سوريءَ تي اڙڪي،
ڪرن کي جهولي ڦهلايان، سرتيون ساٺوڻ....

٢- اکڙيون! آليون ٿيون نه اڪڀ ۾،
روح وندي روڪيو رڳ رڳ ۾،
ڪرن جو جڏهن هيانءَ نه ڦاٽي،
دلبر روڪي چڏن نه دڳ ۾،
پاڻ کي پاڻ پئي پرچايان، سرتيون ساٺوڻ....

٣- پر موسم تي جوڀن آيو،
ڪرن عرض اصل نه اگهايو،
منهن ڪارا دل جا ڪارا تي،
گجگوڙن ڪان کين گهٽايو،
ادڪن ۾ تي ڏيل ڏکايان، سرتيون ساٺوڻ....

۴- چت جا چن ڦونهارا ٿي پيا،
گهر جون ڀتيون گهارا ٿي پيا،
برهه جو اهڙو بند ڀڄي پيو،
نيڻ ڀڄي نيسارا ٿي پيا،
جل ۾ جوڀن پيئي جلايان، سرتيون ساٺوڻ....

۵- غم غربت جو ڪونه ستائي،
پير پرين جي گهر ۾ پائي،
هڪ غربت ٻي ”فاني“ فرقت،
سور ۾ سور ٿو سرس ستائي،
رئندي رئندي حال وڃايان،
سرتيون ساٺوڻ ڪيئن ملهايان.

لنئہ نہ اجايو لات پکيئڙا! لنئہ نہ اجايو لات،
تنهنجي لات مان ساجن سمجهي ڪانہ برهہ جي بات.

۱- نيڻ نراشا جا اگهندي مان وينس پاند پسائي،
هوا گهلي منهنجي اکين جا ڳوڙها ڪيئن سڪائي،
هڪ ڏينهن ناهي روز اکين ۾ بادل ۽ برسات، پکيئڙا....

۲- جيئن جيئن پرين وسارڻ چاهيان تئن تئن ياد اچي ٿو،
جئن جئن حال ونڊڻ ڪو چاهي تئن تئن درد مچي ٿو،
ڏينهن ڏکن جا چپ ۾ گهاريان رئندي گهاريان رات، پکيئڙا....

۳- سون کي ساجن جون تن من ۾ آهن روز تنوارون،
وينو آهہ وساري تنهن ڏي کهڙيون منجان مياورن،
آهہ اصل کان سڪ وارن وٽ سورن جي سوغات، پکيئڙا....

۴- پوري طرح نہ ٿيو پترَ کولين شايد پار پچڻ لاءِ،
قرب قريب ڪري ڪيئن ايندو سون وٽ محب ملڻ لاءِ،
”فاني“ ناحق لات لنوين تو جا ڳائين جذبات، پکيئڙا....

ماروئڙا، سانگيئڙا، جهانگيئڙا،
پرين منهنجا پري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا....

١- دم هڪڙو جي ڏار نہ ٿئي ٿيا،
تن کي ڏسندي سال لنگهي ويا،
تڪي آهون پري، دل دانهون ڪري،
ماروئڙا....

٢- سانگين جي سڪ ساهہ سڪايو،
ڪونہ پرين جو قاصد آيو،
من ماندو مري، دل دانهون ڪري،
ماروئڙا....

٣- ”فاني“ قيد ۾ قابو آهيان،
ويڳاڻي تي پئي واجهايان،
لکيو ڪين ٽري، دل دانهون ڪري،
ماروئڙا....

اکين مان ڳوڙها وهندا ڪيسين دل جو دک سهندا،
درد دٻائي دل جو دل ۾، چاڪ به ڪيسين چپ رهندا.
دنيا ڪنهن کي چا ڏيندي،
ڪنهنجي دل پوري ٿيندي.

واريءَ جي بنياد مٿان، ڪيئن اميدن جا گهر ٺهندا.
ٻولڻ جي لئه دل خواهان،
مک ۾ تہ بہ آ بند زبان.

اندر جا آواز مگر، اظهار جو در ڳولي لهندا.
آس نہ دل مان ٿئي نراس،
آس ۾ "فاني" رک وشواس.

تريءَ مٿان تقدير جا ليکا، ڍاهڻ سان ويندا ڍهندا.

توکي ڪيئن پرچايان پريتم، توکي ڪيئن پرچايان •

۱- ڪير ڳاڻي جو ڳاٻرو پي ويو، ڌڻ ڪان اڳ ئي جوڙو ٽي و يو،
ڀنور ڳلن مان واس وٺي ويو، ڪهڙي ڀيٽ چڙهايان، پريتم ••••

۲- ڀوڳ لڳائڻ توکي اجايو، جڻ ڪان اڳ تو قوت ٻڌايو،
جو ساري جڳ کي ڪارائي، تنهن کي ڪيئن ڪارايان، پريتم •••

۳- تنهنجا سج چنڊ جڳ جرڪائن، جت ڪٿ ٽا پرڪاش پچائن،
تنهنجي تجلي تيج اڳيان مان، ڪهڙي جوت جڳايان، پريتم •••

۴- جل جا مڇ ڪڇ جل ۾ ڳهارن، تنهنجو ڳنگا جل ٽا لٻاڙن،
تنهنجي شـد اشنان جـي خـاطر، نيـڻين نير وهايان ••••
توکي ڪيئن پرچايان پريتم، توکي ڪيئن پرچايان، پريتم •

وسي ٿي ڪرڻن جي برسات، اڃان اڌ رات،
پرهه جي پيرن ٿي پرڀات، اڃان اڌ رات.

رات جي چادر ۾ آ چنڊ،
محبت جو آ وچ ۾ منڊ،
ٽڪڻ جي تارن ڪِي آ تات، اڃان اڌ رات.

لڳي ٿي ٽڏڙي منڙي هير،
ڪري ٿي ماٺا ساهه سڌير،
اچي ٿي جنبش ۾ جذبات، اڃان اڌ رات.

اڃان پکين جي ڇهه پهه بند،
اڃان مکڙين جي بند سڳنڌ،
لنوي ڪوئل نه ڪٿي ڪا لات، اڃان اڌ رات.

ڇڻي ٿو شبنم جو رس رنگ،
پري ٿي هر شيءِ منجهه امنگ،
لهي ٿي سرڳ منجهان سوغات، اڃان اڌ رات.

نشا جو چاڙهه نشو ٿيو دور،
شفق جي سينڌ پري سندور،
نه رهندي رات جي ڪا ڦڪرات، اڃان اڌ رات.

دنيا ۾ گذاري لئه غـم ۾ ڇـو گذارين ٿو،
دم دم ۾ دکي دانهون پل پل ڇو پڪارين ٿو.

١- ڪيڏي نہ ڪشش آهـي نوراني نظارن ۾،
سـج چـنـڊ هوا ڌرتي تـارن ۽ ستارن ۾،
ڪلهن مان ڪيڏي ڪنڌ تون مٿتي نہ نهارين ٿو.

٢- تو لاءِ اچڻ ڪان اڳ سواگت هو سرشٽيءَ ۾،
توکي نـہ نظر آيـا درشيہ ٿـي درشٽي ۾،
تـن من جا اندر تحفا سڪ جا نہ سنڀارين ٿو.

٣- گلشن مان سحر تـو لئہ هہڪار کڻي آئي،
ديدن ۾ دو-پهري پـڻ ديـدار کڻي آئي،
ڇو شام ٿيڻ ڪان اڳ سپنن کي سمهارين ٿو.

٤- جهرڻن جي ڏني جهيڻي شبنم تي نشوگل جو،
پـڙلاءَ پنن تـي آهـہ بـي ساختہ بلبل جو،
ڇو نار جي نغمن سان نس نس نہ تون ٺارين ٿو.

٥- جيوت جـي گلستان ۾ گل خار گڏيل آهن،
ڏينهن رات مثل لاشڪ سک دک سان مليل آهن،
فرحت کي ڇڏي "فاني" گهايل ٿي ڇو گهارين ٿو.

دنيا ڪنهن جون واهون وٺندي،
ڪنهنجون روڪي راهون وٺندي.

جيئن جيئن وجهندي روڪ رڪاوٽ،
تيئن تيئن سڪ جي سرس سجاوٽ،
پيار پريون ڪئن گهلي لڳڻ ڪان،
ڪنهنجون پڪڙي ٻانهون وٺندي، دنيا ڪنهن جون...

دنيا جي لڄ ڇا ٿيندي آهه،
دنيا ڪنهن کي ڇا ڏيندي آهه،
ڏيئي وڇوڙو سوز سڪايل،
دل جون آهون دانهون وٺندي، دنيا ڪنهن جون...

سوجهاري کي روڪي رکندي،
اونداري جي ٻجلي ٻکندي،
ڪنهن جا ڪنهن جا جاڳڻ وارا،
ٻوڙي نيڻ نگاهون وٺندي، دنيا ڪنهن جون...

دنيا اهڙي نردئي ٿيندي،
واٽون واهون وجهه جهليندي،
پريت نمائي جهول جهلي، دڳ،
داتا جي درگاهون وٺندي،
دنيا ڪنهن جون واهون وٺندي،
ڪنهن جون روڪي راهون وٺندي، دنيا ڪنهن جون...

## ماڻ ڳاوان تو ڳائڻ لاءِ

ماڻ ڳاوان تو ڳائڻ لاءِ،
من جي مونجهه مٽائڻ لاءِ.

ڳائڻ منهنجي جان جياپو،
جنم جو جنهن سان لڳ لاڳاپو،
ناتو نينهن نڀائڻ لاءِ،
ماڻ ڳاوان تو ڳائڻ لاءِ.

ديو لوڪ مان دات ملي،
سرگم جي سوغات ملي،
سر سان تار ملائڻ لاءِ،
ماڻ ڳاوان تو ڳائڻ لاءِ.

تار ۾ آ داتار جو واسو،
دک ۾ دل جو آهم دلاسو،
ڌرتي سرڳ بڻائڻ لاءِ،
ماڻ ڳاوان تو ڳائڻ لاءِ.

## اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات

آسمان ۾ ڪونهي ڏسون ٿا بادل يا برسات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

ڏينهن جو ڏنڌ جڏهن آ جاري، رات جي ٿيندي ڇا ظلمات،
مڙس مهانڊو ويڙهي ويٺا، ڪنهن جي ڪير مڃائي ذات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

ٽانڊاڻو دو ڪي ڪان آيو، ڪوئل ڪانءُ لنوي ٿي لات،
صدين کان ساٿا سهيل، ڪئن جاتيءَ جا جاڳن جذبات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

ڪالهه ڪي حال سان ڇونٽا پيئيو، ڪالهه جي ڪيڏي آهه اوقات،
اڄ جو ڏينهن لڳي ٿي رات.

# منهنجي دل گهاون جو گهر

منهنجي دل گهاون جو گهر، گهر منهنجي ڪان ڪيو گذر،
گهمندي گهمندي گهاو ٽڪي پيا پٽڪيا ٽي دردر،
آخر اچي اسان وٽ لاٿو سورن ساٿ سمر،
هوريان هوريان هڪ هڪ گهڙندو ويڙهي ويو ولر،
گهاو اهي جي گهڙي نه گهٽجن جن جو پل به پهر،
مون ٿي سمجهيو مون سان ئي ڪيو قسمت آهه قهر،
جن گهاون کي مون ٿي پاليو درد ڀريو ڏمچر،
سچ ته اهي ئي ثابت ٿي پيا آٿت ۽ آڌر،
سورن جي سڪرات سحر ڏي سولو ڪيو سفر،
خود به ڏکن ڪان ڏکجي ڏک جو ڏري پيو ڏونگر،
دردوندن لئه همدردي جو جاڳيو جوهر،
منهنجي ڳوڙهن خشڪ پنن جو تازو ڪيو ترور،
منهنجي دل گهاون جو گهر.

او درد ڀري دل جي دنيا، تو ۾ غم هردم وسندو ئي رهيو،
جيئن جيئن تي بهار جي رت آئي، تئن تئن ٿي چمن سڙندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

١- طوفان تکو گهلندو ئي رهيو، ڏرڪي ٻه ڏيئو ٻرندو ئي رهيو،
او ندم ڪان انڌاري ايندي رهي، ڪارنهن ۾ ڪنڪ هاندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

٢- گذريءَ جو ذڪر ايندي‌ءَ جو فڪر، سورن جو سمر قدرت جو ڏهر،
سڀ ساڻ سڻائو هو نه سفر، منزل ڏي قدم وڌندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا...

٣- ڦوٽا ٿي ڦٽا ڪشتيءَ سان ڦهر، بي ترس لهر بي قياس بحر،
افسوس اهو چپ چاپ سگر، ساحل هي غضب ڏسندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا...

٤- دل واري ڪا دنيا دور هئي، تصويرن سان ڀرپور هئي،
بيشڪ سا نظر جو نور هئي، ڪئين چترقام ڪيندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

٥- همدرد تي ڪوڙهو وهاءَ قضا، ڏس ڪيڏي ملي آ وفا ڪي سزا،
سک ۾ آ دکي "فاني" جي فضا، برسات ۾ گهر جلندو ئي رهيو،
او درد ڀري دل جي دنيا....

# مٺڙا گيت

(۱)

تون ٿئين رهبر مگر رهبر نہ ڇئہ،
پاڻ کي مون کان ڪڍهن بهتر نہ ڇئہ،
مون کي هن گهر ۾ ڇڏي ٻي گهر نہ ڇئہ،
در ڇڏيم تنهنجو تہ تنهن کي در نہ ڇئہ،
مان نہ شل تنهنجي سهاري تي ٽڳان،
شل نہ تنهنجي آسري جي لڙهہ لڳان.

(۲)

ڏاهہ گمراهيءَ جا سڀ رستا ۽ رند،
جنهن کي ڪرپا ٿو سڏين سي ٿيا ڪمند،
ناز وارا تو ڪيا نياز وند!
تو رچيا رهبر ٿي ڪيڏا ڦير ڦند!!
منهنجي خود داري اجهو ڀڙڪي آٿي،
منهنجي رڳ رڳ چوٽ مان ڦڙڪي آٿي.

(۳)

تو هٿي آٿي جي مون کي ڏک ڏنا،
تنهن کان تون خود پاڻ آهين آشنا،
بند ڪر اڄ کان تون منهنجي پالنا،
ڇو، نہ هلندس تنهنجي محتاجيءَ بنا؟
مون سان آهي ٻيلهہ ٻن ٻن جو جٿو،
مان ٻہ-ٻيرو آهيان ۽ ٻہ-هٿو.

( ۴ )

سان تہ ہیشہ گیت ڳائيندو رهان،
چوٽ تي چوٽون تو کائيندو رهان،
۽ ڪڏهن ڳوڙها وهائيندو رهان،
پروسو آنسن کي پائيندو رهان،
گيت غم وارو سدر مٺار آهه،
اشڪ گيتن جو سدا سينگار آهه.

( ۵ )

چوٽ، پيڙا، اشڪ جو ميلو مچي،
رنگ تو اهڙو عجب تن جو رچي،
گيت ڳائڻ لاءِ اتي نس نس نچي،
سدرتا تي ڪنٺ ۾ چلڪي اچي،
مان تو ڳايان دل کي ڏائڻ واسطي،
تنهنجي ڏؤ هستي لڄائڻ واسطي.

( ٦ )

مرحبا اي منهنجا غم، منهنجي خوشي!
تنهنجي ڏايل آهه گونڊر سان گجي،
روڳ هوندي راڳ سان تنهنجي رچي،
سات "فاني" جو رڳو توسان رهي،
تنهنجو ساٿي شل سدا صدما سهي.

—

ڏکي منهن رئندا رهنداسين، اسان جي نيڻن ۾ آ نير،
سکن جو نانءُ نہ وٺنداسين، رهي دل دردن لئہ دلگير.

١- جڏهن محبوب اڱڻ ايندو، ڏيئو ڏسنديئي جلي ويندو،
وسائي ديپڪ رکنداسين، اسان لئہ اوندهہ آ اڪسير.

٢- اسانجو ڪهڙو آهہ قصور، جن پيو ڇڏڻو ٿي مجبور،
پيا تن تنندا رهنداسين، هنيو جو تير تکو تقدير.

٣- جسم جئن جنبش ۾ ايندو، تخيل تيز تکو ٿيندو،
اسان سيخن ۾ سڙنداسين، اسان جو روح نہ آهہ اسير.

٤- اسان خود غرضيءَ کان خالي، جن جي چاهيون خوشحالي،
سهي بد زيب نہ سگهنداسين، وطن جي ترقي جي تصوير.

مون ۾ ڪائي جان نہ آهي، تون ئي جاني منهنجي جان،
تنهنجي ناز نهاريو مون ڏانهن، منهنجي دل تي پيئي جوان.

من ۾ توکي محب وهاريم، من کو برپٽ باغ ٿئي،
تنهنجي وڻ ويڙهيءَ جي واسي، وسندو باغ ڪيو ويران.

غم وارن کي پنهنجا ئي غم، بي غم غم مان ڇا ڄاڻين،
ڪنهن کي دل جا داغ پسايان، تنهنجي نيشن جا نشان.

مانتيڪي ساگر جي من جي، بي آرامي ڪير ڏسي،
اندر غم جي ڌارا تن ڏي، ڪير ڌريندو آهم ڌيان.

مان ڏوهن تي ڏوهہ ڪريان پر، تون زاهد ٿو پاڪ رهين،
منهنجو بخشيندڙ ۾ ويسهم، تنهنجو ان ۾ آهم گمان.

# پهريدار

## [اڄان نہ پهريدار! تئين تون پهري مان بيزار]

( ١ )

نيڻ نکنڊ جئن رات سڄيءَ ۾ ڏرڪي ڪين ڏڪين تو،
'هي ها' جي هوڪن هڪان سان نڙي بہ چست رکين تو،
پنهنجي گهر جو خاوند واهي، گهر گهوري تين پترَ ڏي راهي،
لوڙ ڪيئہ لاچار،
رات چپر جي، جيءَ جو جوکو، ڏاڍن جو ڏهڪار.

( ٢ )

تون جاڳين، پر سيٺ ستل آ بي فڪرو بنگلن ۾،
تنهنجي جان خريدي روپين ويهن يا ٽيهن ۾،
سيٺ سمهيو سڀ چنتا لاهي، تو وٽ ڦر جو ڦرنو آهي،
وهم! تنهنجو ويچار،
مال پرائي تي تو ٻڌين سر سهسائڻ هار.

( ٣ )

سورڪ پهريدار! جي هيڪر پنهنجو قدر سڃاڻين،
ڪوڙي نانوَ شرافت ۾ جي سچ ڪا حرفت چاڻين،
چاڪر مان تون مالڪ ٻڻجين ماڻهن ۾ تون ماڻهو ڳڻبين،
عمر نہ سهہ آزار،
توڙي تجوڙي ڪر تون هٿ ڪي ڀاڳ پريو هشيار.

( ٤ )

عمر ويئہ اوجاڳا ڪاٽي ڀاڳ نہ تو جاڳايو،
ڀاڳ پلو خود ٿيندو جي تو ٻانهن-ٻل ڏيکاريو،
همت تو وٽ هستي تو وٽ مڙسائي سڀ مستي تو وٽ،
ڪڍ پوريل ڪلدار!
تنهنجي زور اڳيان چا بيهندو بي زورو زردار.

## فخر سنڌ شهيد الله بخش سومري جي ياد ۾

## [افسوس ويو سنڌ جو سرتاج گذاري ـ دنيا کي روئاري]

١- حاسد تون ڏيئي ٺوڪ، ڏيئو گل نہ ڪرين ها،
هيئن ملڪ متان قهر مصيبت نہ ڏرين ها،
چو ميڙ اسان جي مان وٺين مڙس اٿاري.

٢- چا لاش ڏسي تي رنا سڀ مرد ۽ ناريون،
افسوس ڪان هرهنڌ ٿيون بند بزاريون،
تي چير وڏا هاءِ جنازي جي نظاري.

٣- قربان ڪيئہ ملڪ تان شاهي ۽ وزيري،
لڪين کي ڇڏي تو ڪئي عبادت ۾ فقيري،
عهدا ۽ اميري نہ سگهيئہ دل کي ڏتاري.

٤- تون ڪانگريس لئہ فخر جو نشان هئين،
'آزاد هند' لاءِ چڻ روح روان هئين،
اڄ مادر وطن تي سنڌ واٽ نهاري.

٥- تو قوم جي قدمن تان ڪيو جان کي قربان،
زنده ٿيو 'فخر سنڌ' سنڌ نالو ۽ نشان،
دنيا نہ سگهي اهڙي شهيدي کي وساري.

٦- ٻوڏن جي مصيبت ۾ جا خدمت تو ڪئي هئي،
سا ديس ۽ پرديس وچ ۾ هاڪ وئي هئي،
اڄ توکي ڏکي وقت ۾ سنڌڙي ٿي سنڀاري.

٧- تاريخ ١٤ مئي نہ ڪنهن ماڻهو ڪان وسرندي،
دشمن جي لاءِ دل مان سدا آهہ نڪرندي،
جنهن پل ۾ ڇڏيو شير بهادر کي سمهاري.

٨- ”فاني“ هي دنيا آهہ مسافر ٿي رهڻ لاءِ،
جايو هو الله بخش انهيءَ سور سهڻ لاءِ،
شل پاڪ پيغمبر توکي محفل ۾ ويهاري.

—

# كافيون

ڀڪي وڻ ڇڏي ڇو اچانڪ اڏاڻا،
ڇڏي ماڳ پنهنجو وڃي ٿيا ويڳاڻا.

پکيا ڏار وڻ جا ڏنو وڻ ٻه ڏلڪي،
ڇڏي سنگ مان ٿي ويا داڻا داڻا.

رکي چاهه چت ۾ چڳيا جن چٽا ٿي،
سڙو تن کي ڏيندا مکڻ جا نه چاڻا.

هيا هنج سنڌو جي سرور تي سهڻا،
ڏٺن تي نه ويهندا مڇين لئه مهاڻا.

محل ۾ ٻه ماندي اچا آهه موسل،
رهن ڪاڪ جا گل ڪوماڻا ڪوماڻا.

پکن ڏي ڪٽي پک وري نيٺ ورندا،
اباڻن جا "فاني" وسائڻ وٺاڻا.

آيو ڪونہ وطن کان ڪوئي،
پور پيو دل ويٺي روئي.

سون جهڙيون لڪ ويٺيون وسڪن،
شال ملن سنگهار سگهوئي.

ڪير خوشيءَ سان قيد قبولي،
ڏيهہ کان اڳ هو ڏينهن ڏنگوئي.

ليڙون ليڙن ساڻ ڳنڍيندي،
ڳنڍ بچيا بس ليڙ نہ لوئي.

آهن دانهن سان نہ وري ڪجهہ،
اکيون روز رئن جهڙ جهوئي.

"فاني" سڪ سڪڻ تي ناهي،
سڪ جنهن کي آ سڪندو سوئي.

## شيخ اياز جي جواب ۾

پرين جون اڇن ٽيون پري ڪان پڪارون،
لڳل جن جون تن من ۾ آهن تنوارون.

١- جدا ٿي وطن ڪان هتي جالڻو پيو،
نہ ڪو ڏوهہ ڪنهن جو نہ ڪنهن تي ميارون.

٢- ورهہ ۽ وڇوڙو پلئہ جن ڪي پيو آهہ،
اهي روز روئن ڏيئي اوڇنگارون.

٣- اچان ساز مان سوز جو سر ڪيان مس،
ڇڇي چو پون ٽيون تنبوري جون تارون.

٤- هتي ڪيئن ويهي هتي جا وساريان،
ملير آهہ منهنجو مٿا منهنجا مارون.

٥- پرين دور "فاني" بہ ويجهو وسن ٿا،
پڄان ٿو پرينءَ پر توڙي ناهيان تارون.

پريتم اچ تون اوري،
جيءَ جدائي جهوري جهوري.

۱ - پل پل ويني واجهه وجهان تي،
سکندي سورن منجهه سجهان تي،
راڻا موسل وانگر سنهنجي،
رات کٽي وِتِ سوري سوري.

۲ - گهر تڙ گهوري نکتي آهيان،
آس اميد نہ هرگز لاهيان،
پنهل پريءَ جي پونتان پيئي،
سسئي ڏونگر ڏوري ڏوري.

۳ - ليلان جئن لکئي سان لڙندس،
چاهه چنيسر جي ۾ سڙندس،
سک جي کڍندس کيئن چپر مان،
چهٽيل چت سان چوري چوري.

۴ - توڙي تار نہ چاڙهان ترندس،
"فاني" محب مٿي لاءِ مرندس،
سهڻيءَ جئن سچ کچ مرکائن.
ماس کاهن تان کوري کوري.

پريتم اچ تون اوري....

هوت نہ چڏ هيٺي هيڪل، ڏونگر ڏيل ڏڪائي ٿو،
ڏينهن ڏنگو تہ پهاڙ ڏنگا، پير پير انڪائي ٿو.

١- تنهنجا مائٽ مت گهڻا، تن کي آءُ وٺان وٺان،
هڪڙي سر لئہ منهنجو سر، سور سوين مهسائي ٿو.

٢- باهہ برهہ جي ڏئي ڀڙڪو، سڪ جو سيني ۾ سڙڪو،
درد وڇوڙي جو دم دم، دل ۾ دود دکائي ٿو.

٣- وندر ۾ ورلاپ ڪريان، ڪونہ اچي پرلاءُ پريان،
اٿ نہ ڪو هڪڙو اوٽي، مون ڏي واڪ ورائي ٿو.

٤- ڏينهن لهي ويو رات لٿي، اکين جي برسات لٿي،
اوندهہ تي اوندهہ آئي، چرڪ نہ ڪوبہ چڏائي ٿو.

٥- جهندي قسمت ۾ هو ڄام، نحس ندورن ڪيو ناڪام،
"فاني" ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان، ياڳ ڀنون ڀنڪائي ٿو.

مـــاروئـــڙا ســانگـيـئڙا ، سانگيئڙا او جهانگيئڙا ،
پرين منهنجا پري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

١- دم هڪڙو جي ڏار نتي ٿيا، تن ڪي ڏسندي سال لنگهي ويا ،
ٿڪي آهون پري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

٢- سانگين جي سڪ ساهه سڪايو، ڪونه پرين جو قاصد آيو،
من ماندو مري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

٣- مارو ڪيئن وساري ويهندا، جيئري مون ڪي ماري ويهندا،
ڳڻتين ۾ ڳري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ...

٤- ”فاني“ قيد ۾ قابو آهيان، ويڳاڻي ويٺي واجهايان،
لڪيو ڪيئن ٽري، دل دانهون ڪري، ماروئڙا سانگيئڙا ....

—

ڇڏ تون پرينءَ پسڻ جا پور،
هر هند حاضر آهه حضور، ڇڏ تون پرينءَ ...

١- تو ۾ ڪٿ توفيق تڪڻ جي،
سج جي تجلي تاب جهلڻ جي،
وچ نه پسڻ جي لئه وهلور، ڇڏ تون پرينءَ ....

٢- لوڪ لڪين، بوندون جهرڻن ۾،
جئن جرڪي ٿو سج ڪرڻن ۾،
هت هت ظاهر آهه ظهور، ڇڏ تون پرينءَ ....

٣- پورا ڪنهن جا پور ٿين ٿا،
سڪ جا سونهان سور ٿين ٿا،
چت چنتا ۾ چڪنا چور، ڇڏ تون پرينءَ ...

٤- پرين پسڻ وچ پاڻ ۾ پيهي،
ات ويهه جت پيو سگهي نه ويهي،
دلبر دل کان ناهي دور، ڇڏ تون پرينءَ ....

# قطعات

## مدهوشي

ڪنهن ڏٺو توکي بهارن ۾ ڏٺو،
ڪنهن ڏٺي چپ چاپ ستارن ۾ ڏٺو،
منهنجا محبوب مگر مون توکي آ؛
پنهنجي ڳوڙهن جي قطارن ۾ ڏٺو.

—

سڀ شرابي سڀئي مئه نوش آهن،
سچ سلڻ کان سڀئي خاموش آهن،
مست زاهد پيئي مخمور اهڙا؛
هوش هوندي به چڻ بي هوش آهن.

## سخاوت

ڏني جا تو ۾ عادت مون ڏيڻ جي،
ٿي پيدا مون ۾ علت پڻ منگڻ جي،
ڏيڻ کان هٿ جهلي سگهندين؟ پلي جهل؛
نه ويندي هير پر مون مان وٺڻ جي.

—

جهلي بيهين سدائين هٿ متان ٿو،
جهلي جهولي تڏهن هيٺان بيهان ٿو،
گدائي منهنجي کان سڏجين سخي تون؛
سخاوت تنهنجي زنده مان رکان ٿو.

—

مان جڏهن تو کان منگيو تو تڏهن مون کي ڏنو،
منهنجي حالت تي مگر تنهنجو هردو نه پنو،
تون سخي بڻجڻ لئه مون کي سوالي نه بڻاءِ؛
اڻ گهريو ڏين ته ڏيار پر ڏنو ڪر نه ڪينو.

# عيب ۽ آئينو

حسن آيو ٿي هرهر آئيني کي پاڻ پسائي،
آئينو چئي سونهن سندس جو شايد سونهون ناهي،
هن حرڪت تي آئينو ٿو خار ڪڍهن به نه کائي؛
حسن کي هڪ ڀيرو به سگهي ٿو بدزيبو نه ٻڌائي.

—

سچ ٻولڻ جي سچ پچ عادت آئيني کي آهي،
پاڻ سڃاڻڻ جو نريئه ٿي سڀ کي راز سڻائي،
آئينه! تون سمجهه کان ٿي سچ ٻوليندو آئين؛
سچ جا سورهه سياڻا پر ويا جيئري جان گنوائي.

—

ڪوڙي ڪلجڳ ۾ سچ ٻولي تون به نه جان گنوائين،
هڪ ڏينهن حق جي هٿ مان شايد پرزا ٿي پڇتائين،
پر تون تيرون تي پنهنجو رخ نه ڪڏهن بدلائين؛
ننڍڙي مکڙ مان وات وڏي سان ساڳيو سچ ڳالهائين.

—

عيب کان ڪنهن جو پلئه آجو آهه،
آدمي اصل گهر خطا جو آهه،
چنڊ جي صاف سوجهري پوئتان؛
ڏس ته اونده انڌارو ڇا جو آهه.

—

صاف آئينا منهنجي گهر ۾ گهڻان،
کهڙي آئيني اڳيان ڪنڌ کڻان،
سهڻي صورت ۾ دل جا داغ لڪل؛
سان نه ٿو پاڻ کي خود پاڻ وڻان.

## سچ ڪوڙ

جو ڪوڙو ڪين لڳندو سچ نہ هوندو،
جو ڦينگن سان وسائي سچ نہ هوندو.
حياتي آهه شيشي تاڪئين جيان؛
جو پرزا ٿي بہ گنديو ڪچ نہ هوندو.

ڪوڙ کي سيکو تو بدنام ڪري،
ڪوڙ کان دم نہ تو دنيا جو سري،
سيکو "فاني" تو سڏي ڪوڙو جهان؛
تہ بہ تو هن ڪوڙ لئہ ڳري ۽ مري.

ڪيڏي هن ڪوڙ کي سچائي آهہ،
جنهن کان سچ و يو شڪست کائي آهہ،
ڪوڙ کان جنهن کي لڳي داغ فقط؛
تنهن کئي ڪوڙ جي ڪچائي آهہ.

سچ عام آهہ مگر ڪوڙ عمل،
علم جنهن ۾ نہ عمل آهہ خلل،
ڏس تہ سچ جي آ پڳل پونگي پر؛
ڪوڙ جو پير ۾ بيٺو آهہ محل.

## سک - آس

تنهنجي آس مثل آڪاس،
منهنجي ڌرتيءَ جهڙي پياس،
تون چوڏهينءَ جو چنڊ ٿئين؛
ته به مان مٺندي نه آماس.

—

تون ڪرين سک جي ٿو جئن جئن ڪامنا،
دم بدم تئن دل جو دک وڌندو وڃي،
توکي پاڇي جئن تپائي ترشنا؛
جئن پڇين ٿو توکان سک پڇندو وڃي.

—

خوشيءَ جي کوج ۾ سون وٽ چو آئين،
مان توکي خوش تون سون کي خوش ٿو پائين،
حقيقت ۾ نه تون خوش آن نه مان خوش؛
خوشي هڪ لئه سوين دک ٿو پرائين.

—

دکي ڪوتهه-نظر ڪان ٿئين ٿو اڪثر،
نديءَ جي ٻن ڪنارن تي نظر ڌر،
خوشيءَ جو ٻڪ تون پاڻيءَ مان پري پيءُ؛
نهارين ڇو ٿو هن پر يا پرينءَ پر؟

## خودداري

جي ڪم جا ڪوڏيا سي دانهن ڇو ڪن،
رهن مشغول ڪَٽنَ ۾ئي ڏانهن ڇو ڪن،
اهي خود دار تابعدار ٻڻجي؛
ٻين جي ڪند هيٺان ٻانهن ڇو ڪن.

—

ڇڏي ڌرتي نہ آپ ڏي ڪا نظر ڌر،
نہ ڪڪرن جي ڪرم تي ٻاڙ اڪثر،
جي سنجم سان رهڻ چاهين ٿو جڳ ۾،
فقط شبنم جي قطره مان گذر ڪر.

## رات - سپنا

چار ڏئي پهر رات جا مون لئہ ڇئن منڊن جئن گذرن،
پاسا بدلائيندي ڇڙ ٿو سارو سال نپايان،
آس نراشا، چنتا، چاه جا من ۾ آڏما آيرن؛
سڪ قسمت ۾ ناهي مان ٿو دک سان روح ريجهايان.

—

جن سپنن جي ناهہ ضرورت، اهي اچي ٿا ننڊ ڦٽائن،
ڪئين ڪجي مهمان ڪڏهن ٿا، ڪوٺ بنا ڪڙڪي ڪڙڪائن،
پر ڪڙڪي شل ڪڙڪي ڪڙڪي، پريم ڀري دل ڌڙڪي ڌڙڪي؛
انهي بهاني شايد ڪنهن ڏينهن، منهنجا پريتم پير گهمائن.

# ٻوندون

باغ ۾ منهنجو آشيان ڪونهي،
ڪِئن چوان منهنجو گلستان ڪونهي،
ٿي بهاري ٻه هٿ خزان ڏسجي؛
پر نگهبان باغبان ڪونهي.

سونهن سوڀيا جا ڳان جي ڏسجي،
ٿي چمڪ جيڪا چمن جي ڏسجي،
آهه سڀ منهنجي پرينءَ جو پاڇو؛
ٿي سندس ساک حسن جي ڏسجي.

پاڻ موٽائي ٿي مٽي ڏئي ڦل محنت جو،
هي ڪرشمو ڪوئي ڪمال نه آهه قدرت جو،
جي گلن تي پيون خوشبوءِ جون ٻوندون چمڪن؛
اها شبنم نه پگهر ۾ آ اثر برڪت جو.

زردار ۽ نادار ۾ ڪيڏو نه فرق آهه،
هڪ موج ۾ پيو مفلسيءَ جي غم ۾ غرق آهه،
چهري تي چمڪ رنگ ۽ رونق آ اڏاري؛
مئه جام ۾ مسڪين جي هڏين جو عرق آهه.

دوست دوکو دل اندر رکندا رهن ٿا،
چانڊو ۾ ڏس پير ڇا جلندا رهن ٿا،
سج ۽ ڌرتيءَ جو الڳ آهي سڀاءُ؛
روشني ۾ ڌنڌ پڻ پلندا رهن ٿا.

ڪنهن جي ڪنهن سان جفا جي ڳالهه ڪجي،
ڇو نه ڪنهن جي وفا جي ڳالهه ڪجي،
ڇو نه خارن جي دل ۾ خار رکين؛
ڇو گلن جي گلا جي ڳالهه ڪجي.

زندگي آ امانت تون سنڀاري رکجانءِ،
هر طرح سک ڀري سرهي ۽ سينگاري رکجانءِ،
موت توکان جي اچي پنهنجي امانت گهرندو؛
خوش ٿي واپس ڪري ڪج تيج ۾ نه واري رکجانءِ.

جي طوفاني هوائون شمع کي اينديون وسائڻ لئه،
ليڪن پروانا پنهنجا پر جهلي بيهندا بچائڻ لئه،
جي پنهنجا پر هٽي پر بي وفا شعلو وسائيندا؛
انهي اوندهه تي ايندي رات خود ماتم مچائڻ لئه.

هتي جو ن ليڪون سمهيون رهن تيون،
سچاڻ اک کي اتي چون تيون،
اجهو تو غربت جو پاڳ جاڳي؛
مگر اميريءَ کي اک پيچن تيون.

دلاور دل جوانيءَ جو قسم ڪڻ،
نئون نت انتهيءَ لئه ڪو قدم ڪڻ،
حياتي خشڪ کيتيءَ جيان گذارج؛
ڪلهن تي ر نه ڪرن جو ڪرم ڪڻ.

جو ظالم آهي سو مظلوم بڻبو،
نه ڪنهن جو رنج سر تي يا ستم ڪڻ،
ڏيڻ ۾ ئي سچو سک آهه وٺڻ لئه؛
خوشي دنيا کي ڏيئي پاڻ غم ڪڻ.

توں وسين ھر ھنڌ پر تنھنجو نہ ڪٿ آھي مڪان،
توں وسين ھر رنگ ۾ پر تنھنجو بيرنگ آھہ بيان،
تنھنجي قدرت کي ڪوئي سمجھي سگھي سياڻو سجان؛
تنھنجا جھرڻا تنھنجا ڪرڻا تنھنجي ٻولن تا زبان.

چيٽ جئن چرندي رھان تي،
برف جئن ڳرندي رھان تي،
تات تنھنجي آھہ ترھو؛
روز مان ترندي رھان تي.

حسن گونگو بي زبان،
عشق کي آواز ڏئي،
عشق جنبش ۾ جوان؛
جھٽ اچي ٿو ساز ٿئي.

سنگمرر جي سھڻي صورت،
ساھر جوڙي موھڻي مورت،
ماھر بک جا ٻوڪ لڳائي،
مورتِ ميوا ماوا کائي،
ھيءَ فنڪار جي ھيڻي حالت؛
فن جي زينت ناھہ، ذلالت،

درياھہ ۾ ڪنھن وقت نہ جي جوش ھجي،
تنھنجي ئي خبرداري کان خاموش ھجي،
طوفان جي ھر وقت آ ڪشتيءَ تي نظر؛
لازم آ ڪشتيبان کي سدا ھوش ھجي.

تن ملي نہ من ملي دل نہ ملي،
مئہ ملي ساقي يا محفل نہ ملي،
جنھن ۾ ٽڪجي ٿئي مسافر ماندو؛
سو سفر ڪھڙو جي منزل نہ ملي.

تير غمن جا ڪلندي ڪائي،
سيني ۾ سوراخ بڻائي،
اھڙي دل ڪا مشڪل ملندي؛
ھر دک ڇاتيءَ منجھہ ڇپائي.

—

## شري ”بيوس“ جي ياد ۾

ھاءِ حسرتناڪ ٿھري ڪال جو ڪل ڪاربار،
ڪنت ڳُھنجي ٿو وڃي نيڻن ۾ ڇلڪي نير ڌار.

ڪالھہ وارو حال ھڪدم ڇو ٿري ماضي ٿيو،
ناھہ ھن تبديل ڪان ظالم زمانو بي ميار.

ويل ناھي؟ جن لکيڻن جي وڃڻ جي ويل ناھہ،
ڪيئن اجل ان تي روا سمجھي ٿو بي ويچار وار.

ھاءِ بيوس! تون بہ ان بي ترس جو ٿي وئين نشان،
جو ڪري شھباز، ڪيھر شير چاھن جو شڪار.

ھاءِ سنڌي شعر جي ديويءَ جو ڪسجي ويو سھاڳ،
وار ڇوڙي ويوگ تنھنجي ۾ ٿي اوتي آبشار.

تون وٽين تنهنجي وڃڻ جو مون ڪي و يسهه ڪيئن اچي،
تنهنجي لفظن جي پڙاڏن تو گونج مچڙي دل منجهار.

تو ٽپيون ڏيئي جي ساگر مان سپون سوڌي ڪڍيون،
تن سڀن ۾ خوب آهن گيان گوهر آبدار.

تنهنجي شيرين شعرسازيءَ جو نرالو نوع هو،
تنهنجي ڪوتا جو جهڪو ٿيندو نه ڇهرو چمڪار.

شاهه شاعر ٿي ٻيو تو وٽ هو حليميءَ جو هلڻ،
تون نماڻو تنهنجي نردوشي طبيعت نروڪار.
تو گهٽا غم سان ڪر ڪائي ڪيا ٿي غم غلط،
پر سنڌ غالب پيل دل تان گهٽيو غم جو نه بار.

سنڌ زنده آهه جيسين تنهنجو زنده نام آهه،
تنهنجي ڪوتائن ڪان رهندو تنهنجو نالو پائدار.

تنهنجي جسماني جدائيءَ ڪان سڀن ڪي شوڪ آهه،
تنهنجي ڪوتائن ڪان ليڪن ٿيندو عالم آشڪار.

تنهنجي محفل ۾ وهڻ جو شوق مون کي آ گهڻو،
پر ويل شيءِ جو ڪٿي ملندو نه هرگز آرپار.

نيٺ ملنداسون جڏهن ٿيندو فنا گهر مان گذر،
آهه "فاني" کي سدائين ان گهڙيءَ جو انتظار.

# غـــزل

# ترانو

ڇو روح کي پنڪائي ٿو هٽ هٽ رولين،
يڳوان ٿو هردي ڪان تون ٻاهر ڳولين،
سوتي آ اصل تنهنجي ٺي دڀليءَ ۾ بند،
دهليءَ جو مگر ڇو نٿو تون پڙ کولين.

منهنجو نه ڪنهن سان ميل يا مطلب آهي،
هر ڌرم لاءِ دل ۾ حب ادب آهي،
انسان کي ڀڳوان سڏيان ٿو منهنجو،
انسانيت ئي ڌرم ۽ مذهب آهي.

هر درد کي ڇاتي ۾ ڇپائي رک تون،
پٿر کي به سيني سان لڳائي رک تون،
دنيا ۾ ترت ٽپڻي تي ٿي چوٽ لڳي،
احساس جو آئينو بچائي رک تون.

ننگي کي آهي انگ ڍڪائڻ جو ضرور،
مسڪين جي اکين کي سڪائڻ جو ضرور،
شي ڪرم کي جي گيان صحيح سان ڏئي،
گيتا تي نه رومال چڙهائڻ جو ضرور.

آب زم زم رواني نه هجي،
ڪا زندهم دل جي نشاني نه هجي،
ساز ساقي هجي ۽ شعر شراب،
جيءَ جلائڻ جي جواني نه هجي.

مهراڻ ۾ سا موج رواني نه رهي،
اپ ۾ به اجالي جي نشاني نه رهي،
گلشن جي لڱن تان پئي لالاڻ ڇڻي،
غم جو ڪرين 'فاني' جي جواني نه رهي.

مسڪين کي هردم ٿي رهي گهر جي تلاش،
مورت کي سدائين آهي مندر جي تلاش،
جذبات کي ظاهر نه ڪندو ڪيئن ڪوي!
بيجان ديوارين کي به آ در جي تلاش.

برھمانڊ جو تون انت پڄائين ڇو ٿو،
گھرائين ڏي پير وڌائين ڇو ٿو،
ڌرتيءَ جي سطح جي ڪا توکي سڌ ناهي،
تارن ڏي تڪي ننڊ ڦٽائين ڇو ٿو.

شبنم سان نه پيٽ ڪو اجهامي ويندو،
پر ـ هيڻ پکي ڪيئن اڏامي ويندو،
شڪتيءَ جي اڳيان سڀڪو ٿو ڪمزور جهڪي،
سج اڀري ٿي مس چنڊ وسامي ويندو.

رسمن ۽ رواجن جون ليڪون آهن،
ڳٽين جو دٻاءُ دل تي رکي ٿيون ڳاهن،
ليڪن تي هلندي هلندي ڪڏون اهڙيون ٿيون،
ڏاهي جو لتن سان ٿيون تنهن ڪي ڏاهن.

ڪوئي نه نيت نياءُ تنهنجي نگري ۾،
دک ڀوڳي ٿو داناءُ تنهنجي نگري ۾،
پتو رت جو آ جياپو جنجال،
لوڻي جي لئه لقاءُ تنهنجي نگري ۾.

پيئڻ جو مزو ٻين سان پيڻ ۾ آهي،
جيئڻ به پيارن سان جيئڻ ۾ آهي،
ونڊڻ سان سرڪ سڪ جي وڌائي مستي،
اڳ موڄ وٺڻ ۾ نه ڏيڻ ۾ آهي.

پيئڻ جو مزو ٻئي کي پيارڻ ۾ آهه،
جيئڻ جو لطف ٻئي کي جيارڻ ۾ آهه،
سڏجي ٿو سدا پاڪ سو ڏاتار جو هٿ،
مشغول جو ڏيڻ ۽ ڏيارڻ ۾ آهه.

مئه ايتري هجي جو سگهي جيءُ جهلي،
ڇو راهه سنئين تان ڪوئي ٿاڙجي هلي،
ساقي ڪي هن برائي جو ٿو سيڪ اچي،
مئخاني جي عزت به آڳ ۾ ٿي جلي.

—

# رباعيات

●

دنيا ۾ بس رکڻ کنهن سان اجائي آشنائي آ،
ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ مون عمر ساري گنوائي آ.

ڏنم جنهن کي امانت دل، ڪئي تنهن خوب خيانت آ،
دولابي، دل ڦندن ڦيرن ۾ ڦاسائي ڦٻائي آ.

برهه جي باهه ڏئي پڙڪا اُلا آيرن، مگر دلبر
نه ڪنهن ڏينهن پرت جو پاڻي وجهي ٻرندي ٻهجائي آ.

تلافي لئه سدا تانگهيم ته من ڪا تاس پوري ٿئي،
مگر ساقي نه سرڪي جام مان چپ تي چکائي آ.

جگر جو خون مون پيتو هـڏا ٽيا هجر ۾ هيٺا،
ٻنهي طرفان وئي طاقت بچي باقي چريائي آ.

چيم دلدار کي "بيمار ٿيس آزار تنهنجي کان"،
چيائين "مون بڻائي درد جي تو لئه دوائي آ".

هيس مان بيخبر، دلبر لنگهيو هڪ ڏينهن هيئن چوندو:
"تو واريءَ تي اميدن جي عمارت ڇو اَڏائي آ".

مون سمجهيو جنهنکي رهبر تنهن نه ليڪن راهه روشن ڪئي،
ملي مون کي نه مقصد جي صنم مان رهنمائي آ.

لهي ويو، جو هيو منهنجي اکين تي ڌنڌ جو پڙدو،
سچي قدرت جي صورت منهنجي نيڻن ۾ سمائي آ.

لڏي "فاني" دنيا مان هل رهڻ ات ڪيئن روا آهي؟
جتي ڪارنهن ڪچائي، غمنمائي بيوفائي آ.

●

چوڻ کان چپ ڪندا ڪنهن جي چوڻ سان ڇا چوڻ وارا،
ڪرڻ جيڪي بہ چاهين ٿا ڪري گذرن ڪرڻ وارا.

ڪڏهن اپلا جي آنسن کي سڪائڻ لاءِ ڏي ڏينديء،
جلائن لهس کان هٿ ٿا گرم ڳوڙها اگهڻ وارا.

جبل ڦاڙي ڦٽي پوئي رهي ڇڪ سونهن کي سڪ جي،
پهاڙن سان بہ پر گهت ٿي پسي پنهنجا پسڻ وارا.

منائي موت ٿو ماتم اتي پنهنجي اسقلتا تي،
جتي مشڪل سگهي ماري امر جيوت جئڻ وارا.

سهن ٿا صبح جي اميد ۾ آزار اوندهہ جا،
وڃن ٿا قافلي جا پير منزل ڏي وڃڻ وارا.

نظر جي نقص کان ئي فرق ايندو آ نظارن ۾،
وٺن ٿا واس گل ۽ خار سان گڏجي وٺڻ وارا.

بلند پرواز جي برڪت عطا ڪيئن عام کي ٿيندي،
ٿين هرگز نہ شاعر سي ٿا تارن ڏي تڪڻ وارا.

مسافر خانو هوءَ دنيا نہ "فاني" آهہ هيءَ دنيا،
اسان هتڙان وڃي آهيون وري واپس ورڻ وارا.

زندگيءَ کان هزارين هارجي ويا،
موت کان اڳ ۾ ڪيئي مارجي ويا.

پل بہ جت هو گذارڻ ڪين واجب،
هيترا ڏينهن اتي ڪيئن گهارجي ويا.

ڏک پري دل پيئي جهوري ۾ جهرندي،
آهہ پريم تہ ڏونگر ڏارجي ويا.

هڪ بہ پروانو ويجهو ڪين آيو،
شمع هرجا هزارين ٻارجي ويا.

سون رنو ايڏو عيبن تي لڄي ٿي،
داغ دل جا سڙيئي ميسارجي ويا.

شعلاءَ شهري پڳو آ جهنگ جر ڏي،
ديپ دريا ۾ ڪيئي ٻارجي ويا.

هڪ بہ ٻيڙو ٻرينءَ پر کان نہ سونيو،
ڪيئي "فاني" هتان هاڪارجي ويا.

۴

مون کي نہ آهي ساقي مئہ جام جي ضرورت،
تنهنجي نگاهہ ۾ بس مون لئہ هجي مروت.

افسوس هيءَ بهاري گُل ۾ نہ رنگ رونق،
ڪيڏانهن پر ڪري ويا گلشن مان زيب زينت.

ڳوڙهو ڳڙو نہ هوندي ڳورو آهي ڳڙي ڪان،
ڪيميا ڪان ڪم نہ پائج قطره جو قدر قيمت.

ٿوري وهي پسينو قسمت ۾ رک يقينو،
تدبير مان ملي ٿي تقدير کي نہ طاقت.

موتي ڪجهي تري مان تو وٽ تري اچن ٿا،
”فاني“ چو چولين جو شکوه ڪرين شڪايت.

●

مان محبت پري دنيا کي وسائي نہ سگهيس،
پيار جي ريت مان ڪنهن ريت نڀائي نہ سگهيس.

هو اچي مون کي ڏسي منهنجي غم جو غم نہ ڪري،
مان ڪلندي ڪلندي مگر لڙڪ لڪائي نہ سگهيس.

سونهن ۾ ڪيڏي ڪشش آهہ اجان پر ڇا ڪجي؟
پاند ڇڙڪن ڪان زماني جي ڇڏائي نہ سگهيس.

داغ ڌوئي نہ سگهيس ايترو روئي نہ سگهيس،
دوش دامن تان هٽائڻ سان هٽائي نہ سگهيس.

منهنجي همدردي جي حد آهہ جو وچ سير تہ ڇا،
مان ڪناري تي بہ ٻڏندي کي بچائي نہ سگهيس.

آهي حرفت جي محل تي ڪو قضائن جو فضل،
مان خزائن ۾ آشيانو بڻائي نہ سگهيس.

●

آس بدلجي ٿئي نراس،
چوڏس ٻٽجي پوي آماس.

ٿيءَ نہ بسنت ۾ بيپرواهہ،
جهڙپ خزان جي ڪري نہ ناس.

سئخاني ۾ گهر نہ وسار،
پي نہ وڃائي ويهہ حواس.

گل سان ڪير پيار ڪندو،
پنور مثل جي وٺبو واس؟

محلن جي پاڇي پوئتان،
پونگين جو ٿيندو نہ وڪاس.

سڀ ڪي پنهنجا پنهنجا سور،
ڪير ڪري ڪو ڪنهن تي قياس.

ساري گلشن ۾ افسوس!
بلبل جو ڪٿ ناهہ نواس.

"فاني" ديد کي عيد ڪٿي،
ملي نہ ڏرتيءَ سان آڪاس.

# ڏکڻ درس

ساري سنسار ۾ دلدار نه ڪوئي يار سڄهي،
ڀري محفل ۾ اڪيلائي کان گهٻرائي هليس.

مون تي ڇا کان رهي مُلان ۽ برهمڻ جو ڏمر؟
ڪعبي ڪاشي کان جڏهن جند مان ڪترائي هليس.

توکي ڇو خار سندم تي ٿو ڇپي خار لڳي؟
پنهنجون پابنديون پيرن مان جي ٽڪرائي هليس!

مون ڪي هرگز نه ٽا سجدا ۽ ستي - ٽيڪ وٽن،
تنهنجي پستڪ جا پنا، ڍير مان اٿلائي هليس.

منهنجي ايڪانت جي سدانت جو ورتانت اهو،
خون غيرت جو گناهن تي مان ڇنڪائي هليس.

"فاني" دنيا ۾ بقادار شين جي نه پڇا،
ٻن ڏينهن لئه مان فقط روح کي سرچائي هليس.

سمنڊ سمايو بوند ۾

●

نرگسي نيڻن مان نڪري نير ٿو،
ڪيئن نم پلڪن مان ڇٽي پوندو ڪجل.

تو رکي هڪڙي ڪان ۾ن دلين کي دور،
پيار ۾ دنيا جو آ ڪيڏو دخل.

سمجھ سڪ سپنو ۽ دک مهمان پياڻ،
خوش رهڻ جو آهه هڪ حيلو ۽ حل.

باغ دل جو بڻائج بي خزان،
ختم ٿي ويندو خزان جو ڪل خلل.

حسن وارو همت تنبوري تي ڏسي،
عشق جئن مجذوب ٿي ڳائج غزل.

٥

ڪٿ چنڊ بادل مان مشڪندو ڏٺو اٿم،
ڪٿ حسن برپڻ ۾ پڻڪندو ڏٺو اٿم.

١- آ ڏور هندوري جي حسينن جي هٿن ۾،
حبشڻ ڪي ان ۾ لاڏ مان لڏندو ڏٺو اٿم.

٢- ڌرتيءَ جا دک پهاڙ ڏسي ٿو ڦسي پوي،
چشمو جبل جي چشم مان وهندو ڏٺو اٿم.

٣- ڪيئن نيئهن نماڻو ٿو بڻائي غرور ڪي،
اپ ڪي زمين تي لهي جهڪندو ڏٺو اٿم.

٤- پروانو شمع تي جلي حيران ٿو ٿيان؟
وڏوا ڪي ٿڌي باهم تي جلندو ڏٺو اٿم.

٥- ماڻهوءَ ڪي جانور ڪان بدتر برو ڏسي،
خالق ڪي خلق پنهنجي تي رئندو ڏٺو اٿم،

٦- ناتو جنم جنم جو 'فاني' جهان سان،
جيئڻ جي سپ ڪي آس ۾ مرندو ڏٺو اٿم.

●

دور ڪـــان ڇلڪي حسن جو جام،
دل روڪي ڪو، هــٹــنــدو هام.

بوند چڪـي ســو هــوش وڃائي،
پـيــاســـو بـــٹـجـــي، بي آرام.

ڪٿ بہ قرار پٹهي لئہ ڪونهي،
آهہ خـيـــال خــوشيءَ جــو خام.

وصــل ۾ آهـي غــم وڇــڙڻ جو،
صـبـــح جا ايـنـدي، ويندي شام.

سونهن جـي آهـــي خاص خزانو،
عــشــق بـہ هرهنڌ، نــاهــي عام.

شــعــر آ جــذبـــو اڪــرن انــدر،
’فــانـــي‘ فــن، نـــاهــي الــهــام.

●

عقلمنديءَ جو کھڙو عاشقيءَ سان ڪم،
نہ ڪوئي سورمن جو زندگيءَ سان ڪم.

قفس کي آشيانو جو سڏي تنھنجو،
صبا شبنم سان کھڙو تازگيءَ سان ڪم.

اسان تنھنجي خوشيءَ ۾ خوش گذاريون ٿا،
اسان جو ناھ پنھنجو خود خوشيءَ سان ڪم.

سڙي ٿو شمع تي پروانو اڪ پوڻي،
جاڻ وارن جو کھڙو روشنيءَ سان ڪم.

مان بندو تنھنجو تون مالڪ نہ ٿيءُ يا ٿي،
فقط منھنجو آ تنھنجي بندگيءَ سان ڪم.

تون سھڻو ناھين سر جو سائين تہ بہ منھنجو،
نہ تنھنجي سونھن صورت دلڪشيءَ سان ڪم.

## بي بقا

بي مزي بلبل وهائي بوند کا بستان ۾،
سوم دل مالهي چيو "تي جوش کهڙو جان ۾".

۱- بلبلي بيتاب تي چيو "قول ويو بي سول تي،"
هيءَ! بهاري مان ڦري آئي خزان خفتان ۾.

۲- مرڪندي مالهي وراڻيو "تو فنا سمجهي بقا،"
آهه. لحظي جو لقا پر ڪين آيئم ڌيان ۾.

۳- ٽيون وڇوڙي جون وڏيون وايون ڪرن ويران دل،
چو نہ پرجهي پير پاتئہ عيش دل ايوان ۾؟

۴- نرت نيڻن جي اکيان جو تي سهائي جو شغل،
غيب جو پڙدو ڪري تي گهٽ-گهٽان گهمسان ۾.

۵- چاڻ تو جن مان چٽي سي ماڻ موتين جا هئا،
جي اول خوشحال آخر زندگي زندان ۾.

۶- ڪين ڪنچن تو رهي يا ڪاچ قائم دائما،
ناسونتي تي نچي هر جان ۽ بي جان ۾.

۷- ڪوهہ مان لوٽيون پريون جي، نيٺ خالي سي ٿين،
تو گڙي گاڏو دنيا جو دم ڦري فرمان ۾.

۸- ساز شادي جي سٽان تو ناز بي انداز تي،
موت بربادي سبب تبديل ايندي تان ۾.

۹- بلبلي، معصوم دل تي مور الهيلي نہ رهہ،
آهہ هي "فاني" جهان پوءِ چو اڙين ارمان ۾.

دل ۾ مان دل جو درد ڏيائي نہ ٿو سگھان،
پنھنجو ٿي درد توکي ٻڌائي نہ ٿو سگھان.

چاھيان گھڻو ئي ٿو مان تہ دنيا سان دل لڳي،
منحوس سان پر نينھن نڀائي نہ ٿو سگھان.

ممڪن آ تنھنجي ياد کي ويجھو اچڻ نہ ڏيان،
پر تنھنجي بي وفائي ڀلائي نہ ٿو سگھان.

ڳوڙھا ٿو پي وڃان ۽ چپن تي بہ مرڪ آ،
پر غم جا گھنج منھن تان مٽائي نہ ٿو سگھان.

قطره ڪري ٿو اک مان اندر جو ٿي آئينو،
پيالي ۾ غم جو بحر سمائي نہ ٿو سگھان.

جوش جنبش کي جواني ٿا چون،
حسن جوڀن جي نشاني ٿا چون.

سونھن سڪ ۽ ڇوه ڇڪ سڀ کن پلڪ،
بي بقا ھر چيز فاني ٿا چون.

سچ بہ آ افسانو پڻ افسوسناڪ،
جنھن کي ظاھر زندگاني ٿا چون.

ھر گھڙي ڳوڙھن جي وھندڙ تار کي،
يار پاڻي جي رواني ٿا چون.

## ڊڳلا پـن

هوا لـڳي تہ ڪري پوندا سين،
ٻئي هنڌ وري وڃي وسنداسين.

ساهہ سرءَ جي جهڙپ سگهيو،
ليٽي پيٽي پر اٿنداسين.

اسان سڪل پن پون پرن تي،
لاڏ منجهان لڏندا ڪڏنداسين.

ترڪ ڪنداسين تنگ فضا کي،
ڌرتيءَ تان آپ ڏي اڏنداسين.

ساوا پن هڪڙي ئي هنڌ تي،
ڏکندا ڏوران ئي ڏسنداسين.

ڪئي بهار نہ ڪابہ وفائي،
پت ـ جهڙ کان نہ پري ڀڄنداسين.

هڪ هنڌ هڪ جاءِ هڪ ئي وڻ تي،
رکي جهڪي نہ سگهي سڙنداسين.

’فاني‘ دنيا درد ڀريءَ ڏي،
وري ورڻ جي ڪين ڪنداسين.

●

ڪٿ ديس اسان جو اصلي هو، هت ڇا لاءِ آيا آهيون اسين،
انسان آ ڇا هيءَ دنيا ڇا، اهو راز سچڻ ڪنهن کي نہ ڏسين.

١- هن جڳ جا نظارا ڪنهن جوڙيا، سڀ رنگ تماشا قدرت جا،
تون پنهنجي اکين سان دنيا جو، ديدار ٿو پنهنجو پاڻ پسين.

٢- سان سمنڊ تي آهيان ڦوٽي جيان، اونهائيءَ جو ڪيئن انت لهان،
تون منهنجو عبث ڳجهہ ڳولهڻ تي، حيران ٿي هرهر ويٺو هسين.

٣- ڪٿ ٻرين کي ويٺو ٿو ڀرين، ڀر خاليءَ ڏي اک ڪانہ ڪرين،
ڪٿ پياسا پٽ پياسا ٿو رکين، ڪٿ بحر تي بادل ٿي ٿو وسين.

٤- ڪن ڪان جي سچڻ ٿو منهن ڦيرين، سي چوٽ تي چاڙهي ٿو ڪيرين،
ڪن کي ٿو هٿين ڪنکي ٿو ڪٽين، ڪنکي ٿو ڏئين ڪنکان ٿو کسين.

٥- تو رانديڪن جو کيل رچيو، ڪوئي ٿاهہ ڍاهہ کان ڪو نہ بچيو،
ڪٿ ذرتيءَ تي سجدو ٿو ڪرين، ايمان سان ڪٿ اپ سان ٿو گسين.

٦- ڪٿ سوالي ڪٿ سردار ٿئين، ڪٿ شاهہ گدا نادار ٿئين،
ڪنهن کي ٿو غمن جا بار ڏئين، ڪٿ فڪر ۾ "فاني" وٽ ٿو رسين.

⊙

اگر جيئڻ جي آ توکي خواهش، ته پهرين تن من نثار کر تون،
وڃائي هستي کي تخم وانگيان، جهان کي رشڪِ بهار کر تون.

ملي جو توکي مثالِ درياه، لٺاءِ محتاج بيڪسن ۾،
مگر ماڻ جو نه دل ۾ هرگز، سخا ڪري انتظار کر تون.

خودي ۾ نقصان آ سراسر مگر، نه خودداري ڇڏ خفي تي،
نهار مالڪ ڏي پوءِ پهريائين، پنهنجي ٻيڙي کي پار کر تون.

وڇايو مايا آ دام پنهنجو، جو ڦاٿو تنهنجي رهائي مشڪل،
مگر ڪوئي جيان ڦسي ته، طلسم جي ڄار کي تار تار کر تون.

”ڏرو تي دنيا مان درد“ چاهين، ته صورتِ درد تي سراپا،
ڪنهنجي آگر ۾ چيتِ اٽڪي، ته پنهنجو سينو فگار کر تون.

جهان ۾ بلبل جيان رهه نه خورسند، رکو بهاري جي خوبرو تي،
خزان ۾ پڻ خوش گذاري گلشن کي، سربسر لاله زار کر تون.

سداسين سالڪ لئه رهج سگندو، جيئن تي ساگر ۾ سپ گذاري،
پي بوند بس بندگي جي تن من کي، گوهرِ آبدار کر تون.

نه رگ جياپي جو جامو لاغرض تي، ڪچائيءَ جي ڪوڙي رنگ سان،
لباس هستي لڄائي دنيا ۾، ڪين دل داغدار کر تون.

ستم سهي صبر سان اي ”فاني“! جهان ۾ ڪلمڪ گذار هردم،
مگر تي بزدل وڃائي هستي، نه ڪرم ڪان ڪو ڪنار کر تون.

٭

منهنجي غربت کي سدا زردار ھرڪائي ڏنو،
پنهنجي هٿ اڳيان ڪڏهن مان هٿ نہ ڦهلائي ڏنو.

مان سوين همراهہ ۽ همدرد هرهنڌ ڏٺا،
پر نہ مان ڳوڙهن اگهڻ لئہ ڪنهن ڏي واجهائي ڏنو.

محل تنهنجي جا ڏيڪا ڏيا روشني جا چار چنڊ،
مان جڏهن اوندهہ کي انڌيري ۾ چمڪائي ڏنو.

بي وفا جڳ کان پڇس ور ور ڪري وچ سير ۾،
مون کي لهرن سؤ دفعا ساحل تي اڇلائي ڏنو.

ڪير چوندو ڪنهن کي مئخاني ۾ ويهي گنهگار؟
جام ساقي ڀريون زاهد کي پيارائي ڏنو.

پنهنجي صورت کي سجائي ڪيئن چوان 'فاني' فنا!
مان هتي هر هر اچي آ روپ بدلائي ڏنو.

●

اوکي گهڙي ۾ پنهنجي پيارن چڏي ڏنو،
دلـــدار دوســتــن ۽ دلارن چــڏي ڏنو.

١ - هر جاءِ سچ جي هار ڏسي ڪوڙ ڪامياب،
سچ آ تـہ سچ چوڻ ئي سچارن چڏي ڏنو.

٢ - طوفان جي گهيري ڪان پرينءَ پر تي پکين پر،
ڪشتي کي ويجهو ڏسندي ڪنارن چڏي ڏنو.

٣ - خــارن جو ڏسي زور گلن چپ ۾ گــذاريو،
گلشن ۾ اچــڻ کان ئي بهارن چــڏي ڏنو.

٤ - دلڪش حسين ديد کي دلـدار لـک هٽا،
نظرن ۾ گهڙيو ڏنــڌ نـظارن چــڏي ڏنو.

٥ - دکين جـا نيڻ روز شب ٽمندا ڏسي ڏسي،
ڌرتيءَ تي وسڻ ميگهہ ملهارن چــڏي ڏنو.

٦ - ”فاني“ چڏي ڏي تون بہ سهارن جو سهارو،
سنسار جي تـوکي جي سهارن چــڏي ڏنو.

سمنڊ سمايو بوند ۾

•

رات ڪان پوءِ رات ڪٽ ايندي نه آهه،
سون مٿان پر غم تي غم ايندو ويو.

دور ڪان ويجهو ڏٺم ويجهو عزيز،
جئن ويس ويجهو پري ٿيندو ويو.

قافلو منهنجو لٽيو اهڙيءَ طرح،
جو ڏسي رهزن به روئيندو ويو.

آهه اکين ڪي به ٻولڻ جي زبان،
ڪو نظر سان حال اوريندو ويو.

پاڻ بادل صاف ٿيو ڪارنهن ڪڍي،
داغ ڌرتيءَ جا به ڌوئيندو ويو.

ڪو وساريل گيت ڳائي سوز سان،
دل کي چوريندو ۽ جهوريندو ويو.

ڪنهن ڏٺو مون ڏي نه جهوليءَ ڏي ڏٺو،
جنهن ڏيڻ چاهيو سو ڏيندو ويو.

٥

تن ڪان زياده من جو بوجو ڳرو ٿئي ٿو،
تن ۾ من جو زور نہ ڪٽ هڪ ڪرو ٿئي ٿو.

ڳوڙها منهنجا وهڻ ڏيو روسال هٽايو،
من روئيندو تن جو بار بہ ڏرو ٿئي ٿو.

درد اچي ڪو دل سان ناتو گهرو لاتو،
دل روئي ٿي درد جڏهن پرپرو ٿئي ٿو.

هوش حواس وڃائي ٻيٺو دل جو مالڪ،
جڳ جنهن تي بانور نہ ڪري بانورو ٿئي ٿو.

درد هزارين هڪ دل ۾ پر هڪ بہ نہ ڇاڻي،
دل درياهہ جو شايد ڪو بہ نہ ترو ٿئي ٿو.

پيرَ ارادي جا چلجي منزل ڏي وڌندا،
تن هاري پر من جو زيان نہ ذرو ٿئي ٿو.

من جي اوندهہ تن جون جوتيون ترڙي ڪيدي ٿي،
من جي وس ۾ هر ڪو ڪم ڪرو ٿئي ٿو.

●

نرم نفيس نزاڪت واري ململ کي مخمل ڪيئن سڏبو،
اوجل جل نرمل ندين جو پوتر گنگا جل ڪيئن سڏبو.

محل مڪان منارا مرقد تنکي تاج محل ڪيئن سڏبو،
دم دلبر سان عمر برابر پريم جو هڪ پل، پل ڪيئن سڏبو.

دور سفر تي محب مسافر اکين کان اوجهل ڪيئن سڏبو،
انسانن جي بستيءَ کي حيوانن جو جهنگل ڪيئن سڏبو.

جنهن جاتيءَ ۾ ايڪي جو ٻل ان ٻل کي نرٻل ڪيئن سڏبو،
ڪشتي ڳرڪائيندڙ ڪن کي ساحل يا منزل ڪيئن سڏبو.

●

جڏهن منهنجي هٿ ۾ رباب آيو،
برهه جو تري دل تي باب آيو.

جڏهن ناز سان مهه-لقا نهاريو،
وري موٽي مون وٽ شباب آيو.

جو پل کان نه پلجي ڪڏهن به انجي،
نه ڪا ياد آئي نه خواب آيو.

گناهن ڏسڻ جو گناهه مون ڪيو،
انهيءَ عيب اوڏو عذاب آيو.

ڏسي خوبصورت جي صاف صورت،
چندرما تي لڄ جو نقاب آيو.

هنيو بحر ۾ مون جو غيبي غوطو،
فقط هڪ ئي هٿ ۾ حباب آيو.

# تجربو

دنيا ۾ مون نہ ڏکن ۾ ڪوئي غمخوار ڏٺو،
عجب مون دوستي جو ظاهر اسرار ڏٺو.

١- پري ٿي پاڇو مصيبت جي اونداهي ۾ الڳ،
جو هو ساٿي سو مون سورن ۾ ڀڄڻ هار ڏٺو.

٢- ڏسي سرءُ جي مصيبت وڻن کان پن ٿيا جدا،
غمن جي وقت ۾ مون ڪونہ غمگسار ڏٺو.

٣- ڊڄن ٿا دل گهريا پاسي ۾ ويهارڻ کان پرين،
سکن ۾ پيار، ڏکن ۾ مون اڄ ڌڪار ڏٺو.

٤- ناهي يارن ۾ ڪا ياري نہ عزيزن ۾ اڪير،
دوکيبازي سان ڀريل سارو مون سنسار ڏٺو.

٥- چپن ۾ مرڪ اندر ۾ ٻيهہ ڪاتيون رکن،
ڪنوڻ تي هرڪجي مون ڪين ڪارونڀار ڏٺو.

٦- ويو مرجهائجي گل ۽ ڇڏيو ٻلبل ٻہ چمن،
ٻن ڏينهن جو مون عجب باغ ۾ وهنوار ڏٺو.

٧- دردمند سور سجهايل ٿي دنيا کان فارغ،
جگر جي ضعف کان روئندو مون زار زار ڏٺو،

٨- ڪهڙا آلاپ ٿي دردي ڪڍي سيني مان ستار،
پر نہ مون اهڙي ڪو واڄي جو خريدار ڏٺو.

٩- ٿي خوشي صبح جو بهاري لئہ باوفائي ڏسي،
جو مون ڪنڊن کي هنجن جو هٿن ۾ هار ڏٺو.

١٠- پريسي سنسار ۾ 'فاني' تون سدا خالي رهئين،
تون جو ننڍڙي کان ئي ڳڻتين جو سر تي بار ڏٺو.

•

مون کي پنهنجي دل تي خود وشواس ناهه،
تو ۾ ڪا واعدي وفا جي آس ناهه.

پل جدائيءَ ۾ رهان جڳ کان جدا،
مان ملڻ جي ڪا به باسي باس ناهه.

وڻ مثل آهيان ڪناري تي اڀو،
پر نديءَ تان مان مٽائي پياس ناهه.

جي جيارين مون کي عزت سان جيار،
داس ٿي جيئان اها ارداس ناهه.

•

هوش رهبر جو ڇا رلي ويو آهه،
پنهنجي گهر جوئي در ڀلي ويو آهه.

سڀڪوئي سچ کي ويٺو ڪوڙ سڏي،
ڪوڙ ايڏو هلي هلي ويو آهه.

ڪنهنجي درياه دل جو بند ڀڳو،
نير بيوه جو ڀا ڇلي ويو آهه.

خون مفلس جي جگر جو پي پي،
شوق ڪيڏو ڦلي ڦلي ويو آهه.

او گنهگارو عام خاص اچو!!
سرڳ ميني جي لئه کلي ويو آهه.

ڪو هنر هن کان ڀلائڻ جو سکي،
جو نه ڀلندي مون کي ڀلي ويو آهه.

●

تنهنجي رخ تي غم جي ريکا منهنجي چت کي چور ڪري،
ويهه جهريل جيءَ جي سامهون تون منهن مايوس نه مور ڪري.

تنهنجي هڪ ڳوڙهي تان وهندو منهنجي ڳوڙهن جو درياهه،
خوشين کان خالي دل کي هڪ مشڪ سان ڇڏ ڀرپور ڪري.

منهنجي هردي کي ڇو مالڪ ناحق نرم ٻڌايو آهه،
سور ستائي ٿئي جو جي مان دور نه سگهندس سور ڪري.

تنهنجي غم جي رات مٿان مان چاهيان تولئه چنڊ ٽيان،
پر پرواز کان پڃري جي سيخن ساريو مجبور ڪري.

مان ٿو مان ۾ موج ڏسان ۽ منهنجو تون سان ڇا مطلب،
هرڪنهن کي پنهنجو هت پيارو ڇو ٿئي جو دک دور ڪري.

راز جيئڻ جو ڪيئن ڇئجي هي شوق پيئڻ جو ڪيئن ڇئجي،
پياسو ڀاسي ۾ نه ڏسي مان پاڻ ڇڏيان مخمور ڪري.

●

ڇا لئہ پري کان مون کي تو آواز پيار ڏي،
فرصت نہ فڪر کان تو جڏهن روزگار ڏي.

هن شام جي ڪا صبح وري ٿئي يا ڪانہ ٿئي،
توفيق شال مون کي ايڏي انتظار ڏي.

منهنجي پڪار کان اڳي دل جي صدا سڻي،
اهڙو ڪوئي دلدار يار غمگسار ڏي.

سندر جي هندورن ۾ لڏي پاپ تو پلجي!
مالڪ نہ مون کي اهڙو اندو اعتبار ڏي.

دنيا جو درد پنهنجي مان سيني ۾ سمايان،
اهڙي وشال دل جي اندر دلفگار ڏي.

خالي خزان جي خوف ۽ جهولي جي جهڙپ کان،
اهڙي ڪا بقادار چمن ۾ بهار ڏي.

’فاني‘ نہ بيقرار دل کي ڪر قرار لاءِ،
دنيا نہ بيقرار دل کي تي قرار ڏي.

●

ڏني جان جن هئي وطن واسطي،
رلي لاش تن جو ڪفن واسطي.

تڪن فرش جا عيب سج چنڊ تارا،
نگهبان نہ ڪو آ گگن واسطي.

سنائي سگهي ڪير ڪنڊن جي هستي،
غضب آ نماڻن گلن واسطي.

خزان ۾ بہ تن جي نہ خوشبو وڃي ٿي،
ٽڙڻ جي ٿا چاهن چمن واسطي.

غريبن جون آهون ۽ ڏکين جون دانهون،
اسيرن جي آهن جشن واسطي.

ڪروڙن ۾ ڪو شخص ملندو ڪٿي،
جيئي جو خوشيءَ سان غمن واسطي.

●

ڇو ڇڏيندي سرءُ ڪنهن گُل کي بچائي،
پنهنجي ڪوشش نا مڪمل ڇو ٻٽائي۔

ڪوئي اجڙيل شاخ کي سائي ڪرڻ لئه،
خون جي جان جو ويٺو ڪپائي۔

ڪو جبل جي چوٽ تي ان لئه چڙهي ٿو،
ڏنڊ جي پٿرن سان جئن شانتي ڦٽائي۔

ٻادلو وسندا رهو منهنجي ئي وڻ تي،
باغ ڀل پيو سرءُ سڀ ساڙي سڪائي۔

نا اميدي ۾ ٻه ڪوئي ٻار وانگر،
ڪاغذي ٻيڙيون ٿو نالي ۾ وهائي۔

دل گرم ڳوڙها گرم اکيون گرم،
باهه کي ڪيئن باهه سگهندي آ وسائي،

سور اسري آهه اڀري دانهن نڪري،
درد کو دل ۾ سگهي ڪيسين دٻائي۔

●

جيوت مان شل چاهه نه نڪري،
درد جي دل مان آهه نه نڪري.

دڪ جا مڪ مان ڳڻ پيو ڳايان،
سڪ جي ڪا ساراهه نه نڪري.

شوق عجب منزل ماڻڻ جو،
راهه ڪٿي گمراهه نه نڪري.

مرڻ کان پوءِ به محب وطن لئه،
دل مان اڪير اڻاهه نه نڪري.

موت اڳيان هر دل قطره جيان،
ڪائي دل درياهه نه نڪري.

عجب تجوڙي سيڻين جي مان،
پيچ ئي پيچ گناهه نه نڪري.

علم جو باغ بيابان بڻجي،
شال سهائي سياهه نه نڪري.

●

سڀ ڪي پنھنجو پنھنجو سوارٿ، ڪوئي ڪنھن جو ھمدم ناھي،
منھنجي غمسان منھنجو ئي ڪم، تنھنجو تنھن سان ڪو ڪم ناھي.

تون چاھين تنھنجي مرضيءَ تي، ھلندي سڀ قربان ڪريان،
تو وٽ جھڪندي سرڪ ماي، سو جيئري ڇا جھنم ناھي!

ڪا فولادي اک ھوندي، جا تڪليفن ڪان تر نہ ھجي،
جيسوت اڄ انسان مستان، چڻ شعلو آھي شبنم ناھي.

منھنجي سنھن جي مرڪ پنيان، ڪي لڙڪ لڪل تو ڪيئن ڏسين؟
ساز جي مڌر سنگيت پنيان، ڪجھہ سوز بہ آ سرگم ناھي.

●

منھنجي ڪنھن سان ڪا دوستي ناھي،
پريت جي ريت ڪٿ رھي ناھي.

گھور اوندھہ ڪان شعاع تو چرڪي،
شمع روشن آ روشني ناھي.

حسن ڪي داغ لڳي پل تہ لڳي!
سرفروشي آ عاشقي ناھي.

سڀڪوئي ڪل تو ڏيک واري ڪلي،
دل جي غمخاني ۾ خوشي ناھي.

او ڪي اکرن ۾ تا امنگ لڪن،
شعر سازي آ شاعري ناھي.

جو پيئڻ بعد گھر جو در نہ لھي،
خودڪشي آھہ مئہ ڪشي ناھي.

ھاڻي ھڻ- ڪڻ آ مثل 'فاني' جھان،
زندگي جي ڪا خاطري ناھي.

●

ساز دل جو نہ جو سوز ڇاڻي،
ڇو ٿو تارون تنبوري جون ٽاڻي.

آهہ مڪڙيءَ ستان ماڪ ڦوڙها،
ڪٿ خوشيءَ ۾ خوشي ڪوئي ماڻي،

ڪالهہ هٿ ڪي ڏيئي هٿ هليو ٿي،
اڄ نہ ٿو هٿ ڪي سو هٿ سڃاڻي.

حسن بي ترس جي بيرخيءَ تي،
عشق اکين ۾ ٿو اشڪ آڻي.

’فاني‘ دنيا ۾ ڪا شي نہ قائم،
جيڪي اڄ آ نہ هوندو سڀاڻي.

●

ڏينهن جي روشني ڦڪي آهي،
روشني ڏنڌ ڪان ڏڪي آهي.

آهي جت اند ڏنڌ جو واسو،
امن جي جوت ات جهڪي آهي.

سڀ جي هٿ ۾ پيو پتر ڏسجي،
ڪٿ شرافت وڃي لڪي آهي.

اصل آڪاهين ڪان مايا پڇي،
تنگدلن وٽ وڃي ٽڪي آهي.

اڪ مان ڦوڙهو ڇو اڇانڪ نڪتو،
ڪائي دل دل جي ائم سڪي آهي.

فن ٿو وڪڻي جو فقط ڏن خاطر،
جڻ انهيءَ آتما وڪي آهي.

●

آيـا مينهن ۾ آنـڌيـون ڪيئي،
پـري نہ پـاڳـي جي پت پيئي.

ڌمڻ بہ نہ جن کان ڌار ٿيو هو،
ورهـيـن جـي وٽ پئجي ويئي.

پـنـور پـٽـي آڪـاس اجايو،
آهــہ ڪنول جـي پـاڙ اتي ئي.

پـل تہ ڪلهي ۾ پـاءُ ڪيئرو،
ڏيـاچ ڪٿي سگهندو سـر ڏيئي.

اوچـي اپ جـي لاغرضيءَ کان،
ڌرتيءَ کي ٿـيـا گهاو گهٽيئي.

پنهنجي تــوڙ نـيـائـي هلجي،
ڇـا وٽــبـو ڏوراپـــو ڏيئي.

●

هر صبح سـاڻ سفر ۾ ٿـي اچي شام ملي،
هر خوشي کي هلي حصي ۾ ٿو ماتم ملي.

سختيون ڪيئي ستم سور سوين صدما سهي،
زندگي توکي اجـل جـو عجب انعام ملي.

نہ اچڻ پنهنجي آ وس ۾ نہ وڃڻ پنهنجي وس،
پنهنجي مرضيءَ سان اچ وڃ کان ٿو آرام ملي.

ڪي ٿا مستيءَ ۾ ٿي مخمور حياتي گهارين،
ڪنهن کي خالي چو ٿو ساقيءَ جي هٿان جام ملي.

گل چمن مان ٿو وٺي واس وڃي واس چڙي،
چو خـزان کي ٿو اجـايـو اهو الزام ملي.

●

زندگي اڄ اداس ٿي ڏسجي،
موت جي آس پاس ٿي ڏسجي.

سڀڪوئي تنگ آ حياتيءَ مان،
آس ڪان دل نراس ٿي ڏسجي.

منهن ٿي ڇمڪي ٿو چنڊ چوڏس جو،
پر چو اندر اماس ٿي ڏسجي.

آدمي جانور ڪان بدتر ٿيو،
ڪانءُ ڪنهن کي شناس ٿي ڏسجي.

زندگي ڪشمڪش جي ڇايا ۾،
بي اجهي بي لباس ٿي ڏسجي.

درد ايڏو آ ٻي ڇڏيو دل کي،
دل پڳل بي حواس ٿي ڏسجي.

تشنه لب آهه سمنڊ ۾ بهه سڀي،
زندگي پياس پياس ٿي ڏسجي.

خار 'فاني' ٿا چڀن ان دل کي،
جنهن کي ها گل جي آس ٿي ڏسجي.

•

زندگي بحر بي ڪنار آهي،
آب تانگهو به جتي تار آهي.

ٻاهران منهن تہ سڀ جو ٿو ٻهڪي،
ڪنهن جو دامن نہ داغدار آهي.

ڪهڙي اوندهہ پئيان اجالو ناهہ،
هر خزان پوئتان بهار آهي.

جي خوشي آهہ سج جي پاڇي جيان،
غم بہ آڪاس تي غبار آهي.

فرق ڪيڏو آ مگر هڪ ٻئي ۾،
سک آ مرهم تہ دک ترار آهي.

آهہ جيوت ۾ دک ۽ سک ملئل،
مئہ ۾ تلخي سان گڏ خمار آهي.

”فاني“ جيئين ٿو بي بقا جڳ ۾،
تون فنا جڳ تہ بقادار آهي.

•

منهنجي جيوت ڏک ۾ گذري،
سڀ ڏک نيٺ وڃن ٿا وسري.

پر ويسر جي ليک لتاڙي،
ڪي ڏک درد اچن ٿا آپري.

ٻالڪپڻ جوڀن جا واقعا،
پور-پرن تي آيا آڏري.

هيڏي دنيا ۾ منهنجي لئه،
ڪانه ٽڪڻ لئه آهي ٽُڪري.

هردم منهنجي غم جي ڪيتي،
اکين جي آنسن تي آسري.

ڏيئي جي ڏکندڙ وٽ وانگر،
لاٽ وساٽي وري نه سڌري.

هير ڏکڻ جي هاڻ هٽائڻ،
“فاني” ناهه سٽائي سُٿري.

•

منهنجو محبوب نئين رمز وٺيندو ٿو وڃي،
آئينو ٽوڙي هو ٽڪرن کي ڳنڍيندو ٿو وڃي.

خود نمائيءَ کي خودي سمجهي خدا دور ڏکيو،
محب مغرور مگر حسن تي ٿيندو ٿو وڃي.

ڇو ٿو ظاهر ٿي لکي ۽ لکي ظاهر ٿو ٿئي،
هو مثل حور جي پردي مان تڪيندو ٿو وڃي.

ناز جي ايڏي نشي ۾ ٿي رهي ساقي ٻڌل!
ڪنهن کي مئه جام ته ڪو پياس ئي پيئندو ٿو وڃي.

محب گل تنان هيا خوشبو صبا شبنم به فدا،
اڄ اهو خار ئي گلشن کي ڏنگيندو ٿو وڃي.

شمع مندر جي ڪٿي شماع ٿو مسجد کي ڏئي،
قومي اتحاد جا ڏس، ڏس ته ڇا ڏيندو ٿو وڃي.

داغ ڏسندي ئي ڇٽل زخم ٿو ڇڻ اکلي پوي،
گيت ڳائيندي وطن جا ڪو وڍيندو ٿو وڃي.

دل ته هڪ آه مگر غم به ته هڪ هڪ ٿي اچي،
سور سورن پٺيان ڇڻ قافلو ايندو ٿو وڃي.

جت سڄي رات سڙي رک ٿيا شمع پروانا،
هر صبح رک اها مستڪ تي مکيندو ٿو وڃي.

●

دل کي چا ٿي ويو آ چا چئجي،
زندگي نبض جي صدا چئجي.

رنگ گل کان پڇي پري ٿي ويو،
نغم بلبل کان چڙ جدا چئجي.

هڪڙي گل جا سوين ٿي شيدائي،
کنهن سان کنهن سان سندس وفا چئجي.

مان جفا ۾ تو ڏسان تنهنجي وفا،
تنهنجي ڪائي جفا، جفا چئجي!

رات جو روح صبح سان آهون،
هن حياتيءَ کي بي حيا چئجي.

ڪائي ڪن پل تم آءٌ ويجهو ويهه،
هڪ گهڙيءَ لئه گهڻا دفعا چئجي.

سچ ۾ سچ ڪونه ملي ڪٿ "فاني"،
ڪوڙ کان ڪوڙي ٿي دنيا چئجي.

●

سپ جو آهه نصيب نرالو،
هرهڪ ناري ناز نه ٻٽبي.

سپ ڪا ناري پريتم پياري،
ماهه لقا ممتاز نه ٻٽبي.

ڪابه نظر مغرور مجازي،
ناز ڇڏي نياز نه ٻٽبي.

تار جي ڪٽ تقدير ڪلي ٿي،
سپ ڪا مرندو ساز نه ٻٽبي.

حسن جڏهن آغوش ۾ ايندو،
عشق جي رات دراز نه ٻٽبي.

شوق شغل جنهنجي به شاعري،
غرض جو ڪو آواز نه ٻٽبي.

آهه اڏام ڪلپنا جي سپ،
جهرڪي پر شهباز نه ٻٽبي.

"فاني" عقل اندر عاجز دل،
عشق جيان اعجاز نه ٻٽبي.

●

جدائيءَ ڇڏيو تيستر اهڙو ڇپائي،
نہ چوري سگھان سر، نہ پاسو ورائي.

اکين کي ئي سچ آهہ لقمي جي لالچ،
تڏهن ”وات کائي تہ اک تي لڄائي“!

اجايو تو پتر هٿين بانولي کي،
وٺي وات پنهنجي ها هو بڙ بڙائي!

نہ واقف هو هُو حسن کان، عشق کان مان،
پئي جاڻ جئن، ويو مزو موڪلائي!

سندس اصل کان بي نيازيءَ جي عادت،
ڏٺي! منهنجي غيرت کي تيو ڇا الائي!

اتن تيون وري دل مان چو سيسراٽيون،
لنوي اک ڇڏيو ڪجھہ آ دل کي پڌائي!

پتنگ ڇا ڏسي شمع پڙڪي نہ آٿندو،
مگر روح پاري ڪيس پر پڇائي!

پڻ آهہ بدڪار، بدڪار سو آ،
پڻ بعد پڇتاءَ جو تو پرائي!

تيو خار آ خوار، ”فاني“ جڳت ۾،
مگر گھاءَ گهرو تہ گل تو رسائي!

●

حفاظت سان سدا ناتو رفاقت جو رکڻ گهرجي،
محبت جو نہ اوکو پيچرو ڇرڪي ڇڏڻ گهرجي.

اکين جي آب سان سرسبز ڪر گلشن اميدن جو،
مگر مالهي نہ باغيچو پريشان تني پڻ گهرجي.

رندو هڻ قلب کي سمجهي ڪندو رهہ ڪار ڪاريگر،
محبت جي عمارت لئہ نہ بي ڍولو ڍڪڻ گهرجي.

ڍکي تي درد جون دانهون ڪڍين ڇو سرد آهن سان؟
بره جي باہ بزدل تي نہ ئي ڪنهن سان ٻڪڻ گهرجي.

ڏلي تي نبض تنهنجي سوز ساڙي کان تہ ڇا تي پيو؟
انهن جذبن ۽ جوشن کان جگر جيرو جلڻ گهرجي.

نہ وچ رت ۾ رڳي هٿڙا ڪلي دلدار هيئن چوندو:
”هٿن تي ڇا! اها ميندي سدا منهن تي ملڻ گهرجي“.

جدائيءَ ۾ خدائي راز آ ميلاپ جو مخفي،
صبر سان ڇو نہ تنهن لئہ سور ۽ سختي سهڻ گهرجي.

محبت جو مٺيون تهہ آهہ زهري پر اندر مصري،
ڳهڻ سگهي پر نہ اهڙي تول کان هرگز ٽهڻ گهرجي.

ڪڪر ڪاري مثل غم کان ڀلي تي شڪل اونداهي،
مگر تنهنجي اکين مان عشق جي ٻجلي ٻکڻ گهرجي.

ملڻ دلدار جو ديدار ٿيو دشوار آهي گر،
تصور يار ۾ تصوير طالب کي تڪڻ گهرجي.

رڳن جي تار تي ”فاني“ لڪي ڇئہ راڳ الفت جو،
اندر ۾ ساز سوزن جو بنا واڄي وڄڻ گهرجي.

●

جڏهن پوش ڪنهبي جو پائي جواني،
اچي تي ٽي لالاڻ لائي جواني.

رهي رند رونشن جا واريءَ تان ڏاهي،
رتل راند آئي ڦٽائي جواني.

وڃائي فرشتن جي وهم واهم آئي،
ڪرڻ آهم ۽ هائي هائي جواني.

جڏهن تير ترڪش مان جذبن جو نڪتو،
سگهي ڪين واپس ورائي جواني.

محبت تمنا ڪان دل بيخبر هئي،
ڇڏيو ڀوت ليڪن بچائي جواني.

رهي دور ۾ زر زمين زن جي طالب،
زماني ڪي ٽي آزمائي جواني.

زمانو تيئن پنهنجو رخ ٽو مٽائي،
جيئن پنهنجو رخ ٽي مٽائي جواني.

اچي چٽنگ چيٽڪ جي چولي سان چنبڙي،
ڇڏي باهه پنيت ٻٽائي جواني.

جگر سوز سودا ۾ ڳاري پگهاري،
ڇڏي خون پنهنجو ڪپائي جواني.

سڄو جام ئي چلڪين ۾ وهي ويو،
نه ٽي بوند باقي بچائي جواني.

بنا قيد زنجير دلبر جي در تي،
عجب پابندي سر سهائي جواني.

پروڙي ٽي اڪين منجهان راز مخفي،
سڏيون اڻ سڻيون ٽي سڻائي جواني.

رهي ڪين دولت جي اڻجڻ جو خطرو،
جي هڪوار دل کي لٽائي جواني.

ڪٿي پاڻ اڪين منجهان اشڪ اوتي،
ڪٿي گهوٽ گهورن سان گهائي جواني.

ڪپائي جتي نيڻ نرگس نشيلا،
چڙهي سا جڳهه تي جلائي جواني.

پهاڙن جي چوٽين تي چڙهندي نہ چرڪي،
مصيبت ۾ تي مسڪرائي جواني.

اڪيلي چڙهي ظلم جي بيخ اکيڙي سان،
شرافت اڳيان سر جهڪائي جواني.

شروع ڪان شروع تي دوائن جي حاجت،
تي ڪشتن تي طاقت لڳائي جواني.

جواني تي جوڀن کي ڳولي پٽين تي،
جواني چڙهي تي وڃائي جواني.

پلي آهه پيريءَ جي پورهيي پگهر تي،
چڙهي سي پلايون پلائي جواني.

پلي ناز هستي سان هلجي جڳت ۾،
جي ڪنهن سان ناتو نڀائي جواني.

هي سورج جو اڀريو لهڻ لاءِ لاشڪ،
نصيحت جي دل سان هنڊائي جواني.

هي درياهہ وهندو روڪڻ سان رڪبو،
پلي موج سان وهہ وڃائي جواني.

جواني ۾ "فاني" نہ پيري پڇي ها،
مگر تڪ تڪن جو ٽڪائي جواني.

●

هئہ هميشه لئہ اڪيلو، ڏو ڪري، ڪيڏانهن وڃي؟
درد جي ڦهري ڏچا دل تي ڏري، ڪيڏانهن وڃي؟

١- تون هئين سنسار جي چشمي مٿان ڪومل ڪنول،
ڳپت مڪڙي کي ڳنوائي گم ڪري، ڪيڏانهن وڃي؟

٢- چا قيامت ڪان اڳي پلٽو نہ قسمت کائيندي!
لهس ڪان اي لال لنولنو ڪري، ڪيڏانهن وڃي؟

٣- ڪين ڇاتم تان مسافر تي رهين خاني اندر،
باهہ دل ۾ درد جي تو ريءَ ٻري، ڪيڏانهن وڃي؟

٤- تون هئين تان مون اکيان ساري دنيا روشن رهي،
هاڻ تو اوندهہ ڪري مون کان پري، ڪيڏانهن وڃي؟

٥- واءِ قسمت! ڪير ڦهري، آنڊ جي اوڏو ٿيو؟
روح راڙي ۾ اندر ڇاتي ڏري، ڪيڏانهن وڃي؟

٦- ڳهر ڏسان يا ٻر ڏسان تو لئہ وسوڙا ٿيا وڳا،
تو بنا منهنجا سلائڪ نا سري، ڪيڏانهن وڃي؟

٧- ڳود جا ڳوهر مٿيا اي هنج جا تون ڳنج دل،
هاڻ منهنجي حسرتن سان دل ٻري، ڪيڏانهن وڃي؟

٨- ٿيو مٿا تنهنجي مٿان ڪو واءَ ڪوسي جو اثر،
سوز ۾ سرتاج ڏو سينو سڙي، ڪيڏانهن وڃي؟

٩- نيٺ توسان مان ملان ۾ هي ڇڏيان "فاني" جهان،
پل نہ ٿيندس پوءِ پرين تو کان پري، ڪيڏانهن وڃي؟

# پــنــجــکـــڙا

ڪري ٿو تون تون پيو هي ڪير؟
اهو ئي مان ئي مان آهيان،
نه چاهين 'مان' کي مان چاهيان،
فقط آ تنهنجو 'مان' سان وير،
ڪري ٿو تون تون پيو هي ڪير؟

ملائي آءٌ ڇڏيان تون ۾،
ڪڍي ڪو مون مان 'مان' جو غير،
رهي جنهن ڪو نه فرق نه ڦير،
سري ڪجهه تون ۾ ته اچ مون ۾،
ملائي آءٌ ڇڏيان تون ۾.

نه ايڏو منهنجي ويجهو ويهه،
ڪري مان ڪين سگهان ديدار،
اجايو مون ڪئي ملي ميار،
ڏکي تو کي بس ڏسي پيو ڏيهه،
نه ايڏو منهنجي ويجهو ويهه.

هياسون هڪ ٻئي کان نه جدا،
اصل کان مان تنهنجو ئي روپ،
ٻنهي جو ساڳيو آهه سروپ،
خودي مان تون ٿي پئين خدا،
هياسون هڪ ٻئي کان نه جدا.

هتي جي ڪانه هجي ها رات،
جلائي شمع ڇو ها جان،
پتنگ نه جان ڪري قربان،
نه ڪائي جاڳي ها جذبات،
هتي جي ڪانه هجيءَ ها رات.

لڳي ٿي دنيا قبرستان،
گهمن ڏرتيءَ تي زنده لاش،
رهي ڪنهن ۾ به نه آهه شناس،
ٿئي ٿي انسانيت حيران،
لڳي ٿي دنيا قبرستان.

ڇون ٿا اپ دونهين جو دود،
اهو ڪجهه آهي يا ناهي،
جي ڪجهه ڪوڙ ته سچ ڇاهي،
ملي ويو ڪين ڪي ڪيئن وجود،
ڇون ٿا اپ دونهين جو دود.

ملي ويو ڪين ڪي ڪيئن وجود،
رکي ڪو ڪين ۾ ڪيئن ويساھ،
ڪري سچ ڪوڙ جيان گمراھ،
نہ اھڙي سچ جو ڪھڙو سود،
ملي ويو ڪين ڪي ڪيئن وجود.

ڪين ڪي ناھي ڪيئن نہ وجود،
ڪين دنيا ۾ ڪيئن آئي،
جڳت تي عرش جيان ڇائي،
اچي ويو حد ۾ لامحدود،
ڪين ڪي ناھي ڪيئن نہ وجود.

ڪين جو ڪوئي روپ نہ رنگ،
سڄڻ جي اھڙوئي آھي،
رکيوسون ڏاھ منجھان ڏاھي،
اسان ڪي آيو ڪيئن امنگ،
ڪين جو ڪوئي روپ نہ رنگ.

ڪين مان نڪري ايندو ڪين،
ڪين ڪي ڪھڙي آ ھستي،
ڪين جي ڇا تي آ مستي،
اچي ڪو ڪنھن ڪي ڪيئن يقين،
ڪين مان نڪري ايندو ڪين.

اها چشم ڪهڙي آهه حيات،
جئن ڪو چاهي جي نه سگهي،
مرڻ خود وس ۾ ٿي نه سگهي،
سزا ٿي سواسن جي سوغات،
اها پيي ڪهڙي آهه حيات.

هوا ان پاڻي جيت ئي جيت،
اسان جي پيٽ ۾ لک لک لاش،
جئڻ لئه وس ۾ آهه وناش،
اسان جي آهه موت تي جيت،
هوا ان پاڻي جيت ئي جيت.

ڪٿي آ پاپ ڪٿي آ پيچ،
لکن جيتن جي ساري جان،
جيئي ٿو پاپ ڪري انسان،
رڳو آ راز رڳو آ اچ،
ڪٿي آ پاپ ڪٿي آ پيچ.

جڳت جو ڪهڙو آهي روپ،
ڏسون جو اکين سان سڀ ڪوڙ،
رڳو آ ڏوڙ ڏڏڙ جي دوڙ،
ڪٿي سچ ٿي ويو آهه الوپ،
جڳت جو ڪهڙو آهي روپ.

هتي آياسون چاجي لاءِ،
مرڪ جا سک ماڻڻ شايد،
نرڪ جا ڏک ڀوڳڻ شايد،
هليا ويندا سون ڪهڙي جاءِ،
هتي آياسون ڇاجي لاءِ.

ڇٽي پيا پاڻهي پيلا پن،
اسان کي رهڻ ڪپي ان ريت،
ڇڏيون ٿا ڇونه جڳت جي پريت،
عمر پر وڻ جي لوچ لڳن،
ڇٽي پيا پاڻهي پيلا پن.

جيئڻ ۾ ڪهڙي آهه ڪشش،
مرون ٿا مرض مصيبت ۾،
رهون ٿا تنگ طبيعت ۾،
نه جاڳي روح اندر رنجش،
جيئڻ ۾ ڪهڙي آ ڪشش.

لڳي تو باغ نه گل پنهنجو،
ٻڌايو ڪٿ سون آ ڪيرو،
بهاريءَ بند ڪيو پيرو،
چمن ۾ ڪونهي هل ڪنهنجو،
لڳي تو باغ نه گل پنهنجو.

روئـي مـان پـانـد پسايو رات،
اسـر جـو ڳـوڙهـا ڳـنـڍ ٻڌم،
صبح جـو مـوتـي منجهه لڌم،
سياڳي سڪ جـي آ سـوغـات،
روئـي مـان پـانـد پسايو رات.

پـڙهـيـا مون گيتا ويد پـراڻ،
ويس گنگا ۽ گـرؤ جـي دئـار،
ڪـڙي پيئي اوندهه انـڌوڪار،
اکـي ڪـان اکـرو ٽيس اٽجاڻ،
پـڙهـيـا مون گيتا ويد پـراڻ.

# نظم

●

ديس جي خاطر دل مان ڏيندس،
دل جنهن ۾ ايمان بہ هوندو.

سر ڏيئي مان سرهو ٿيندس،
سر جنهن ۾ ايمان بہ هوندو.

محب وطن ڪان منهن نہ مٽيندس،
منهن جنهن مان لڄ لال بڪي ٿي.

درد مان ڪنهن سان ڪين ونڊيندس،
درد جو خود درمان بہ هوندو.

ديس جي ڌرتي سرڪ بڻائي،
اوج اڪيئن جا ورق ورائي.

جنهن ۾ مستقبل جوڙيندس،
ماضي حال زمان بہ هوندو.

جنني جا سينني جننين جي،
جسم بہ ان جو جان بہ ان جي.

"فاني" فرض جو قرض سچائان،
فرض سان گڏ احساس بہ هوندو.

●

محل جي پاڇي پٺيان ڪنهن جي آ جهرندڙ جهوپڙي،
جنهن منجهان دونهون ڪڍي چنتا جي ٻرندڙ چوچڙي.

ڏينهن سارو جنهن کي پورهئي جي پريشاني لڳي،
رات ساري غم گذر جي جنهن کي حيراني لڳي،
ڪيئن ڪٽي مفلس مهانگائيءَ جو سر تي پهاڙ،
هوريان هوريان ٿا وڃن آباد گهر ٿيندا اجاڙ.

جوڙ ساڳي جوڙي سو ڪيئن بخت جوڙيندو جدا،
هيءَ بندو ٿو ڏئي بندو ٿي بندن کي سزا،
دردمندن جو نه ڪو دنيا اندر همدرد آهه،
گرم دل غمخوار جو سينو پيو ٿي سرد آهه.

مفلسن جي روز آهن سان ٿو پرجي آسمان،
پرجي پرجي نيٺ ڪرندو فرش تي طوفان جيان،
ڪيئن خدا خود غرض دنيا دار کان وسري ويو،
پروسو ٻڪوان جو دل مان سندس نڪري ويو.

محل وارا بجلين سان پل تون روشن گهر بڻاءِ
پر نه ڏيئو ٽمڪندڙ مفلس جو ڦوڪن سان وساءِ،
آ غريبيءَ جي غمن جي رات ڪاريءَ جي پٺيان،
سج لڪل "فاني" اميدن جو انڌاريءَ جي پٺيان.

# نئون دؤر

هي دور حسرتن جو، هردم نہ ھلندو رهندو،
صدما نہ کو سدائين، سختيون ۽ سور سهندو.

١- مورت تون پنهنجي من مان، ماضيءَ جي ڇڏ مٽائي،
ڪجهہ حال لاءِ خيالا، همت سان ڏس هلائي،
ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڳري ڪو، ڳٽيس ۾ ڪين ڳهندو.

٢- زردار جي ذهن تي، سوارث سوار آهي،
مفلس جي مقدر جو، جنهن تي مدار آهي،
ڏن جو خمار ان جي، نيڻن تان نيٺ لهندو.

٣- رئندي عمر گذارين، لهہ خواب ڪنهن خوشيءَ جو،
وٽ خار مان خفي ٿي، رستو نہ خودڪشيءَ جو،
بگڙيو جي بخت تنهنجو، ٺاهڻ سان نيٺ ٺهندو.

٤- مغرور جي اکيان ڇو، مجبور ٿي گذارين،
قاتل جي ڪات ڏي ڇو، تون رحم لئہ نهارين،
چشمن مان تنهنجو چشمو، وئرٽ وجي ٿو وهندو.

٥- چاهين جي تون جهڪائڻ، دنيا جهڪي پوي ٿي،
تنهنجي پٺيان پڄڻ لئہ، منزل رڪي پوي ٿي،
روڪي جو راهہ تنهنجي، پربت پٽون ٿي ڍهندو.

# تون ۽ مان

## (اتحادي آلاپ)

اچ برادرا! ’تون ۽ مان‘ ۾ اصل ڪان آهي وفا،
اچ ته سيني مان ڪڍي ڪينو ڪريون سينو صفا.

فڪر ناهي جيڪڏهن جهڳڙڻ رسڻ جي ريت آهه،
نيت پنهنجي پائپيءَ جي پريت تي پرتيت آهه.

پر سڄڻ پر جي اڳيان گهر کي ڪنو ڪمتر ڪرين!
ڇو برادر، ڪير مادر جو نرادر تو ڪرين؟

غير جي چائنٺ تي بي غيرت جي پيشاني گسي،
پر غلامي تي ڇڏي احساس انساني ڪسي.

سادگي اهڙي تي ڇا ڏڪار ۽ ڦڪار ناهه؟
تا لڙون ليڪن هٿن ۾ تير ۽ تلوار ناهه.

پنهنجي پابندي تي روئڻ جي بجا وڙهندا رهون،
ساري دنيا جي تڏهن لعنت ملامت ٿا سهون.

فرض پهريون آ غلامن جو غلاميءَ سان لڙڻ،
ظلم کي پاڙون پٽڻ ذلت ايامي سان لڙڻ.

هڪ ٿيون هڪوار جي هندو مسلماني ڇڏي،
خودبخود ”فاني“ شرارت شور شيطاني ڇڏي.

## تون ۽ مان

تون به اهوئي مان به اهوئي،
تو ۾ مون ۾ فرق نه ڪوئي.
تنهنجي منهنجي ساڳي صورت،
تون صورت مان تنهنجي مورت.
تنهنجي گهر مان ڏڪجي آيس،
هٿ ڇا لئه مان ڇڪجي آيس.
تو آندو هت تنهنجي مرضي،
تو وٽ آءُ نه آيس عرضي.
مون کي ڪري گداگر چاڪر،
سڏ جي پاڻ سخي سوداگر.
مان جي توسان ڪريان بغاوت،
ڪيڏانهن ويندءِ سخي سخاوت.
توئي فرق وڌو تون مون ۾،
اصلي مون مليل هو تون ۾.

سمنڊ مان وير ڇو ايري اٿي ٿي،
سڏيندا سڪ منجهان هوندس ستارا.
نراسائيءَ مان ڪاوڙ جي ڪري ٿي،
سهن ٿا قهر بي ڏوهي ڪنارا.
افق تي شام ڇو ڳاڙهي ٿئي ٿي،
چڙي ٿي ڏينهن جا پيارا نظارا.
سندس غم ۽ غصو ويتر وڌي ٿو،
اچن ڪارنهن مان ڪڏندا ڀوت ڪارا.

[ ٢ ]

تنهنجي منزل آهه منزل ڪان پري،
دور ڏس ويجهي ڪڏهن منزل نہ ڏس.
مرد سانجهيءَ لاءِ ڪٿنائي نہ ڪا،
حل ملي مشڪل جو پر مشڪل نہ ڏس.
زندگيءَ جو نانءُ پيو آ ڪشمڪش،
راڳ رنگت جي رکو محفل نہ ڏس.
پنهنجي محنت سان مقدر کي بڻاءِ،
پاڻ کي قسمت جو تون قائل نہ ڏس.

—

# ٻـونـد

بوند تون آهين بحر جي، يــا ڪنهن آسـمــان جي،
تــون پيدائـش پيار جي، يــا ڪنهنجي ارمــان جي.

١- بحر ڇو بي پايان ڇڏ جي، عـرش ڪشادي مان لڏ جي،
توکي تنگــ وٽي ويئي، زحمت هـــت زنــدان جي.

٢- مکڙي گــل ٻڃي پوي، گل تــي ڇن ڇڄجي پوي،
تو وٽ ڪا تفريق ناهه، خــار يــا گــل خندان جي.

٣- شيشي جئن تون صاف صفا، تـــو وٽ نــاهــه وفا جفا،
تو مان صورت ٿي ٻکي، نيڪ يــا بـد انسان جي.

٤- تنهنجو ڪن پل جو گذر، ڪال قـضـا کـان بيخبر،
تون ڇا پريت سڄي سڌين، جـونـي هـــن جهان جي.

٥- ’فاني‘ پــاڻ فنا ڪرين، تون لکـــ بوندن ۾ پرين،
ايڪي ۽ اتــفــاق جي، خــوشبو گــڏ گــذران جي.

# حقيقت

کھڙي دل آھہ جا زحمت کي بہ رحمت ٿي چوي،
رنج راحت چوي فرقت کي بہ فرحت ٿي چوي،
سان حقيقت ۾ حقيقت نہ لکائي ٿو سگھان.

منھنجو غم منھنجي لئہ چئہ کيئن خوشي ٿي ٿو سگھي،
دل دکي وارو نہ صورت ۾ سکي ٿي ٿو سگھي،
نير نيڻن جو نہ چپرن ۾ ڇپائي ٿو سگھان.

ھو نہ موتي نہ جواھر، رڳو تارا آھن،
پر ڪويءَ جي رڳو ديدن جا دلارا آھن،
اھڙي دولت سان مان غربت نہ مٽائي ٿو سگھان.

منھنجي اک کين فريبن کان ڪو کائي ٿي فريب،
منھنجي سچ سامھون ساکي ٿيا سوري ۽ صليب،
سان نہ اڳوان کي پڳوان بٽائي ٿو سگھان.

بيوفا سان مان وفا کين ڪرڻ ٿو چاھيان،
دل ڏيڻ کان بہ اول دل مان وٺڻ ٿو چاھيان،
نيڻن جو ناتو نہ نالي ۾ نڀائي ٿو سگھان.

مان ٿو جذبات جي دنيا کان دور رھان،
مان ٿو حالات جي مجبوري کان مجبور رھان،
مان ستل ياڳ جفا سان نہ جڳائي ٿو سگھان.

ڇا نہ بادل ڇا نہ بجلي ڇا نہ بوندن جي بھار،
مان مفلسي تي مصيبت ٿو ڏسان مينگھہ ملھار،
مان ان جي آگ جلائي نہ بجھائي ٿو سگھان.

مون کي اوچو نہ اڏامڻ جي لاءِ عرش کپي،
مون کي فرحت پريو ”فاني“ ٿو فقط فرش کپي،
مان امنگن جي عمارت نہ اڏائي ٿو سگھان،
مان حقيقت ۾ حقيقت نہ لکائي ٿو سگھان.

# هستيءَ جو راز

اوچتو هڪ پن جڏهن ڏاريءَ جي ٽاريءَ مان ڪريو،
ڦٽڪندو ڌرتيءَ تي ڏسندي چوٽ هڪ دل ۾ لڳي.

١- هاءِ جت رنگين جهوليءَ ۾ ٿي ساٿين سان لڏيو،
اڄ عدم جي چپ چپاتي آهه محفل ۾ لڳي.

٢- زندگي جنهن جي بسر ٿي برڳ جي آغوش ۾،
ٻن گهڙين گهارڻ لئه سا جيوت ئي مشڪل ۾ لڳي.

٣- دربدر دل ڪيئن نه ڳوليو گهر ٿي دائم منتظر!
ليڪ دل دوري لئه ايلائڻ ٿي منزل ۾ لڳي.

٤- هئي خبر ڪهڙي ته هستيءَ کي نه آ جڳ ۾ جٽا،
پٺتي موٽڻ لئه ٿي شايد لهر ساحل ۾ لڳي.

٥- ويو سڪي نازڪ رڳن مان خون لاغرضيءَ سندو،
ڪيئن جواني ٿي آيامي شوق باطل ۾ لڳي.

٦- هي ڇا! هڪ وڻ تان ڪري پئي جي ويو چاڙهي چڙهي،
ڪيئن لڏي ٿو لاڏ مان تازي تنزل ۾ لڳي.

٧- اڄ ٿي بلبل سرءَ کي گلشن مان ڪاوڙجي ڪڍي،
بي بقا شي لئه خوشي جي خار غافل ۾ لڳي.

٨- آهه هڪڙن جي خزان ٻين جي بهاريءَ جو ثبوت،
بي خبر 'فاني' مگر گُل تو رهي گل ۾ لڳي.

# شڪايت

ٻڌ نہ ٻڌ ليڪن ٻڌائڻ کان ٻڌائڻ جو حواس،
هچڪندو هرگز نہ جيسين ساهہ جو سر ۾ نواس.

هي ڇا اکين سان ڏسي ذلت تباهي گندگي!
تنهنجي بندي کان ويئي ٻلجي آ تنهنجي بندگي.

لفظ آزادي جي آڻن ديس پريمي وات تي،
بي خطا تن جو ٽٽي سرگهات قهري ڪات تي.

جت غريبي ٿي جهلي دولت جي در تي ٺوڪرون،
ڪن کي بندوقون ڪلهن تي ڪن کي آهن ڪوڏرون.

جت ڳڙن معصوم جي اکين مان لڙڪن جون لڙون،
جت ڇون زخمي ٿي ڪنڍن کان گلن جون پنکڙيون.

پورهيت جي جت جلي دل مان گرم آهون اچن،
فئڪٽري جي چمنين مان ٿا جيئڻ دونهان وڃن.

جت نپن ٿا ڏينهن ڪل ڪنگال جا جنجال جا،
جت بکايل ڳل چمي ٿي زال بيواهه ٻال جا.

جت ملي مشڪل ٿو هاريءَ کي فقط اٽي جو پاءُ،
پر زميندارن جي ڪتن کي ملي ٻوڙ ۽ پلاءُ.

قوميت جي دهل تي جت ڏونگ جو ڏونڪو هڻي،
تـا اچـن اجــلاس ۾ اڳــواڻ خـود غرضي کڻي.

جت اُهوجهن کي ڦري ڪن ڦـوڪ تـا مذهب فروش،
ڀـورڙن جا ٿا ڀـرن نـفـاق ۽ نفرت سـان گوش.

ڌرم جي نـالـي کان ناواقف چـوائـن ڌرم وير،
ڪرم ڪانئر تـا سـڏائـن ڪرمـچـاري ڪرم وير.

جت جـوانـن جـو نـتـو جـاري ٿئي جبرو جهاد،
تن سـان جن سرمائيدارن کـي آ ميڙيءَ جو سواد.

سـود خـورن جي طـمـع جـو تس پريو پرجي نٿو،
قهر غـربـت تـي ڏسـي آڪاس جـت گرجي نٿو.

هـرطـرف کـان غـم نصيبن جـو اهـو آواز آهه:
”ڇا اها آ تنهنجي دنيا جنهن تي توکي ناز آهه“.

تنهنجي ”فاني“ بـنـدي کي خاوند ڪئن ايندو يقين!
تنهنجي دنيا هيءَ! جنهنجو تون ٿئين مالڪ مڪين!

# پرڀات

ڳلي لڳي آڪاس ۾ وچڙيا ٽسي ڏينهن رات،
ٻن پريمين جي ڪنٺ ۾ هئي ٻرهه جي بات.

ڀسيل ڀنڀڙيون رات جون ڏينهن ٻه ٽي ڏلڪيو،
ڳوري ڳاڙهي نيڻ مان نير ڇٽي ڇلڪيو.

ڏلڪي رات ڏهاڳ ۾ ڏيل وجهي ڏاريو،
چيري چاڪ جگر جو ڏينهن ٻه ڏيکاريو.

ٻاڏائيندي راتڙي ٿيون ٿيا نيڻ نراش،
ڪرڙيو خوشي خومار مان پربت تي پرڪاش.

ٽٽو نشو ننڊ جو جاڳيو سڀ سنسار،
گل ڦل باغن ۾ ڪرڙي ڪيو سڄر سينگار.

ڪوئل 'ڪوڪو' برڇ تي ڪئي عجب آواز،
بلبل ٽي گل سان ڪيو نئون نرالو ناز.

نڪري نور نقاب مان پکڙيو پورب ديش،
اوڦڊ هم ۾ آڪاس مان آيو سهنج سنديش.

آيو ڏرتيءَ ديوتا هٿ ۾ اگني ٻاڻ،
سورج سان ساٿي هيا سوين سپاهي ساڻ.

چيلهه ۾ ڊپٽو تيج جو سر تي سندر تاج،
جرڪيا موتي مٽڪ تي نيلم ۽ پکراج،

ڪرڻا ڪڏ ڪيا موج مان ڪٽي هٿن ۾ هار،
سرشٽي ديوي تي ڏنو هرش ڀريو ديدار.

'فاني' روشن ٿي ويا ٻئي ڀڙ فرش اڪاس،
ٻن پريمين جي فراق تي ڪيو نه قدرت قياس.

# رات

سج سنياسي رڱن ڪري ٿو ڪري ورڻ جي وائي،
شام سنياسڻ ويس شفق جو پسائي اپ مان آئي.

١- جوڳي- جوڳڻ پل جو ميلو وڇڙڻ ويلو وري اڪيلو،
ديپن جي مالها جوڙي ٿي هڪ ٻئي کي ٻهرائي.

٢- لنبا پاڇا پڇندا پڇندا پردن وانگر ڪڇندا ڪڇندا،
گهڙي غفائن جي اونداهيءَ ۾ ٿي رات نيائي.

٣- دريا ڀيئي ٻاڌهون ڪوليون سڀهي پيون ساٽيون ٿي ڇوليون،
بن اپون ۾ پون پنن ۾ سپ ۾ سانت سمائي.

٤- نيڻ نڪندن پل ٻه نه ٻوٽيا جهٽ جهٽ ڏيئي اپاسون جهوٽيا،
عرش فرش کي ڪاري چادر پرڪرتي پهرائي.

٥- رات سفر جي ڪاري ٻنڪي ٻنڪي رات گذاري،
سا ٿي صبح سهائي لئه ٿي پل پل آس وڇائي.

٦- سڪڙيون مشڪڻ جي لئه آتيون پڪين اپ ۾ پاتيون جهاتيون،
رات متان پرڀات ڪٽي سوغات صبح جي ڇائي.

# حضرت انسان

عجب آ منش جي حالت عجب آهي سندس چرتر،
سندس دل ۾ پڙيل آ نيڪ بد جو هڪ عجب دفتر.

١- نہ پلجو يا پنڀلجو تنهنجي ڀولي ڀالي صورت تي،
حقيقت ۾ نہ آ ابليس کان ڪنهن ڪار ۾ ڪمتر.

٢- فرشتن جهڙي لياقت آ ڪڏهن هنجي طبيعت ۾،
شرارت ۾ هي شر آهي ڪڏهن شيطان کان بدتر.

٣- ڪڏهن بيمار جي شيوا ۾ ويهي رات ڏينهن ڪاٽي،
ڪڏهن سمهيلن جي، ڪاسائي وهائي، حلق تي خنجر.

٤- ڪڏهن همدرد بڻجي تو ڏئي جند جان ڏارين تي،
ڪڏهن سنبنديـن جي سيني ۾ نردئي هڻي نشتر.

٥- ڪڏهن دوستن جو ٿي دلبر، صفا تن جا ڪري پادر،
ڪڏهن ڏسنديئي تن کي تو سندس ڪامي جلي اندر.

٦- ڏري چرکي ڪڏهن ڪانئر ٿي پت کي پوت تو سمجهي،
ڪڏهن هٿ سان ٿو پالي شير، ناهر، آفتون اجگر.

٧- ڪڏهن باتيون فلسفي جون ڪري تو آتمائن سان،
ڪڏهن پوڄي پپل، قبرون، نہ واڻا، ڏوڙ ۽ پٿر.

٨- ڪڏهن قارون جي ڏن مان نہ ڍاپي لالچي جو من،
ڪڏهن خود موهہ مايا جو ڇڏي راضي رهي بي زر.

٩- ڪڏهن دنيا جي فتني فريب کان گهاري تو غارن ۾،
ڪڏهن خود فريب ۾ ڦاسائي موڳن کي ڪري مضطر.

١٠- مليل انسان کي آ نيڪ بد بخشيش ڏاتر جي،
تڏهن 'فاني' سڏارين ڇو نہ تون پنهنجي اول آخر؟

## سورداس

عمر منهنجي سدا اهنجي ڪريان ڪنهن جاءِ اوراڻو،
بدن بسي وس وڃي پرندو جگر ۾ جوش جهوراڻو.

نه ڪو جس آهه جيوت ۾ حياتيءَ ۾ هلاڪي آ،
سچائي ڏنڊ واويلا وهاريو وئل ويڳاڻو.

شڪل جهنٽيون ڪتان پنٽيون هٽان هرجا هٿوراڙيون،
ڏسان لاهيون نه ڪي چاڙهيون لهان ٽم ٽم ڪري ٽاڻو.

ڏچا در پاڳ جي مٽ ۾ جهلي سر هيٺتي لاهيان،
اها لٽ پروسو پايان ملي جا ڏاج ڏاڏاڻو.

بدن گهر جا بنديل در ٽا وجهن جهڳمڳ اندر جهل پل،
بنديخاني اندر بلڪل وڃي ڳڻ ڳوت ڳاراڻو.

چون "ڪوئي ڪنين پڌجي ڪري چئجي اکين ڏسجي"،
خبر نابين منهنجي تي اچي ويسه اڏوراڻو.

سفر سنسار جي ۾ ٽا ڏڪا ڏوسا وڏائن غم،
دکن جي ڪاٺ ۾ دم دم بدن بيحال تي ڪاڻو.

جيئن خوش ٿي ڪلن ساٿهو تيئن منهنجو وڃي ڏنڊ ٿو،
چڙهي پردي متان پڙدو مچي سن ۾ ٿو ماندڙاڻو.

نه ڪا گردش سيارن جي نه ڪارن جي نظارن جي،
نه مون لئه لات تارن جي نڪو چمڪات چانڊاڻو.

ترڻ سنسار ساگر پنهنجي ٻانهن ساڻ مشڪل ٿيو،
مصيبت ساڻ شامل ٿيو گذر منهنجو غريباڻو.

نہ ساري ڏوجهرو، دل ۾ اگر تي سوجهرو ساڪي،
اجالي آتما سان هي ڪجهي ڏي موج مانڊاڻو.

شڪر آهي ذڪر مون لئہ ڇڏي هوس ۽ ملڻ ويا،
"وڏا در جي ڪٿي بند ٿيا، ننڊن ۾ سهنج ساماڻو".

عذابن جو عڪس مون تي فقط "فاني" دنيا اڇليو،
لکيو جو نيٺ پاڙڻ پيو مڃان ڀڳوان جو ڀاڻو.

---

## زندگيءَ جي شام!

آوند هم نگريءَ مان تو سورج ڪري وڃڻ جون وايون،
تارا ٻڌجي نپ-منڊل جون اکڙيون پرجي آيون.
سرڪي ڏرڪي وئي شفق مان جوڀن جي لالائي،
انڌيريءَ ڪي شام هٽن ڪان هوريان وٺندي آئي.
ساگر ۾ سورج جا ڪرڻا تڙڳن تپت ٻجهائي،
ويندا وڃن پرندن ڪي تا گهر جي وات وٺائي.
ڇايا ديوي وار ڪنڌيڙي ڇاڻ اچي اولاهون،
ٻاپيهي پڻ اڪيون ٻوٽيون ڪڙڪو ناهه ڪجيءَ ۾،
سمنڊ سطح هن سانت سمي ڪان ڪونهي ڪوڙ ڪجيءَ ۾.

(۲)

ڪشتيبان! اڄها جيوت جي شام جي شامت آئي،
پار پڄي شل سڪ سان جا هت ناوَ سلامت آئي.
واءُ وٽائو، وقت اٽائو ويتر منزل دوري،
"اڄ وڃ" جي پر وهڪ تکي ۾ وڃڻو آهه ضروري.
هي ڇا؟ ٻيڙي پري ڇڏيندين غم جا لڙڪ وهائي،
ٻوساگر مان ڪئن تون سگهندين جيون-ناوَ بچائي؟
تو سڄڻ سان بيشڪ ڪاٽيو سڪ جو وقت سڪاني!
سي سڪ ياد ڪري ڇو لائين هردي ڪي حيراني؟

جيون-نئيا هن دنيا جون چوٽ تي چوٽون کائي،
ساگر جي لهري لوڏن ۾ ڇو همت هارائي؟
دک جي جلدارا ۾ تنهنجي ڏيرج نئيا تاري،
لڏندي ڪڏندي مور نه ٻڏندي پڄندي پرئين ڪناري.
ساحل جي خاموشي تنهنجي آتت لاءِ اچي ٿي،
موج بحر ۾ مير بحر جي سواگت لاءِ مچي ٿي.
ساگر جي لهرن جون تارون تنهنجو ونجهه وڄائي،
نچندي ٽپندي ٻيڙيءَ جي ٿو سر سان تال ملائي.
ڪو لاهل ڪان نڪري هل ڊن شانت-نگر هاڪاري،
جت سڀ ڪي اڏڪار جيئڻ جو، جيئري موت نه ماري.
جت جيوت جي صبح شام جا پڙدا ڪجي وڃن ٿا،
موت مداهيءَ ۾ جت "فاني" ابدي-لات لنون ٿا.

—

# آيو، ويو هليو

١- آڪاس تان آيو هو ستارن جو ستارو،
سورج جو ترورو ٻٽيو ڌرتيءَ جو دلارو،
هو چنڊ جي ريکا ۾ نظارن جو نظارو،
جنهن زندگي جو هرش سان هرهڪ ٿي پل پليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٢- شبنم ٿي لٿي ابر جي باريڪ تهن مان،
گل چونڊجي، فردوس جي، آيو هو چمن مان،
موتي هو صدف جي هليو آيو هو دهن مان،
پنهنجي خوشي نه آيو نه پنهنجي خوشي چليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٣- ان غنچه کي گلزار ۾ هر گل سان وفا هئي،
پر هاءِ فنا کي ڪا وفا سان به جفا هئي!
مکڙيءَ جي قضا هئي يا هي مالهي کي سزا هئي،
هن واءُ سان ڇو جسم اجايو هو روح رليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٤- خود راز لکل آهه اچڻ ۾ ئي وڃڻ جو،
خطرو ٿو گهڙي کي رهي گهڙجڻ ۾ ڀڃڻ جو،
امڪان لکل سج ۾ آ اڀرڻ ۽ لهڻ جو،
آيو ۽ ويو ڪنهن به نه دنيا جي جهل جهليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٥- اي زندگيءَ جا سوز ڀريل ساز سراپا!
هستي ٿي ڪري هر گهڙي توکان هي تقاضا،
هيءَ آهه فنا ڇا ۽ فنا-گهر ۾ بقا ڇا؟
"فاني" جڳت جو ڪنهن به سياڻي نه ڪجهه سليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

## ڳوڙهو

مان آهيان وڏوا جو ڳوڙهو،
سڏڪن ڪان سينو تيو سوڙهو،
گهٽ پوسٽ مان ٻاهر نڪران،
ڪيئن لتاڙيان لڄ جو لوڙهو.

اپلا جي اک هردم آلي،
دک وارث ويو سو تيا والي،
جيوت آهِ اڪيلو گهاريان،
پرجي خال ٻه هوندو خالي.

منهنجو گل ڪئن سائو ٿيندو،
پنور پالي ڪئن مون وٽ آيو،
چئني طرف چمن ۾ چاري،
ڪيئن اڇي ڪو حال ونڊيندو.

شبنم جهڙو شعاع نه منهنجو،
پرجي پريو گهاڻ نه منهنجو،
گل قل بلبل کي ٻه وٽي تو،
ڏک وارو ڏيکاءُ نه منهنجو.

آءِ پليس پيڙائن سان گڏ،
دک جي دردي دانهن سان گڏ،
مان ئي بيوه جو دک پائي،
رهان نراس نگاهن سان گڏ.

دل جا بادل اک تي ڇانيل،
ٻوند ۾ منهنجي بحر سمايل،
دل ۾ آلو دود دکي تو،
"فاني" ٻاهر آگ اڇاڻل.

# او منهنجي دل

او منهنجي دل ڪنهن اداس دل،
توکي سوز سڪ مان سنڀاريو هوندو،
اڪيلي ڪنهن تنهنجي آئيني ۾،
نظر نماڻي نهاريو هوندو ـ او منهنجي دل ....

١ـ او منهنجي منڙي! تري اڇي ٿو،
اهوئي اکين اڪيان زمانو،
ٻڌيو اسان جو ڇا نينهن ناتو،
هزار نظرن جو هو نشانو،
ملڻ ۽ وڇڙڻ اسان جي شاهد،
اڃان نه هن وڻ وساريو هوندو ـ او منهنجي دل ....

٢ـ وڏي وندر وات وڻ جي هيٺان،
مگر ڪي صدما ٻه سامهون آيا،
زماني وارن ذمن ۽ زارين،
ٿي پاند ڇرڪن سان پئي ڇڏايا،
ائين ٿي پيارن لڪن هزارن،
اسان جيان هيانءُ هاريو هوندو ـ او منهنجي دل ....

٣ـ انهيءَ ڪان پڻ اشڪبار آهيان،
جو تنهنجو هوندي ٻه تنهنجو ناهيان،
اونداهي جيوت جي راتين ۾،
اڃان ٿو چانڊوڪي تنهنجي چاهيان،
اسان جي هن ساٿ سڪ ڪي شايد،
دکي دلين کن پڪاريو هوندو ـ او منهنجي دل ....

٤- او دل جي ديوي! حياتي ۾ بس،
سڪڻ ۽ وسڪڻ ئي پيار ناهي،
هلون ٿا اڄ غمزدن ڏي جنجو،
جڳت ۾ ڪو غمگسار ناهي،
انهي لئه پيدا ٿيو پيار دنيا ۾،
جن کي دنيا ڌڪاريو هوندو-او منهنجي دل ....

٥- اچين جي ان پريم-وڻ ۾ جوڙيون،
اسان بہ اڏڻ لئہ آشيانو،
اڏاسي تارن جو اڀ تان لاهيون،
غريبخانن جي لئہ خزانو،
ڪنور قدرت ڇا دور سوتين،
جو سيڙ اڀ تي اپاريو هوندو-او منهنجي دل ....

٦- سڄي جهان جي ڏين دکين جون،
شل اسان پيئي پئون ٿي اکيون،
اهي اکيون جن پرايون پيڙائون،
پنهنجون سمجهي جگر ۾ رکيون،
عجب اهي نيڻ جي ٿمڻ سان،
ڀين جي نيڻن کي ٺاريو هوندو-او منهنجي دل ....

٧- اکيون نہ جي آبشار ٻڻجن،
جڳت جي وسرام لئہ رات ٻڻجون،
يا اڀ جا بادل يا وڻ جي ٽاڏل،
يا 'فاني' ڪوئل جي لات ٻڻجون،
جيئڻ جڳت ۾ آ تن جو سڦلو،
ڀين جو جن جيءَ جياريو هوندو-او منهنجي دل ....

## احساس

پٿر جي ديوتا ۾ هڪ ڏينهن جان آئي،
ورهين جي ويدنا جنهن ڀاڳي نه ٽي ڀڏائي،
لڱ لڱ ۾ لوچ لاشڪ لوڪن کان پئي لڪائي،
آواز ڏيئي آخر پٿر جي چپ ٻوليو،
پيڙا کان پاپ ٻوليو:

ڪنهن سنگتراش سنگدل منهنجو هي جسم جوڙيو،
ڀڳوان مون کي ڀانئين سڀڪوئي مون ڏي ڊوڙيو،
ڀولن ۽ ڀورڙن کي ڪوتهه-نظر نهوڙيو،
بي سمجهه صدق آيو ويچهو نه سمجهه آئي،
وشواس لنو لڳائي.

ڪمري ۾ بند منهنجو قائم آ قيد خانو،
هيرن جا هار مون وٽ خاصو رهي خزانو،
ڀڳتيءَ جي اوٽ ۾ آ عشرت جو آشيانو،
پيرن ۾ منهنجي اسرت استان ۾ گنگاجل،
پيٽا ۾ پشپ گل ڦل.

گهبرائجي ويئي آ حالت گلن ڦلن کان،
من مونجهه ۾ مري پيو ويسن ۾ وسترن کان،
بيزار ٿي پيئي چڻ بلبل جي دل چمن کان،
هن روز جي رسم کان دل ٿي اداس آهي،
چوڏس اداس آهي.

هن واس ڌوپ دونهين گهنڊن کان من ٿو گهٽجي،
دوکي ۽ دنڀ کان ٿو ڀڳتيءَ جو ڀاءُ لڳجي،
هن دل جي بيقراري ڇن-پٽ کان ڪيئن ڇنجي،
آجلو ڏسي افق ۾ منهنجو ڇو من لڏي ٿو،
اوندهه ۾ سج ٻڏي ٿو.

مرجهائجي وڃن ٿا پشپن جا ڍير مون وٽ،
پوتر ٿيرٿ اچن ٿا پاپن جا ڀير مون وٽ،
افسوس ڇا ٿين ٿا ايذا انڌير مون وٽ،
هن ڏيک کان ڏکي ٿي منهنجي نگاهه روئي،
منهنجو گناهه ڌوئي.

ڀتر جي سورتيءَ ۾ احساس ٻوڙي آيو،
سالن جي سڌائن جو اکين مان جل وهايو،
پنهنجوئي پاڻ تي سر ڀيٽا ڏيئي چڙهايو،
سورت جي دل ٽٽي پئي ڀتر ڀري ٿيو واري،
وسمءَ ۾ پيا پجاري.

# احسان

منهنجو چاهي جنهن کي مان پنهنجو چوان،
منهنجي ڪوتا تي ڪرم ڪنهنجو چوان.

شبد – رس لولي ۽ جي لفظن مان ملي،
گيان رس ماهر معلمن مان ملي،
جوت ڪجهه جيوت جي جذبن مان ملي،
شاعري نغمن جي نظمن مان ملي،
منهنجي ليکڻ تي لکين احسان ٿيا،
واهرو منهنجا سوين ودوان ٿيا.

ڪنهن اٿاريو آهه اندر ۾ امنگ،
ڪيئن امنگن تي چڙهيو رچنا جو رنگ،
ڪنهن چڙهي چوريو چپن تي آهه چنگ،
جنهن جي لرزش کان لڇي ٿو انگ انگ،
ساز تون آواز انجو راز تون،
ناز منهنجو ناهه منهنجو ناز تون.

## تجربو

مون کي وڏڙن کان پڇائن مان هي پرپوڙ مليو:
جيڪي دل ۾ هجي، چپ ڪر ته سندءِ چپ نه چري،
مون کي سنتن کان هي سنتوش جو سنيوڳ مليو:
جيڪي چپ تي هجي، دل ڏي نه رڙهي سُرت سري،

يعني دنيا ۾ سمجهدار رياڪار ٿيان،
نيڪ نامي تمنا ۾ گنهگار ٿيان.

در ڪلي اميد جو جيئن گهر ڇڏي بي گهر ٿئي،
دل تڏهن خوشحال ٿئي، مشڪل ۾ جيئن ششدر ٿئي،
سچ ته هي پنڪيون چڙهي ڪن ٿيون سجاڳيءَ کي سجاڳ،
آدمي انسان بڻجڻ لاءِ گهٽو لاغر ٿئي.

نه ٿو سمجهي سگهان هي زندگي جو راز آ ڪهڙو؟
سندس انجام ٿيو ڪهڙو سندس آغاز آ ڪهڙو؟
پڇو جن کان اٿم سي خود پڇن منهنجي پڇائن کان،
تڏهن هن روز واري راز جو همراز آ ڪهڙو؟

’فاني‘ ٿا چون جنهن کي سا دنيا مون ڇڏي آهه،
ڪامل ٿا چون ڪامنا ڪتڙي جي هڏي آهه،
گمراهه نه ڪر مون کي تي همراهه هٿي ڏي،
دنيا ٿا چون جنهن کي سا دوزخ کان وڏي آهه.

## شڪوه

توکي تمنا ڪانہ هئي، جي پنهنجي پاڻ پسائڻ جي،
تنهنجي واندي سن کي هئي، ڪا گهرج نہ من وندارڻ جي،
تو ۾ خاوند بڻجڻ جي، جي خالق خواهش ڪانہ هئي؛
ڪهڙي هئي ضرورت توکي، جڳ جي راند رچائڻ جي.

مون کي ڏاهي منهنجي گهر ۾ تو پنهنجو گهر ڏاهيو آهہ،
تو مون کي چاهيو يا پنهنجو پاڻ کي تو چاهيو آهہ،
ڪجهہ بہ نہ چاهي سڀ ڪجهہ چاهين تنهنجي راند رنگيلي؛
ٻالڪ وانگر ڏاهين ڏاهين ڏاهڻ لئہ جڳ ڏاهيو آهہ.

'فاني' هوندي آءُ بڻايو توکي آ لافاني،
پر-لئہ ۾ هت جي ڪا رهندي ڪنهنجي ڪانہ نشاني،
تنهنجي آهہ حڪومت جيسين آدم ۾ دم آهي؛
آدم بعد عدم-آباد رڙهي ٿيندي نہ رواني.

## جوانيءَ جي آرزو

مڪاني! تنهنجي آڌر تي مون نئيا نير ۾ لاٿي،
مگر افسوس! ڪيئن بي سڌ اچي وچ سير ۾ ڦاٿي!
نہ ڪنهن اميد آشائن جي ساحل تي وٺي آئين،
پڌائج مون کي رهبر! ڪهڙي منزل تي وٺي آئين؟
هتي تجويز ۽ ترڪيب مان ٿيندي جفا حاصل،
رڻن ۾ ڪا رڻا ڪانهي رڻن مان ارٿ ڇا حاصل؟
جتي تهذيب جي پڙدي ۾ آ زوراوري پنهان،
جتي تڪرار جي تيزي نمايان آ تمدن مان،
اهو مڪتب سبق ٿو بزدلي جو ڏئي جوانن کي،
گهٽي ٿو گهيرڻن سان ڪيئن وطن جي پاسبانن کي!
غلاميءَ لئہ ڪري تيار جوڌن جي جوانيءَ کي،
مٽائي ٿو ڇڏي عزت ۽ عظمت جي نشانيءَ کي.
غنيمت ٿا ڇون عهدو غلاميءَ جو عجب ناهي؟
جهڪي انسان ٿو انسان جي در تي غضب ناهي؟
هتي زر سان ضميرن جي ٿئي سستي خريداري،
نظر هت هر طرف ڪان ٿا اچن سي پيٽ پوڄاري.
ابوجهن پورڙن کي چيچ تي نگرا نچائن ٿا،
خدائي ۾ خدا جي نانوَ تي مرڻا مچائن ٿا.
نفاقن امن ۽ آرام جو ڏينگو وڏو ڏاهي،
جوانيءَ لاءِ آخر رهنما! هتڙي رکيو ڇاهي؟

زياده ڪين رهبر! منهنجي قسمت آزمائي ڪر،
تون منهنجي بيوسي تي رحم ڪائي رهنمائي ڪر،
اها منزل، هجي جنهن جاءِ تي جلوو جواني جو،
نه نڙگهٽ جت زبردستي ڪان گهٽجي زندگاني جو،
جتي مظلوم جي آهن تي دل ۾ آگ پڙڪي ٿي،
اها ڪاوڙجي بجاي ظلم جي گردن تي ڪڙڪي ٿي،
جتي هردم منش جي آهه منشا حق شعاري جي،
جتي همت هٽي ٿي هام حق لئه جان نثاري جي،
جتي ٿـو ننگ ۽ ناموس لئه سينو سپر بڻجي،
جتي غيرتمندي جي نيڻ ۾ نشتر نظر بڻجي،
اتي هل جت فقط پانهن جي پل جي آزمائش آهه،
جتي زوراخ زوراور اجل جي آزمائش آهه،
جتي احساس غم جي بيوقوفي ٿا چون عاشق،
جتي تلوار جا سپ وار گدگد ٿي سهن عاشق،
جتي منجي وچي ٿو تيغ سان تقدير جو چڪر،
جتي هڪ ڏينهن جي حسرت آ ذلت عمر ڪان بهتر،
جتي سمند رکندي آهه آزاديءَ سان سرباري،
جتي جوڌن کي قرباني بڻائي شير شهبازي،
جتي مان سر ڏيئي ٿيان سرخرو اهڙي ڪا محفل ڏس!
جتي مشڪل نه "فاني" حل ٿئي اهڙي ڪا مشڪل ڏس!

—

٤- تنهنجي سجدي ۾ سمايل آهه منهنجي ساڌنا،
منهنجي ٻاريل واس مان توکي به ملندي واسنا.
ٻانگ تنهنجي کي ٻڌي، ڏس، آءٌ به بيخود ٿي چوان:
”خير جا والي ڪندين تون خير پنهنجي مهر سان“.
تنهنجي مسجد ۾ اگر آءٌ پريم سان آڏس گهڙي،
ڪل فرشتا عرش تان منهنجي متان آيا مڙي.
منهنجي مندر ۾ اگر تنهنجو مبارڪ پير پيو،
سچ تہ پوءِ انسانيت جو شان ۽ رتبو وڌيو.

٥- پر عبادتگاهہ جي تنهنجو رهيو مون کان جدا،
فرض منهنجو آهہ، ٿيان قربان تنهنجي تان فدا.
غرض ساڳيو آهہ هڪڙي پاڪ ٻرسيشر طرف،
تون ڪرين اولهہ ڏي منهن آءٌ تہ ڪريان اوڀر طرف.
حرف هڪڙوئي پيل آ اوم ۽ الله ۾،
ساڳي مالڪ جو سمايل ساهہ آهي ساهہ ۾.
ڦربداري جي نصيحت ٿو ڪري توکي قرآن،
ٻريم، ايڪي جي سکيا مون کي بہ ڏي پنهنجو پران.

٦- ڏس تہ جنهن انسان جو خاوند ڪيو عضوو خراب،
اڻ لکو آگر ۾ پيدا ٿي پوي هاڪو حساب.
پير ڌرتيءَ تي فقط گهمٽي ۾ جو پٽري الڳ،
عام جي نظرن ۾ سو انسان ٿو نظري الڳ.
عيب اهڙي جو جراحن کي بہ ٿيو سمجهڻ محال،
آهہ قدرت جي بگاڙيل چيز جو ٺهڻ محال.
ڏس تہ قدرت کي اگر ويچو هجي ويچار ۾،
توکي اِڪ ڪاڏيءَ تي ڏي ها، مون کي اڪ ڪاپار ۾.

٧– شڪل هڪ، هڪ ئي مصور جا ٺهيا آهيون ڪمال،
جوت هڪڙي جو ٺهياسون نُور ۽ جلوو جمال.
مختلف تصوير جو ٿي رنگ ۽ رونق جدا،
پر هلي هڪ رنگ ٿي ساري سرشتي جي سما.
نقش هڪ جهڙو ٺهايو آهه ڪاريگر عجيب،
پو تڏهن ڪمبخت ڪهڙو ٿيو قريبن جو رقيب؟
قلب ساڳيو، نام ڪو قالب ۾ ذري جو فرق،
ٿي تڏهن ڪهڙي ڪٿر ڪان نام ڪا غيرت غرق؟

٨– هاءِ حسرت! هڪڙي آدم جا ٻچا ناساز ٿي،
هڪڙي گهر جا گڏ گذاريندڙ رهن ناراض ٿي!
بدنصيبي! تو جڳايو پائپيءَ ۾ بدگمان،
ساري دنيا ۾ ٺهايو تو ٽوليءَ جو نشان.
قرب وندن کي اجهان ڪيتر نهوڙيندين نفاق؟
خون الفت جو اجهان ڪيتر نپوڙيندين نفاق؟
مفلسن وٽ مفلسي در تي جهليو آهي پلاند،
هاڻ ناسازي نه ڪر ميلاپ سان ڪا هٿ چراند.

٩– پتري پتري کي سلائي ڪنهن وڏو دفتر ڪيو؟
قطره قطره سان رلائي ڪنهن مها ساگر ڪيو؟
ڪيئن ملي ريتيءَ جي ڪڻ ڪڻ مان بيابان ٿي ٿيو،
قسمين قسمين گُل ڪَڙيا، گڏجي گلستان ٿي پيو.
داڻي داڻي مان لنگهي زنار جو ڏاڳو ويو،
فرق پو ڪهڙو پيلا تسبيح جي داڻن ۾ رهيو؟
ڏس تہ قدرت جي ملي ٿو ذري ذري مان سبق،
روشني ڪان سنهن مٽي ڳوليون ڇو اونداهو طبق؟

١٠- اڄ تہ ٽڪرن ڪي ٽڪيون اتحاد جي آلاپ سان،
اڄ تہ ڏاريون ڏيل جهان جو ملي ميلاپ سان.
ڏس تہ هٿڙن ڏي نهاري تي ٽنل اجڙيل ستار،
ساز واري ساز هن غمگين جا ٿيون غمگسار.
پوءِ سندس اڪليل رڳون الفت سان ٿينديون بيقرار،
هن ڊنل تارن ڪي اڄ اتفاق جو آ انتظار.
سوز جون لهريون هليون جيئن ساز جي آواز ڏي،
ايڪتا هاري هنجون ايندي هلي همراز ڏي.

١١- هيڪڙائي! اڄ اچي هندو- مسلماني مٽاءِ،
ابر- رحمت سان اچي هيءَ چٽنگ ويڇي جي وساءِ.
ڏس عداوت ڪان نہ جيئن دامن محبت جو جلي،
پل تريون افسوس جون پائيهي پشيماني ملي.
ايڪتا! تعصب مٽائي تو سچو انسان ڪيو،
۽ فقط انسانيت ئي عام جو ايمان ٿيو.
فرق 'فاني' "تون ۽ مان" ۾ ڪونہ ڪو رهندو قيام،
ساز بدلائي ڇڏي ساري سرشٽي جو نظام.

—

## تون ۽ مان

١- سنڌ ۾ سرمايداريءَ سان نہ منهنجي ڪا عداوت آهہ،
مگر انسانيت جي تنهنجي در تي ھي شڪايت آهہ.
ڏرم تون ٿو سدا سمجهين سٽايل ڪي ستائڻ ۾،
مگر منهنجو ڏرم ايمان انسانن جي خدمت آهہ.
جي دنيا جو پڄاري ٿي تون پيسو پيٽر ٿو سمجهين،
تہ مون ڪي اهڙي ٺڪريءَ لاءِ نفرت ۽ قناعت آهہ.
تون حرفت سان ۽ حرڪت سان ڀلي ڀر پيٽ ڪي، ليڪن
پرائي نان ڪان فاقہ ڪشي مون لاءِ برڪت آهہ.
شرابي شوق ۾ ليٽاءِ ڀل تون دنگ دارون جا،
مگر مون وٽ وطن جي سڪ سنڌي مستي مسرت آهہ.
تڪبر ڪر ڀلي تون تير تلوارن تفنگن تي،
منهنجي فخر جو باعث نيازي، ناز نئڙت آهہ.
سنڌ ۾ محلات ڀل روشن هجن قنديل بجليءَ سان،
ڪکائين جهوپڙي ۾ منهنجي لئہ ڏيئوئي راحت آهہ.

٢- مگر انسان آهيان، هڪڙي آدم جا ڄڻيا آهيون،
ڪيو قسمت اسان جي ۾ تفاوت ڪونہ قدرت آهہ.
گھٽا ڏينهن پوکي پوکي پاڪ کي درياءَ پائيندس؟
ڏسان ٿو، تنهنجي عشرت ۾ سمايل منهنجي حسرت آهہ،
وڏيا آهيون گڏوگڏ تون تونگر، مان مفلسي ۾،
ڳران ڳٽيءَ ۾ مان، تو وٽ ٿراوت جي طراوت آهہ.
سنڌ محلات جي سِر سِر ۾ منهنجي خون جو ڳچ آهہ،
جو تنهنجي لاءِ شربت سو پسينو منهنجي محنت آهہ.
جفائون تو وتان نڪرن، بلائون دور تہ بہ تنهنجون،
هتي هڪڙي نہ ٻي منهنجي شرافت تي مصيبت آهہ.
حڪومت جي طمع توکي مگر آهہ آرزو منهنجي،
اڪيلي جڙ غلاميءَ جي، ايامن کان جا عادت آهہ.
غلامن، حاڪمن ۾ فرق آ ”فاني“ فقط هڪڙو،
تہ توکي سون سان رغبت آ سون کي تو لاءِ نفرت آهہ.

—

( الف )

هردي ۾ هبس ڪيئن پيدا ٿي،
سيني جي جا سوڙهه سهي نه سگهيو،
دک پاڻ کي پر گهت ڪرڻ بنان،
اندر ۾ اداس رهي نه سگهيو،
اوپر کان اسگن جون بوند ون،
اک جي آفق تي ترڻ لڳيون،
مان وس کان بوند وسڻ نه ڏني،
سڌ دل جي ڪوبه لهي نه سگهيو،
آهي قطره قيمت وارا هئا،
هڪ هڪ هئو موتي جو داڻو،
اکرن جي سالها کان وڌ پيو،
موتين جو هار ٿهي نه سگهيو.

( ب )

## ڪونا

پرهه ڦٽي جو صبح سويرو،
سج کي هو ڪرڻ جو گهيرو،
ماڪ اگهيو گل جو منهن ميرو،
شايد شڪبي شڪتي ڪائي،
سون وٽ اپ مان اڏري آئي.

نرم گلن تي ٽپڪي لائي، مان جاڳيس هوءَ ڳهرڪي ويئي،
پنڌڻن ۾ ڪي پول پڌائي، شعاع پسائي ترڪي ويئي،
اڏ ڪن سپنن کي جاڳائي، چرڪ پرائي چرڪي ويئي،
سڪ سان چڪ مان سونکي سوريو، مس مس جيئن سون پاڻ سنڀاريو،
منهنجي ڪومل چت کي چوريو. سون ڏانهن دن جي ناز نهاريو.

نڀ جي نور نظارن اندر،
ڪند رائن ڪهسارن اندر،
گهراين گلزارن اندر،
سڀ هنڌ جو ٿي سير ڪرايو،
پل ۾ پاڻيهي پئي پڄايو.

جت سورج پهچي نه سگهيو ٿي،
چنڊ جتي چمڪي نه سگهيو ٿي،
واءُ جو سر ٻڌجي نه سگهيو ٿي،
ات پر کولي آئي ڪلپنا،
هر آستان تي ڇائي ڪلپنا.

ندي جيان ڪٿ ٽپندي وئي،
ڊيل مثل ڪٿ نچندي وئي،
پورن ۾ ڪٿ پچندي وئي،
ڪٿ وڌوا جي ورلاپن ۾،
غم جي مارين محتاجن ۾.

ڏک سک سڀ دنياداري کان،
چت جي چنتا چنگاري کان،
ڪير بچائي بيزاري کان؟
ڪوتا ڪومل آهه ڪماري،
نرم نفيس نزاڪت واري.

# تنهنجي قدرت

قطره قطره ۾ سمايل آهي قدرت تنهنجي!
ذري ذري منجهان ظاهر آ حقيقت تنهنجي!

(۱)

ڪهڙو سر آهه، نه جنهن ۾ آهي سوداءَ تنهنجو؟
ڪهڙي دل آهه نه جنهن ۾ آهي الفت تنهنجي؟

(۲)

آهي هر جان ۾ جاني تنهنجو جلوو ئي ڇپيل،
آهي هر گل جي اندر گپت طراوت تنهنجي!

(۳)

آهي انسان فقط هوندءَ تہ هڏن جو ئي سچو،
پر منجهس نيڪ ۽ بد جي آ شناخت تنهنجي!

(۴)

آهي هر چيز تنهنجي حڪم جي ڏوري ۾ ٻڌل،
آهي هر هاج ۾ حاجت ۽ ضرورت تنهنجي!

(۵)

تون مون ڪان ڇو پيلا 'ڇپ ڇپ' ڪندو لڪندو ٿو وتين؟
منهنجي اکين ۾ جو سهڻا آهي صورت تنهنجي!

(۶)

پنهنجي گيرب ۾ ئي ڪيڏا ها ڪريان ظلم، مگر،
منهنجي هستي کي فنا ٿي ڪري حشمت تنهنجي!

( ٧ )

تنهنجي ڪاوڙ ڪان مان ڳوليو نہ ليان ڪنهن دس تي،
منهنجي عيبن تي مگر آ سدا شفقت تنهنجي!

( ٨ )

رهي تو خوف تنهنجو دل ۾ سدائين خاوند!
جنهن منجهان جاڳي اندر ۾ تي عبادت تنهنجي!

( ٩ )

ڪري پيچ دان تي انسان ڇو پنهنجي نيڪي؟
تون سخا جو سچو سائين، آ سخاوت تنهنجي!

( ١٠ )

سوين سينگار ڪيئہ يار يگانا ڇا لئہ؟
ڪري حيران ٿي وحدت منجهان ڪثرت تنهنجي!

( ١١ )

تون مثل انب جي آهين، نہ تو جهڙو ٻيو مٺو؟
ڪهڙي ميوي سان ڪجي لاثاني نسبت تنهنجي!

( ١٢ )

"الف" ۾ ڏي ٻيو منجهي، ٻيا تہ اکر پوئتي رهيا،
ڪهڙن حرفن ۾ لکي 'فاني' عبارت تنهنجي!

—

# ڪامل جي قدرت

هر طرف تو ڏسان ڪامل آهي قدرت تنهنجي،
هر ذري ۾ آهي هستي ۽ حقيقت تنهنجي.

تنهنجو هر جان ۾ جاني تو وسي جلوو جمال،
آهي هر گل جي اندر گپت طراوت تنهنجي.

تون ئي ڪاري ۾ ڪٺي ۾ ۽ مٺي ۾ موجود،
ڪهڙي شيء آهه نه جنهن ۾ آهي لذت تنهنجي.

تون سون ڪان چو پلا چپ چپ ڪندو لڪندو ٿو وتين،
منهنجي اکين ۾ جو سهڻا آهي صورت تنهنجي.

تنهنجي غصي ڪان مان گوليو نه لپان ڪنهن دس تي،
منهنجي شمع کي هوا کان آ حفاظت تنهنجي.

خوف تنهنجو آ فقط دل ۾ سدائين خاوند،
جنهن منجهان جاڳي اندر ۾ ٿي عبادت تنهنجي.

تنهنجي قطره مان تو درياهه جو ديدار بکي،
ٿي عجب ۾ وجهي وحدت منجهان ڪثرت تنهنجي.

تنهنجي ڏن مان ڪو ڪري دا چو ايمان ڪري،
تون سخا جو سچو سائين آن سخاوت تنهنجي.

الف ۾ ٿي پيو منهنجي ٻيا تم اکر پوئتي رهيا،
ڪهڙي حرفن ۾ لکي "فاني" عبارت تنهنجي.

# هئٽ ۽ پٽڪي جو جهڳڙو

يارو مون ڏٺو هڪ دفع "لڙ وڙ" جو نظارو،
جهڳڙو هيو هي دنيوي جهڳڙن کان نيارو.
هڪ نينڊ تي ننڍا وڏا يڪجاءِ هئاسين،
هڪ ٻئي سان حال پريت مزي جا ٿي ونڊياسين.
ديوان اچي هئٽ رکي سيز تي لاهي،
پائيءَ ۾ رکيو رعب سان پٽڪي کي وڌائي.
کنهن ٿي کيون گذران جي تنگيءَ جون کهاڻيون،
ڪن جون خوشيون نہ عيش کان سيني ۾ سمائيون.
کنهن ٿي چيو آرام جي تنهنجي آ ڪمائي.
ڏيهي جو بٺين کهڙي مٺائي تو کارائي؟
کنهن ٿي چئي ڪاليج جي بيڪار حياتي،
کنهن ٿي چئي ڏنڌي مان ٿي بيزار حياتي.
هڪ کنڊ ۾ ويهي مون ٿي سارو لقاءُ ڏٺو،
هيٺن هئٽ کي پٽڪي سان مون جهڳڙو ڪندو ڏٺو.
آءٌ سو آهيان جنهن جي اڳيان پاڻي ٿو پرين تون،
مون کي ڏسي تقدير تي هٿڙا ٿو ڌرين تون.
شهرين جو شان آءٌ ڳوٺاڻن جو مددگار،
هر وقت هر طرح سان غريبن جو غمگسار.
منشي هجي منصف هجي ڪلڪٽر يا ڪمشنر،
منهنجا ۾ لفظ تن سان، عجب ڪن ٿا، مختصر.

ڪيو ليءَ ڪي تو هاٿي جي چنبي مان مان ڇڏايان،
ٻڪريءَ اڳيان تو شير جي گردن ڪي جهڪايان.
ڪلهه رات سائيڪل تي هيس سوار بن بتي،
سلام فوجدار ورايو مون ڪي ڏسي.
بد زيب ۽ ڪوجهي جو منهن سلوڪ بڻايان،
بي علم ڪي به عقل جي درجي ۾ گڏايان.
مالڪ ڪي پنهنجي مغز تي ايڏو غرور ناهه،
مان سر تي آهيان تہ علم جو ضرور ناهه.
آهيان تتي ٿڌي ۾ عجب ڇانو ڇپر مان،
تو ڪان مقابلي ۾، تيس زور زبر مان.
پائي نہ پلئہ آهه جي پئسي جو غرض ٿئي،
مون ڪي سڏي تو گهر گهڙي سيڪوئي قرض ڏئي.
آهي ڪٿي ديوان ڪي درڪار نوڪري،
مون ڪان سواءِ ڏئي نہ ٿي سرڪار نوڪري.
عينڪ ٿي ڪري منهنجي نمائش ڪي دو بالا،
مون سان ٿا ٿين بوٽ جا چيڪٽ ئي نرالا.
آءٌ رنگ ڍنگ ۾ آهيان دنيا ڪان نرالو،
يورپ جو آهيان پٽ آمريڪا جو سالو.
تهذيب سندم چال ۽ رفتار مان ظاهر،
بي قاعدگي تنهنجي آ مقدار مان ظاهر.
پهريائين ٻڌي حال هي پڳڪو ٿيو پريشان،
پوءِ جوش ڪان جلندو رهيو، ٽوٽو ٿي ڪنبيس جان.
تنڪي ڪان اهڙو ولولو تنري ۾ ٿيو پيدا،
مستيءَ ۾ اچي مور ٿي چڙه پنڪ پکيڙيا.

هيئن هٿ سان پنهنجي ڪئي تيزيءَ سان گفتگو،
تون ڪير جو سنهنجي اڳيان ڪانئر ٿئين دوبدو!
گذري جا سپيتا، تنهن جو روشن ها ڏينُو مان،
زيادهہ آهي اقبال سندم تنهنجي شان کان.
شعلو تنهنجي تهذيب جو پڙڪايو اتم پر،
وچڙين ٿو وري مون سان اڄ پيي تنهنجي بي اثر.
اڄ پيي مان توکي پنهنجي پگهر تي ٿو نپايان،
تنهنجي خوشي لاءِ ڪيترا حيلا ٿو هلايان!
ليڪن خبر نہ هئي تہ زمانو آ بي ادب،
پنهنجي خوشي ڏيئي مون خريديو آهي غضب.
مون ۾ آ لڪل زيب ۽ زينت جو خزانو،
مستڪ تي ڌريو تاج اتم شاهہ جهانو.
وچ ۾ ٿو ويهي مان ڪريان دنيا جي دريافت،
ظاهر آ منهنجي ذات مان چهري تي شرافت.
آءٌ بزرگي، درويشي، ديانت جي نشاني،
تون آ عاقبت ۾ تنگ، ندامت جي نشاني.
هڪ ڏينهن جو خطوات تي ماڻهوءَ ٿي پڙهايئم،
چاڙين نہ اکر، پاڻ کي ڪيڏو ٿي پڏايئم!
ڪيسن ۾ هٿي هٿ چيئم عئنڪ نہ اٿم ساڻ،
هيئن پنهنجي جهالت کي ڍڪيئم واهہ ڙي اڻ جاڻ!
مون کي نصيب تي آ هندوستان جي پومي،
رشين منين کان آهہ جا ايمان جي پومي.
هي اسپتالون باغ بغيچا بڻايا ڪنهن؟
منعف ٿي چئہ تہ تاج ۾ هيرا هٽايا ڪنهن؟

بچڙا تــو شــروعــات شــرارت جـــي ڪئي آ،
پنھنجن ۾ ڀــري آگـــ عداوت جـــي وئي آ.
ڪچھ ڪال ٻنھي ڇھچٽو وھم وھم جو لڳايو،
تـــي دھـــل دمامن جـــو شغل، شـــور گھٽايو.
ھـي حال ڏسي اوچتو ڪاڏي جي ڪٿپ چيو،
منھنجو اوھــان ڪي قـــدر سراسر آ وڌي ويو.
آءٌ ســاڻ ڇــڏي ٿـــي آھيان نئـڙت ۾ نمائي،
پــوڻـي تلڪ جـــي آھيان گانڌيءَ جـــي نيائي
'فـــانـــي" نـــہ اتـــم فخر اگـــر آھيان طليدار،
ليڪن اوھان ۾ ڇـــو وڌيو آپي جو انڌڪار؟

—

## ترائيل

صرف اکين ڪان پري ڪيئن پرين ڇٻو پري،
هو پري جيترو آهه اوترو اوري آهي،
دل تي دل ڪي ڇڪي ڪوهن تان ڪٺي ويجهو ڪري،
صرف اکين ڪان پري ڪيئن پرين، ڇٻو پري؟

پل ۾ پر ڳهت تي سا صورت اڇي تارن تي تري،
ڪو تصور جي، جي دنيا ۾ اڏامڻ چاهي،
صرف اکين ڪان پري ڪيئن پرين ڇٻو پري،
هو پري جيترو آهه اوترو اوري آهي.

* * *

ڏسي جي ڪين سگهان سي مان ڏسڻ چاهيان ٿو،
ڪئي سون خورد بيني آهه انهيءَ لئه ايجاد،
مگر اوزار پنهنجي پرک لئه نه ٿاهيان ٿو،
ڏسي جي ڪين سگهان سي مان ڏسڻ چاهيان ٿو.

سون کي خود پاڻ سڃاڻڻ جي نه آهه من ۾ مراد،
مان خورد بين ڇو خود بين ڇو نه ٿاهيان ٿو،
ڏسي جي ڪين سگهان سي مان ڏسڻ چاهيان ٿو،
ڪئي سون خورد بيني آهه انهيءَ لئه ايجاد.

دنيا جي ڊورنگي آهي تصوير ڇنڀل ڏس،
جيوت جا ٻئي روپ تي آشا ۽ نراشا،
سک دک ۽ مرڪ لڙڪ کي هڪ ٻئي سان مليل ڏس،
دنيا جي ڊورنگي آهي تصوير ڇنڀل ڏس.

ڪي پل خوشي جا گل کي تون صحرا ۾ ٽڙيل ڏس،
اس ڇانو ٻه پاڇا اٿي هڪ سج جا تماشا،
دنيا جي ڊورنگي آهي تصوير ڇنڀل ڏس،
جيوت جا ٻئي روپ تي آشا ۽ نراشا،

* * *

لڙڪن جو کٺي جام جو مرڪي ٿو پئي پيو،
آشا ۾ نراشا کي سو بدلائي ڇڏي ٿو،
چوڏس جي اماوس کي ٿو دلڏير ڏئي پيو،
لڙڪن جو کٺي جام جو مرڪي ٿو پئي پيو.

جيوت جهان ۾ اهو مڪمل ٿو جئي پيو،
جو هار کي ٻه جيت جا گل پائي ڇڏي ٿو،
لڙڪن جو کٺي جام جو مرڪي ٿو پئي پيو،
آشا ۾ نراشا کي سو بدلائي ڇڏي ٿو.

—

# مخمس

# راحت جي ڳولا

رات ساري مون گذاري رنج ۾،
جو ڏنم فرحت نہ پنهنجي گنج ۾،
"اٿ" چيو اميد لوڏي هنج ۾ -
"ڇڏ ستت گوندر گنوائڻ ۾ گسو،
کر وڃي راحت جي ڳولا اي پسر!"

(۲)

صبح جو ساجهر سڄي آيم سفر،
نهر تي نمندو نظر آيو نڪر،
خوش ڏٺم ويٺو پرندن جو ولر.
هيج مان هر هر هوا گهوگهاٽ ڪيا،
وڌ پريشاني جا مون کي پور پيا.

(۳)

مون پڇيو تن کان: "ڏسيو راحت جو گهر،
جنهن جي ڳولا ۾ ڦران ٿو دربدر"،
چيچلائيندي چيائون "بي خبر!
دردمندن کان پڇين راحت جو گس!
ساري عالم ۾ ملي جنهن جو نہ ڏس".

(۴)

بس وسوڙو ٿي گهڙيس وٺڪار ۾،
پريم کان آئت گهريم آزار ۾،
جنهجو جلوو آ سڄي جنسار ۾.
پر ورائيائين تہ هن جو سوجهرو،
ويو ڪري ڳوڙهن سان جهيٽو ڏوجهرو.

(۵)

اٿ اچي يارن جي ياري ياد پئي،
تنهن ۾ ليڪن غمگساري ڪانہ ڪئي،
اٿلندو منهن کي گهنجائي ويئي چئي:
”دوست، جي در ڀاڳ کان رلندا رهيا،
قبر ۾ آخر سي ٺانئيڪا ٿيا.“

(٦)

آسمان تي ٿي رنگين آيو نظر،
نازنين ٿيہ ٿي ڪئي تي جنهن اندر،
مون چيو خوش ٿي تہ ڏيندي خوشخبر.
پر چيائين: ”منهنجي ڪل آ هڪ گهڙي،
جو پون ڪن پل اندر ڳوڙها ڳڙي“.

(٧)

عرش تان لاهي نگاهن سان نقاب،
مشڪندو اوڀر کان نڪتو ماهتاب،
مون وچايو ساڳئي رودن جو رباب.
”خوش نہ ڀانئج مون کي“ چياءِ ڏس! مگر،
داغ فرقت، زرد رؤ، زخمي جگر“.

(٨)

نا اميدي آندو جو نيڻن مان جام،
اوچتو آيو اجل کان خوش ڪلام،
جنهن چيو: ”مون ۾ وسي آنند دام.“
نيڪنامي رهبري جنهن جي ڪري،
سو ڏسي راحت کي ”فاني“ سر ڌري.

—

## ماضي ۽ حال

سچ چوڻ آ جهالت، آهي جوٽ عقلمندي،
آهه مال يتيمن جو چٽ صوف سمرقندي،
آهه مرڪ مڙس جو اج دوستن سان دغا بازي،
اشراف هار ڪاڏي، بي شرم جي آ بازي،
هُو اوُر زمانو هو، هيءَ اوُر زمانو آ.

ڇا آه ۾ اثر هو، ڇا خوف هو خدا جو!
مظلوم جي صدا تي آڪاس گرجندو هو،
ڪيولي ڪي ستائڻ ۾ چوندا ها پاپ ڀاري،
اج آهه بيڪسن جي گردن مٿان ڪٽاري،
هُو اوُر زمانو هو، هيءَ اوُر زمانو آ.

ٻيوه جو ست ٻگاڙڻ اج ڪلهه بحال سمجهي،
ڏارين جي بغل ۾ اج خود خواب خيال سمجهي،
هنسن جي جاءِ تي اج افسوس ڪانگ ٻٺجي!
ويٺا ڏسون اکين سان استرين جي لاج لٽندي،
هُو اوُر زمانو هو، هيءَ اوُر زمانو آ.

استاد لئه ادب هو، وڏڙن لئه نياز نئڙت،
اج بزرگن لئه جاڳي نٺڍي وڏي ڪي نفرت،
ڏارين لئه دل اندر هئي همدردي وفاداري،
پنهنجن پرين سان لازم ناهي ڪا قربداري،
هُو اوُر زمانو هو، هيءَ اوُر زمانو آ.

رشوت جي کوڏي چڙ آ مادر جي ٿيچ ٽڻن جي،
دکو بہ ڪين ڇڏجي منشا رهي مٽن جي،
ڪجھ پڻ حرام ناهي، سڀ ڪجھ حلال آهي،
دنيا جا عيش تيا ڪڻ مشڪل محال آهي.
هئو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

اقرار سچ جي تي ملندو هو قرض ڪافي،
هئي ڪارپت نہ اچ جيان، انجام جي خلافي،
پائيءَ جي لئہ بہ اچ ڪالهہ اڪرن جي گهرج آهي،
جنهن هٿ ۾ اچ ملي ٿو سو هٿ سوال ناهي،
هئو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

جت ڏرم جي نالي تان قربان ٿي ٿيا ڪونڌر،
ليڪن نہ جذبو جاڳي دل جا سڪي ويا سرور،
تنهن جاءِ تي بہ اچ ڪلهہ رت جا نشان آهن،
اچ راند سمجهي هڪ مان پيو ڌرم ٿا مٽائن،
هئو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

چا ڏوُر آ دنيا جو سورج چڙهيل لهي ويو،
ليڪن ڪڏهن نہ ورندو هڪوار جو وهي ويو،
اپري يا ڪين اپري ڪائي خبر نہ آهي،
سو شمس، شمس ناهي، سو چنڊ، چنڊ ناهي،
"فاني" فضول سارو تنهنجو هي فسانو آ،
هئو اوُر زمانو هو، هيءُ اوُر زمانو آ.

—

# ڪونج

نوٽ: هيٺين شعر ۾ پدري پريم جا جذبا پنهنجي نمائي نياڻي ڪوشليا (ڪونج) جي اوچتي مرتيي تي اظهار ڪيل آهن. سندس اوسٽا لڳ ڀڳ ڏهه ورهيه هئي. هيءَ ٻوٽيل مکڙي ٣-مئي ١٩٤٤ع جي اسان کان رسي، هميشه لاءِ جدائيءَ جو داغ ڏيئي، وڃي ايشور جي جهوليءَ ۾ جاءِ نشين ٿي. [ڪيولداس فاني]

(١)

ڇا لکان، ڇا سان لکان، ڇا تي لکان،
ڪيئن لکان، ڪنهن ڏي لکان، ڪنهن کان پڇان،
ٿو رڙان ڪُٽيءَ ڪِران جهوريءَ جهڄان،
دل اندر ٿو درد جو ٻارڻ ٻري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٢)

جل جلي ويو آ جگر جولان کان،
خون دل جو ويو سڪي ارمان کان،
آڳ وڌ هيءَ آهي آتشدان کان،
نار ڪنهن کان ڪين ٿو پرندو ٺري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٣)

آڳ کان آندي جي آهي چر تکي،
آ جگر واري جگر کي جهر تکي،
ٿي چڀي سيني ۾ چڙ نستر تکي،
جسم ٿو اولاد جي چر ۾ چري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(٤)

جان جهوراڻي کان جهرڻو ٿو وهي،
هڪ وهي نڪري تہ ٻيو ٿهہ پهہ ٿهي،
چشم پيالن ۾ نہ ٿو چشمو رهي،
ڇولين جي ڇوهہ کان ڇاتي ڏري،
ڪونج اڏري من وڃي ماندو ڪري.

(٥)

غم ڀري منهنجي غريبيءَ کان رسي،
ٻهڪندڙ دنيا ڪري ويئي ٻُسي،
ڪيئن ڀئي قدرت هٿان قسمت ڪسي،
منهنجي غم تان غم نہ ٿو ٽرندو ٽري،
ڪونج اڏري من وڃي ماندو ڪري.

(٦)

ورهيہ گذريا منهنجي غم سان غم رهيو،
ڪم فقط آهي تہ غم سان ڪم رهيو،
غم سوا غم کان نہ خالي دم رهيو،
هيءَ نئين سر ماس چنتا ٿي چري،
ڪونج اڏري من وڃي ماندو ڪري.

(٧)

سڌ نہ ديپڪ کي قضا جي واءُ جي،
ڪونج وڃي سنگت وڇوڙي پاءُ جي،
آس ويڳاڻي ڪري وڃي ماءُ جي،
اوچتو صدمي جي ڳٽي ۾ ڳري،
ڪونج اڏري من وڃي ماندو ڪري.

(٨)

ڇا سندس مٺڙو رسيلو راڳ هو،
ڇڻ ڀريو ميران منجهس ويراڳ هو،

منهنجي لئه سو راڳ بيشڪ ڀاڳ هو،
پر قضا قهري ڪان قسمت ٿي ڪري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(٩)

ويو سندس آلاپ ٿي سڀ ڪي وٺي،
ٿي سندس ساهيڙين ۾ ڪُهر گهٽي،
ڪونج ڏاران ڪيئن نچن ٿيپڙو هٽي،
تنهن بنا تن جي نه ساعت ٿي سري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(١٠)

هاءِ ڪيئن مڪڙي ويئي هتڙان هلي،
ڪين جا ڦلواڙ ۾ ڦولي ڦلي،
ڪيئن وئي ڪومائجي ڪومل ڪلي،
اڄ نه ڦوڙائي ڪان ڦلواڙي ڦري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(١١)

ڪونج وئي ڪانگن جي دنيا کي ڇڏي،
هنس - مڪ هنسن ڏي وئي لاشڪ لڏي،
گهر امر - پور ۾ وڃي ويٺي اڏي،
دور هن دنيا جي ڀيڙا کان پري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(١٢)

منهنجي وس ۾ هاءِ جي ڪو وس اچي،
ڏيهه ڏورانهين مان ڪوئي ڏس اچي،
۽ روئڻ سان ڪونج جي واپس اچي،
مان ڇڏيان دنيا کي ڀوڙهن سان پري،
ڪونج اڏري من وئي ماندو ڪري.

(۱۳)

گرچہ جسماني طرح آهي جدا،
تہ بہ مني موجود آهي جابجا،
منهنجي تن تنبور مان نڪري صدا،
پاڻ تي جوڳڻ جڏهن هٿڙا ڌري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(۱۴)

زندگي چاهي ڪتابن کان پڇيم،
موت چاهي فيلسوفن کان پڇيم،
عالمن، سادن ۽ سنتن کان پڇيم،
ڪير پهچي پر سمندر جي تري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

(۱۵)

ناهہ هت ڪنهن جي بہ هستي لازوال،
پيش رک پيرن فقيرن جو مثال،
موت کان ناحق نہ ڪر جيوت وبال،
جو جميو آهي اوس "فاني" مري،
ڪونج اڏري من وٺي ماندو ڪري.

---

# آيو، ويو هليو

١- آڪاس تان آيو هو ستارن جو ستارو،
سورج جو تررو بڻيو ڌرتيءَ جو دلارو،
هو چنڊ جي ريکا جو نظاري ۾ نظارو،
جنهن زندگي جو هرش سان هرهڪ ٿي پل پليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٢- شبنم ٿي لٿي ابر جي باريڪ تهن مان،
فردوس جي، گل چونڊ جي، آيو هو چمن مان،
موتي هو صدف جي هليو آيو هو دهن مان،
پنهنجي خوشي نہ آيو نہ پنهنجي خوشي چليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٣- تنهن غنچہ کي گلزار ۾ هر گل سان وفا هئي،
پر هاءِ فنا کي ڪا وفا سان بہ جفا هئي!
مکڙيءَ جي قضا هئي يا هي مالهيءَ کي سزا هئي،
هن واءَ سان بوتي چو اجايو هو روح رليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٤- خود راز لڪل آهہ اچڻ ۾ ئي وڃڻ جو،
خطرو رهي پانڊي کي گهڙڻ ۾ ئي پڄڻ جو،
امڪان آ سورج ۾ ئي اڀرڻ ۽ لهڻ جو،
'آيو ۽ ويو' ڪين کي دنيا جي جهل جهليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

٥- اي زندگي جا سوز پريل ساز سراپا!
هستي ٿي ڪري هرگهڙي توکان هي تقاضا،
هيءَ آهہ فنا ڇا ۽ فنا-گهر ۾ بقا ڇا؟
"فانيءَ" جي اندر ۾ اچا ڏيرج نہ ڏر جهليو،
سو روح هن جهان ۾ آيو، ويو هليو!

# گل ۽ ڪنڊو

(۱)

هڪ دفعي جيئن ٿيو گذر گلزار مان،
قدرتي سينگار جي سنسار مان،
درد دل ۾ ويو لنگهي ديدار مان،
سون ڏنو ڏرتيءَ تي گل کي ٽِڪندو،
۽ ڏٺم بي درد ڪنڊو مشڪندو.

(۲)

هڪ ٻئي ڀوتي تي ٿيو تن جو گذر،
آهه سورج جي مٿان ساڳي نظر،
تو وسي بي رياءَ رحمت جو ڪڪر،
چانڊني ساڳي ٻنهي تي شعاع ڪيو،
سرڳ کان ورتاءَ ساڳيو واءُ ڪيو.

(۳)

هاءِ پر، ڇا ڀيد پياري تي پيو!
گل نپل، ڪنڊو ڪتاري تي پيو،
دشت هڪ، پر هيو پچاري تي پيو،
آهه گل ڪنڊي جو ساڳيو آستان،
پر ٿيو ڪنڊو ڇو اهڙو بدزبان؟

(٤)

ڪنهن جي آڱر کي ڦٽي ڦاڙي ڇڏي،
ڪنهن جي سيني کي ڇهي ساڙي ڇڏي،
پر پڇي بلبل جي رت ڳاڙي ڇڏي،
پاونا مان تو پنور پڪو ڪري،
پر ڏسي تو ڏنگ کي ڏوران ڏري.

(٥)

قرب کي ڪنڊو تو ٺُڪرائي ڇڏي،
نيچ تي نيڪي کي اڇلائي ڇڏي،
۽ بديءَ جو طوق لٽڪائي ڇڏي،
گُل تہ بلبل کي نچائي گود ۾،
رس ڏيئي آڻي پنور کي بود ۾.

(٦)

باغ مان ڇو خار خواري تو ڪٽي؟
پنهنجي پيارن کي ڇو هاڃي تو هٽي؟
پاڻ کي جيئرن ۾ جاهل ڇو ڳٽي؟
ڇو ڏسرجي ڏاڍ ڏاڍائي سکي؟
ڇو نہ تو گُل کان نماڻائي سکي؟

(٧)

رنگ جت آهي چڱائي جو چڙهيل،
جو سبق آهي صداقت جو پڙهيل،
تنهن جو جامو آهہ موتين سان مڙهيل،
ماڪ تي گُل تي اڇي اوتي شراب،
شوم دل ڪنڊو سڙي ٿئي تو ڪباب.

(٨)

هاءِ نيٺن ۾ نڌورا تا ڇڻن،
هر جڳہ بدڪار بڇڙا تا بچن،
جن کي جيئڻو آهہ سي وهلو وڃن،
ٺارين ۾ ناهہ ڪنڊن جي ڪمي،
پر بچن مشڪل ٿا گُل تن تي جمي.

(٩)

هاءِ سورج باهہ ڌرتيءَ تي ڌري،
۽ سيارو برف جون جهوليون پري،

پڻ سڀ هر جنس کي ڪاهل ڪري،
پر نہ ڪو ڪنڊي کي لوڏو لهر آهہ،
هاءِ هي معصوم گل تي قهر آهہ.

(۱۰)

هو تہ ڏس، گل تو خوشي سان ڳاٽ ڏئي!
ڪيئن مشان بيوس پنور ولاٽ ڏئي،
هنيانءَ بابل جو ڦٽيو ٿو ڦاٽ ڏئي،
هونءَ تہ ڪنڊو ٿا چون گل جو بچاءُ،
پر هتي صياد سان ٿئي هم صلاح!

(۱۱)

هاءِ وئي جولان ۾ مڪڙي جلي!
جا نہ ڦلواڙي اندر ڦولي ڦلي،
اج اچي اج تي وچي هيٺي هلي،
هاءِ ڪنڊن لئہ سچو سامان آهہ!
گل فقط هت چار دم مهمان آهہ.

(۱۲)

آهہ گلشن ۾ نہ گل جو آستان،
سخت هي نالو بڻايو باغبان،
آهہ هت گل جو بہ ڪو نالو نشان؟
عمر پر ڪنڊن جو هت وهنوار آهہ،
جن جو گلشن مان وڃڻ دشوار آهہ.

(۱۳)

هاءِ "فاني" گل ويا ڪنڊا ڇڏي،
بلبلين جي برهہ سان گوندر گڏي،
اج بہ ارماڻيو پنور سڪ مان سڏي،
۽ اساڻيل پنکڙيون پٽ تي ڏسي،
رهگذر جون تيون پون پنڙيون پسي.

# مسدس

## او شاهه!

ڪٿي نيڻ مونن مان مون ڏي نهاري،
هٿي تير طعنن جا چڏ ڏيل ڏاري،

وطن کان سگهيا جي سگهو ساهه واري،
جڏو جيءَ جياري آيا ملڪ ماري.

پچارن ۾ بس شاهه! هئا مڙس ماهر،
ٿي طالب ۾ سڏڙيا پيا صاف ظاهر.

گواهي تواريخ ڏيندي اسان جي،
پشيمان اولاد ٿيندي اسان جي،

جڏهن شاهه! هيءَ ياد ايندي اسان جي،
لڄا سيسرائيون پريندي اسان جي.

جڏهن ريت-گهر پار ڏاهڻ نه ڏيندا،
تڏهن شرم کان نيڻ نالا نه ٿيندا.

تون هڪ مارئيءَ کي امر آ بڻايو،
لکين مارئڙن هت وطن کيئن وڃايو،

چنيسر کي ليلان جي لالچ رنجايو،
مٿس طوق لعنت ملامت جو آيو.

پنهونءَ کي ويهاري جي سسئي پڇيه ها،
قلم تنهنجو ڪامل! تڏهن کيئن کڇي ها.

قلم ڪڻ وري شاهه ڪو عالماڻو،
روئي جئن هتي هاڻ مومل لئي راڻو،

جهڳو جئن پوي کو اجهن لئي اباڻو،
لڳي شال ڪؤڙو تي ڪرهي کي لاڻو.

وطن منهنجو ميهار سهڻي وري مان،
اچان سير مان تار تهڙي تري مان.

ذري پنهنجي حب الوطن مان عطا ڪر،
اسان جي زماني ۾ ظاهر خطا ڪر،

مگر منهنجي مجبورين کان پچا ڪر،
سزا وار آهيان نه قائم سزا ڪر،

ڇڏيم تنهنجو دَرُ پر، نه دامن ڇڏيو مان،
لڏي تنهنجو گهر پاڻ سان هت اڏيو مان.

اسان سان سچئ تون سدا ساڻ آهين،
اسان لئي سو موتين جو مهراڻ آهين،

اسان جي سپيتا جو اهڃاڻ آهين،
ڪلامن ۽ ڪافين جو تون ماڻ آهين.

ڇڏي پٽ درازن کي بيشڪ برو ٿيس،
مگر تنهنجي پيغام جو گهنگهرو ٿيس.

جدائيءَ ۾ جاني جدا ڪين گهاريان،
سنڀاريندي توکي وطن کي ٿو ساريان،

رسالي مان رس ٿو پيئان ۽ پياريان،
سنڀاري صبح شام کي ٿو رئاريان.

اچان ٺار آيو نه 'فاني' ڦٽن ۾،
سڪي ساهه ٿي شاهه! پنهنجي پڪن ۾.

—

# او منهنجا وطن

١- او منهنجا وطن دلدار وطن!
ڪيا ڪيڏا ڀُلائڻ جا مون جتن،
لڳي لنءَ لنءَ ۾ آهي اهڙي لڳن،
ڀُل ڪان نه ڀُلن اهي پاڻ پون،
ڪوشش مون ڪئي ويرٿ سا وئي،
ڳاريندي رهي ڪرمن جي ڪئي.

٢- هت ڏاڍو ڏکايو آهه ڏکن،
سُک ياد ڪري اڏما ٽا اڻن،
ڳڻ ياد ڪري ڳالهيون نه ڪٽن،
پل پل ٽا دلاسا دل ڪان پڇن،
گهر ۾ ڇو رهي ڏاڍو ٽي گهمين،
خوش رهه ڇو غمن ۾ ماريو ٽي گهمين؟

٣- مشڪل ٽي پيو واپس آ ورڻ،
مشڪل ٽي پيو ڳُٽين ۾ ڳرڻ،
چاهي ٽو هرڻ واريءَ ڏي ورڻ،
سمجهي ٽو متو اڄ رڄ ۾ مرڻ،
سنسار جو تنگ خيال سڏي،
دل قرب جو تنهن کي ڪمال سڏي.

٤- اها جهانگين جي جهونگار ڪٿي،
اهي چنگ گهڙا يڪتار ڪٿي،
اهي ڪوهه ڪٿي اهي نار ڪٿي،
اها باغن جي آ بهار ڪٿي؟
اهي ڪير ونگا گدرن جون وليون،
اهي واڙ ڀلا ڇانهن جون ڇليون.

٦- سمجهان ٽو مگر موٽڻ آ محال،
موٽان به اڳيون ڪيئن ايندو ڪمال،

ظاهر ٿـو ڏسان هت پنهنجو زوال،
پـل خلق سڏي اهي خـام خيال،
ٽوڙي ننگي - پير جي نڪري پوان،
هوندا اونڌا پاڳ، ٿي پوندا سنوان.

٧- بيوس ٿـي ڇڏيم تـوکي يار وطن،
ڇڏي سونهن ڪيئہ سينگار وطن،
پاريءَ جـا ڏٺا مون نہ پار وطن،
گلـزار مـان ٿـي پيئين خار وطن،
پلا خار ٿي پيئين مون کي ڇو جهليئہ،
ڇو ٿي پلئہ جهلي پڪڙي نہ پليئہ؟

٨- هت جـان جـدائـيءَ ۾ ٿو ڏيان،
هڪ آس تي مان جيڪر ٿو جيان،
شـل توڏي اچـي ٿانئيڪو ٿيان،
هـر شخص ڇڏيا هت هاري هيان،
لاهي هانءَ جدائي ۾ جانيون جهري،
پيون پونءِ سان پاڪر پائي پري.

٩- هت پنهنجن پلين جا خال تہ ڏس،
اهي سيٺ سگها ڪنگال تہ ڏس،
گوندر ۾ گتل هـت لال تہ ڏس،
ظالم هي زماني جي چال تہ ڏس،
هـت هـونـد وارا حـيـران ٿيا،
ڏنـوان ولــهـــا ويـران ٿيا.

١٠- پيچي جن آ پيچايو مون کي وطن!
ڇڏي جن آ ڇڏايو مون کي وطن!
لڏي جن آ لڏايـو مون کي وطن!
جـن روهہ رلايـو مون کي وطن،
”فاني“ سي ڏسان دردن ۾ دکي،
سالن ۾ ڏين سـاعـت نـہ سـکي.

---

# قوم جي هيٺي حالت

( ١ )

اٺ قوم نماڻي ٿي سنڌ واٺ نهاري،
چوڻيءَ تي چڙهي تنهنجي شڪايت تي پڪاري،
غفلت کان سنڌ رنج ۽ حسرت ۾ گذاري،
خود رنج کي ٿو رنج سندس خون رئاري،
مدت کان ٻڌي آهي تو ڪشٽن جي ڪهاڻي،
پر قوم سندو فرض سگهين ڪين سڃاڻي.

( ٢ )

اکين سان زماني جي تون رفتار ڏسين ٿو،
هر ملڪ جي هر قوم کي بيدار ڏسين ٿو،
ڇا پنهنجي تباهي جا نه آثار ڏسين ٿو؟
گلزار بجاءِ باغ خزان خار ڏسين ٿو،
محبوب وطن جي اها رونق نه رهي آهه،
خورشيد بلندي تان ويو مغرب ڏي لهي آهه.

( ٣ )

جانباز جوانمرد جوانن جي نشاني،
توکي ٿي سڏي سوز مان سنڌوءَ جي رواني،
صدين کان ٻڌءِ پاڪ پرانن جي زباني،
آئي نه مگر تنهنجي چو جنبش ۾ جواني،
ناپاڪ رڳن ۾ سا حرارت نه رهي آهه،
ذلت کان بزرگن جي ڪا عظمت نه رهي آهه.

(۴)

گهر ۾ ٿي اگر آڳ حسد جي نه ٻري ها،
هيئن پنهنجي هٿان قوم جي قسمت نه ڪري ها،
هرگز نه ڪڏهي ڳاهجي ڳٽين ۾ ڳري ها،
آڪاس منجهان برق ڪو ڪڙڪو نه ڪري ها،
ڏارين جي اشارن تي تو پنهنجن سان وڙهيو،
توکي آ نفاقن ٿي نپوڙيو ۽ نهوڙيو.

(۵)

گرداب مان ڪشتيءَ کي لنگهائڻ جو سمو آهه،
تلوار تلي سر نه جهڪائڻ جو سمو آهه،
تدبير سان بگڙي کي ٺاهڻ جو سمو آهه،
هيءَ آڳ ايمان جي اجهائڻ جو سمو آهه،
سمجهاءِ سنڌ ۽ صبر جي دنيا کي پرولي،
دنيا ٿي ڪري تنهنجي قناعت تي ٺٺولي.

(۶)

پر ڪنهن انهي افسوس ۽ رودن مان ويو آهه،
آهن ۽ پڪارن سان ڪو گوندر نه گهٽيو آهه،
'هيءَ هيءَ' مان سنڌ ڏنڌ وطن تان نه هٽيو آهه،
تو پاڻ بدنصيبي جو بنياد پٽيو آهه،
مالڪ ٿي تون محتاج هٿن ڏي ٿو نهارين!
ليڪن تون غلامي ڪان غمن ۾ ٿو گذارين.

(۷)

چُونڊو تو رهين منهنجي وڏن جي آ وڏائي،
تو وٽ به رهي ڪا عملن جي صفائي؟
ڪهڙي تو ڪريل حال تي حڪمت آ هلائي؟
همت بزرگن جي ٿي ويتر ٿي ڪچائي،
ماضيءَ کي مصيبت ۾ فقط ياد ڪرين ٿو،
ڪا حال اکيان حال جي فرياد ڪرين ٿو.

( ٨ )

جنهن قوم تي غالب آ جهالت جي انڌاري،
تنهن پنهنجي سڄي زندگي ذلت ۾ گذاري،
لٽڪي جا مٿان ظلم جي گردن تي ڪٽاري،
تنهن کان نہ ڪڏهن قلب آ قالب ۾ قراري،
مشڪل سا مگر قوم کي مجبور ڪري ٿي،
جا پاڻ ستم پاڻ تي منظور ڪري ٿي.

( ٩ )

هڪڙي نہ هئي آهہ غلامن جي غلامي،
ٻنڌن کان ٿي پنهنجن ۽ پراون جي غلامي،
پنگت جي ٿي رسمن ۽ رواجن جي غلامي،
گذران جي چنتا ۽ گذارن جي غلامي،
افسوس غلامن کان غلامي ٿي پشيمان،
قيديءَ کان وڌڪ ٿي پيو زندان پريشان.

( ١٠ )

ڇو درد پريو تنهنجو غلاميءَ جو گذر ناهہ؟
ڇا قوم جي قسمت تي قيامت جو قهر ناهہ؟
يا تنهنجو وطن ناهہ يا آهن ۾ اثر ناهہ،
پٿر جو جگر آهہ هي انسان جو جگر ناهہ،
’فاني‘ نہ سگهين پنهنجو جڙو جيءَ جياري،
تان سمجهہ وطن مان وئين جيئري گذاري.

---

# مانري پريم

آڪاس جي بغل ۾ انڌيري رات آئي،
سر تي حجاب ڪان جنهن چادر ڇڙي وڇائي،
تارن سندي قطارن جهرمر عجيب لائي،
وڇڙيل دليون سدائي ڪن ياد هيءَ سهائي.

ٻونگي ٻڳل ۾ آيو تنهن ويل پريمي جوڙو،
مٺين سان جنهن اڏيو وهلور ٿي وڇوڙو.

پاڪر ۾ جهلي پرڪي چيو پريم پوڄاري:
جڳ ۾ نه ٻي ڪا پايان مت تنهنجي مشڪباري،
اکڙين سان گل اناري منهنجي تو دل ڏتاري،
توريءَ نه ڪا ٿي ساعت راحت ۾ مون گذاري.

من منهنجي جي تون ڪايا آهين ڪرم جي تون ڇايا،
پنهنجي پرين ڪان ڇو تون هٿڙن ۾ ڳل لڪايا؟

جوڀن جي، روپونتي، هئي مست مئي خماري،
چيو ناز جي نپايل:—"ڏج پريم پرک پاري"
مون ڪي جي پنهنجي ساجن! سمجهين ٿو 'پران پياري'
دل ماءَ جي ڪڏي آچ ٻي غم ڪڏي ڪتاري.
تون پنهنجي دل نه مون ڪي ارپي ڇڏي سخي دل!
پر سرس پيٺ پايان هيءَ، "تنهنجي دل مقابل."

ٻڌ ندڻي ٻول گهر ڏي سڏ ٻڌ وڃائي ٻ وڙيو،
ماتا جي، انڌي عاشق، سيني ۾ ڪان کوڙيو،
تاڪين مان ڪڍي دل جيئن ٻوڙڻ لئه هو پتوڙيو،
دل - هؤل ڪيس ڪيريو، انڌ جي نشي ڪي ٽوڙيو.
ڏسند يئي تـڙقـي ’فاني‘ ماتا جي دل ڳالهايو!
”ٻچڙا! ٻڌاءِ تہ توکي ڏاڍ و تہ ڌڪ نہ آيو؟“

## ڏکي دنيا

ڪوئي روزيءَ جي فڪر ۾ ٿي دربدر ٿو رلي،
ڪنهين نصيب جي ماريءَ جو سدا نيڻ چلي،
ڪنهين جي انگ اگهاڙي تي تتو جهولو گهلي،
ڪنهين جي دانهن تي تقدير جو نه دڙو ڪلي.
هرجڳهه هرطرف سورن جو مون سامان ڏٺو،
ڏکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

( ٢ )

ٿوڙي زر مال ۾ ته متار دنيادار رهي،
ته به قارون جي خزاني لئه بيقرار رهي،
ڪافي ڪلدار سان گڏ هرس جو آزار رهي،
پري ساگر کي ٿو قطره جو انتظار رهي!
مون اپرندي الهندي کي آ يڪسان ڏٺو،
ڏکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

( ٣ )

اوچتي موت کان ڏک درد جي نوبت آئي،
زال وڏوا تي ۽ ٻچڙن تي مصيبت آئي،
ڪنهن کي اولاد ملي، زال تي آفت آئي،
هوريان هوريان چڙهي راحت مٿان مسرت آئي.
چاڪ جيجل جو مون ڪٿ غم ۾ گريبان ڏٺو،
ڏکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

( ٤ )

ڪو چوي ٿو مون کي اولاد ملي چا ٿي پيو!
چاڍو نينگر آ نه ڪڙو، جنهن کان گهر صفا ٿي پيو،
ڀاڳ ڀانيم تي ڀلو جنهن کي، سو سزا ٿي پيو،
ڪهڙو آرام تي رنج ۽ الم روا ٿي پيو!
بي شڪر جي مون ڦٽن لئه نه ڪو درمان ڏٺو،
ڏکي دنيا ۾ هرهڪ شخص پريشان ڏٺو.

( ٥ )

ڪيئن نہ پريمي ٿو ڪري پريم ۾ خانوئي خراب،
خانداني ڪي ڏيساري ٿـو خـرابـيءَ جو خطاب،
عيش سمجهي ٿو سهي سر تي سرهائي سان عذاب،
عمر پـر ڪين مگر آيـو اسـيـدن جـو جواب.
هـر تـمـنـا ۾ لڪل سـون رگـو ارمان ڏٺو،
دکـي دنـيـا ۾ هـرهڪ شخص پـريشان ڏٺو.

( ٦ )

آهـي سنسار ۾ سـيـانـا ڪو ٻڌاءِ منش سکي!
انـهـيءَ دنـيـا ڪيا دنـيـادار ۽ پينار دکي،
پـريـو پـرجـي نہ تي انـبـار ۾ دل آهہ بکي،
حسن پنڪائـي تـو بـي چين ڪري چنڊ مکي.
عقل، صـورت کـي لتاڙيندو سـون ويـران ڏٺو،
دکـي دنـيـا ۾ هـرهڪ شخص پـريشان ڏٺو.

( ٧ )

اهڙو پهتو آهي جگري ڪوئي سنسار کي رنـج،
جنهن کان خود رنج کي آزار آ، آزار کي رنـج،
آ گلستان ۾ شمشان جـو گـل خار کي رنـج،
محفلين ۾ وڃي تـبـلـي ۾ رنـج ستار ۾ رنـج.
رنـج غم ۾ سـون آ هر چـيـز کي غلطان ڏٺو،
دکـي دنـيـا ۾ هـرهڪ شخص پـريشان ڏٺو.

( ٨ )

آدمي ذات کي خـالـق تي جڏهن پيدا ڪيو،
هـر نعمت جـو پـيـالـو مـٿـان پيئيندو ويو،
عـقـل، اقـبـال، صحت جـو ڏٺـي انسان ٿيو،
پر نہ قطره ڪو مٿس سگـ جي پيالي مان پيو.
سچي آنـنـد کـان مـحـروم سـون انسان ڏٺو،
”فاني“ دنـيـا ۾ هـرهڪ شخص پـريشان ڏٺو.

—

# جيوت جو دم

( ١ )

عدم کان ٿيو آدم جو هت آستان،
ڇڏي آيو فاني لئہ باقي جهان،
۽ ڌرتي لئہ آيو ڇڏي آسمان،
ڌڻ مان نہ، نڪرڻ جو ڪيائين ڏيان.
سڪين پيچرن مان ويو پنڌ نبرندو،
ائين ٿي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٢ )

جڏهن هن دنيا ۾ ٿيو ٻالڪ جنم،
جميل آهہ نازين اندر رت گرم،
رهي گم نہ گوندر سندي عرض غم،
رهي صاف دل ۽ آ هردو نرم.
سدا سج خوشيءَ جو رهي اڀرندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٣ )

جڏهن آيو جوڀن جو مخمور پُور،
ٿين هڪ سلي مان ٿا پيدا انگور،
نہ آ قلب قابو نہ شامل شعُور،
تپي ٿو محبت جو تن ۾ تنُور.
رهي پريم ۾ تن سدا ترڦندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٤ )

سپاهي ٿي سُوره سٿون ڪائيندو،
لگن کي لٿو تيل جيان لائيندو،
غشي ۾ ٻه هٿ ڪين هارائيندو،
اجل بوند پاٺي کي ترسائيندو.
رهي هار يا جيت ۾ مرڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٥ )

جواني ۾ انسان جي ٿيو سجان،
وڏي تنهنجي طاقت وڏي شان مان،
سندس رهندو دنيا ۾ نالو نشان،
مگر ناهه نيڪي کي دائم مڪان.
ٻه ٽي ڏينهن هيءَ چندرما چمڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٦ )

زمانو ڪندو جوان کي پيرسن،
نه ما سرت رهندي نه سالم ذهن،
ٿي ڪوهيل رتن جو آ موتن ڪتن،
رهي ڪال کان ٿرڪندو تن بدن.
هن آفت کان ڇاتي ۾ من ڇرڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جو دم گذرندو.

( ٧ )

پيدائش جي سر تي ڏسي آپدا،
لڳي جيئن سفر تي هلڻ جي هوا،

وڻــــي دؤر خــوراڪ پــوشــاڪ جــا،
اجهو مــوت جــي ڪڙڪي ڪاري بــلا.
ڏِلائــي ڪــان ويــنــدو ڏِڏر ڏِرڪندو،
ائين ئي ويو جيوت جــو دم گــذرنــدو.

(٨)

لــڙائــي ۾ جــيــوت ڪــي جيتيو قــضــا،
تــڏهــن زنــدگــي جــا ڪــلا ٽــيــا ڏِلا،
دوا ۽ دعــا مــان مــلــي ڪيئن شــفــا؟
اڳــيــان ڪال جــي ڇــانئي ڪاري گهٽا.
روئــيــنــدي ولــر ڪــان پکي وڇــڙنــدو،
ائين ئي ويو جيوت جــو دم گــذرنــدو.

# جيوت ۽ موت

( ١ )

دنيا کي عذابن جو آستان ڇو چون ٿا؟
وستي کي بيابان ۽ ويران ڇو چون ٿا؟
هلڪي هوا کي هيسجي طوفان ڇو چون ٿا؟
جيوت گران موت کي ارزان ڇو چون ٿا؟
ليڪن جهان ۾ خوب آ خوشين جو خزانو،
فڪرات رنج غم آ بهانو ۽ فسانو.

( ٢ )

آئي پلا جي وار سان گلزار منجهه خزان،
چئجي ڇو: ”جيئڻ پڻ ڏکن، ڇڏڻ ٿا ڏار سان،
ساوا سڪي ڪريا ۽ جدا ٿيا شجار کان،
دنيا ۾ تئين آهه هي انسان لامڪان“؟
يڪسان هجي گرچ هي دنيا جو ڪاروبار،
مشڪل ٿي هلڻ آ مزو هرشي ۾ ڏار ڏار.

( ٣ )

انڊلٺ جي آسمان ۾ ٿي جنهن وقت جهڪائي،
نچندي ڪسي يا وهڪ ٿڪي سان نظر آئي،
گهنڊڻي عجب! گهڙيال وقت سر جي وڄائي،
ڇو چئون: ”عمر هن ريت وڃي وهندي اجائي؟“
اونده جي گهڙي لئه ڇو سهائي کي وساريون؟
ناحق ڇو وندرگاهه ۾ گوندر ۾ گذاريون؟

( ٤ )

زاهد تــو جڏهن جهد جفائون ۾ جپ ڪري،
سورهيه جي اندر جنگ جو پارڻ ۾ پيو پري،
ڇو ڪين اچي خيال موت جو ذري ذري؟
مقصد تو پڇي وهم انهيءَ کان پري پري.
جاڻون ٿا ڇڏي ويندا سون ڪنهن وقت هي جهان،
پر اڳ مرڻ کان ڇو رهون غمگين ۽ پريشان.

( ٥ )

بيٺو جو ڪلب برج آ درياهه ڪناري،
هيٺان جهنجهيجي نانگ اگر چال پيو ماري،
هاري همت فقط ڏسون نيڻن سان نهاري!
ڏچندي بلا کان ڇو ڇڏيون ميوي کي وساري؟
هي زندگي آ امر تي درخت مثل، مگر،
مورک جي نظر زهر ۾ ڪپي تي سراسر.

( ٦ )

گهر ۾ جا ٻتي ڪاڄ هوا جي تي ٻري ٿي،
نت سوجهري سان جاءِ سموري کي پري ٿي،
جهوٽي هوا کان پار وسامڻ جا ڪري ٿي،
ڪنهن کان ٻه گهڙي موت جي ڪنهن پر نه ٽري ٿي.
هٿ سان هوا جي خوف کان پرندي ڇو وسايون؟
جيوت جي جوت موت کان ڇا لئه ٿا ٻجهايون؟

( ٧ )

توکي نه ڪمي آهي ڪا ويسن ۽ وڳن جي،
چولي تي مگر ياد اچي توکي ڪفن جي!
خلعت تو ڏکي آهه ڇو وهمن ۾ خفن جي؟
ڳٽي ڇو ڪجي پينگهه ۾ اوڏن ۾ لمن جي؟
ڪرڻن ۾ لڪل شمس کي ڏس تون نظر ڪري،
اونده جو تڏهن پردو تي ’فاني‘ پري پري.

## توکي ڇا ڇوان ؟

( ١ )

ڏسان تــوکــي نہ ٿو ساري جڳت ۾ ،
ڇــون هستي تنهنجي ساري امت ۾ ،
ســچـــو سنسار آ ســکــٽـــي صفت ۾ .
نہ تو ۾ خود پسائڻ جـــي ڪا هستي !
رکيو ڇـــا بـــاقـــي آ تو بي همت ۾ ؟
توکي ڪانئر ڇوان يـــا بهادر ڇوان ؟

( ٢ )

جڏهن پاپن جـــو بدلو پاپ ڏئين ٿو ،
نہ ڪنهن سان ڪا، رياداري رکين ٿو ،
ڪئي جو ڦل اگيان سڀ جي ڌرين ٿو .
تڏهن تـــوکـــي ڇئون ڇـــا لئہ ديالو ؟
جو اپرادي ڏي تون مائل نہ ٿئين ٿو ،
توکي عدلي ڇوان يا مان فضلي ڇوان ؟

( ٣ )

وڻـــي توکي بہ پنهنجي ساک استت ،
رهي اسستت ڪنڌر تي تنهنجي رحمت ،
نہ سمري توکي، تنهن سان تنهنجي ڪلفت ،
جڏهن تنهنجي خوشامد بـــنـــد ٿيندي .
تڏهن رهندي تنهنجي ڪهڙي طبيعت ؟
توکي پيدي ڇوان يـــا اپيدي ڇوان ؟

( ٤ )

نڌر آڪاس ڏي اکڙيون کڻي تو،
ٿڪر روٽيءَ جي لئه هٿڙا هڻي تو،
توکي شايد سندس رودن وڻي تو.
جي تون گنج بخش آهين روزي رازق!
ته ڇو تنهنجي نه ڳڻتين جي ڳڻي تو؟
توکي تنگدل چوان يا سخي دل چوان؟

( ٥ )

اجهو وڏوا تي دل ڏاري پڪاري!
هنجون هيءَ هيءَ ڪيو ٻيوه ڪيئن نه هاري؟
ڪسيو تنهن کان ڪسم ڪهڙي هچاري؟
اما سچ پچ جي تنهنجي آهي حرڪت.
ڇڏيندي توکي آهسن سان اڏاري!
توکي ظالم چوان يا مان راحم چوان؟

( ٦ )

جي هرڪو پاڻ ٿو قسمت کي ڏاهي،
خود ڏي تقدير کي ڏاهي ۽ ڏاهي،
مرڻ جيئڻ دمن ڪرمن تي آهي.
ته باقي تنهنجو ڪهڙو آهي ڪرتب؟
تنهنجو پيرو هتي آهي يا ناهي؟
توکي حاضر چوان، غير حاضر چوان؟

( ٧ )

اسان تي تون اگر آهين نگهبان،
تہ پاڻ کان بچائين ڇو نہ نادان؟
نہ ڪاسائي، نہ ٻڪريءَ تي مهربان،
بتائين ڇو نہ راهہ تا ٻي کان اڳ ۾؟
جو پوءِ پڻ ڪين ٿئي پاڻي پشيمان!
توکي سياڻو چوان يا اياڻو چوان؟

( ٨ )

ٻڌايو آهہ تو ڪنهن شيءِ کي ڪامل ؟
ڪيو تو نقص آ هر شيءِ سان شامل ،
جو پورن شيءِ نہ جوڙي ڪيئن سو ڪامل ؟
مرگهہ ۽ چنڊ جي سوپيا ٻي آرام ،
سکي جاهل ، ڀئي عالم ۽ عامل !
توکي پورن چوان يا اپورن چوان ؟

( ٩ )

بهاريءَ جا ڀي تي ڏينهن عيش وارا ،
پون پيا ڏينهن مڙيئي گرميون ۽ پارا ،
پتا آهين تہ ڪر تون لال پيارا .
سکن جي هڪ گهڙي، دک چو وڌائين ؟
جي تنهنجي ڏور ۾ سورج ستارا ،
توکي دويشي چوان يا هتيشي چوان ؟

(١٠)

چون: ”سنسار سارو آهي“فاني“
نہ رهندي ڪنهنجي پر لئہ ۾ نشاني ،
تہ باقي تون ڪندين ڪٿ حڪمراني ؟
اسان وياسين تہ تنهنجي صاحبي پڻ ،
عدم جي راهہ ڏي ٿيندي رواني ،
توکي ”فاني“ چوان، غير فاني چوان ؟

---

# تنهنجي ڳولا!

ڏسان تو سرشتي جو ساز سارو،
پسان تو جڳ جو سڄو پسارو،
جتي تنهنجو نالو جيءَ جيارو،
ٻڌان تو سڀ جو آهين سهارو.
مگر ڏٺم توکي ڪين دلبر!
ديوانو تو لئہ ڦران دربدر.

( ٢ )

ڪٿي مان تنهنجو نشان ڳوليان؟
ڪٿي تنهنجو آستان ڳوليان؟
آجلن تي ٻئي جهان ڳوليان،
ڀيو ڪهڙو مخفي مڪان ڳوليان؟
مليو نہ ڏس تنهنجو بستي بر ۾،
لڪو تون ڪٿ آهين ڪهڙي گهر ۾؟

( ٣ )

ڏٺم هزارين ئي گل چمن ۾،
اٽڪت تارا ڏٺم گگن ۾،
لنگهي مان ساڌن جي ويس صحن ۾،
سون توکي ڳوليو رشي پون ۾.
مگر اڪارت ويو سڀ ڪشالو،
نہ ڪوئي اوندهہ ۾ ٿيو اجالو.

( ٤ )

مون ڳوليا محلات شاهوڪاري،
جو سيٺ سمجهيم تي توکي پاري،
وچائي وئرت مون ڪوچ ساري،
ڏري تي اڪين تان انڌڪاري.
مون ڳوليو ناحق تي ڪنجن ۾،
ملئين تون ديِنن جي جهوپڙين ۾!

(٥)

مون مفت مندر ۾ ڏونڊيو ڏوليا!
پيچن ۽ سنگيت گهر تي ڦوليا،
ٽڪاٽا، ديول ۽ ٿان ڳوليا،
تو لئه مقدس ڪتاب کوليا.
مگر تون درديءَ جي آه ۾ ٻڌجي،
سڏيو نماڻي نگاهه ۾ ٻڌجي!

(٦)

مون سور ٻيرن جون ڳوليون جايون،
پڇايون مون پيم جون ڇتايون،
مون ڳوليون سهراب جون سرايون،
پڇائون ٻجرنگ جون ٿيون اجايون.
مگر تون چمڪئين سڪن هڏن ۾!
تون گانڌي جي هئين نٻل بدن ۾!

(٧)

مون توکي شهزور سمجهيو سائين!
جو شاهه شاهن جو تون سڏائين،
تون حاڪمن تي حڪم هلائين،
دنيا جو چرخو عجب چلائين.
مگر تون محتاج ٻڌجي گهر گهر،
تون سيٺ سيٺ جو، پڻين ڇو دردر؟

(٨)

ڏٺيون مون سهسين سهاڳ واريون،
سجاڻ ناريون سهاڳ واريون،
گهٽيئي مينڌي مساڳ واريون،
ڪي چتر چت چور، چاڳ واريون.
مگر تون وڏوا جا لڙڪ ٻڌجي،
ڇو تنهنجي چپرن مان نڪتين ڇڏجي؟

(۹)

رکيم گهٽي عارفن سان الفت،
وٽي ٿي سياڻن جي مون کي صحبت،
مگر اياڻن تي تنهنجي رحمت!
نه جن ۾ طاقت، نه جن ۾ لياقت.
وسين تون موکن جي مجلسن ۾!
هسين تون موڙهن جي محفلن ۾!

(۱۰)

تو لاءِ شيرن جي غار ڳوليم،
بيا نهر هاٿي هزار ڳوليم،
گهٽيءَ ئي چرندن جا چار ڳوليم،
پچيءَ، پرندن جا پار ڳوليم.
پرين! تون ليکن ٿي پير واهي،
ڪيئن ٿي ڪولي سان سربراهي!

(۱۱)

گهمايا تيرٿ ٿي تات تنهنجي،
اصل ڪان وائي هئي وات تنهنجي،
لڳي ٿي لونءِ لونءِ ۾ لات تنهنجي،
سڄڻ! سڃاتم نه ذات تنهنجي.
مون پاڙ کي ڪين ٿي پسايو،
پنن تي پاڻي وڃم اجايو.

(۱۲)

مون کي ڪيو دنيا جي شور ششدر،
مگر تون محرم! ٿئين منهنجو رهبر،
ٿيو دل ۾ پرڪاش تنهنجو دلبر،
اندر ۾ ظاهر ٿيو نور انور.
کلي جڏهن منهنجي گيان جي اک،
ٿي بند "فاني" گمان جي اک.

---

# سورج

[خيال جي اڏند ڪٽوليءَ تي آسمان جو سير]

(۱)

منهنجي دنيا جو نرالو آهه نالو ڪاروبار،
عرش تي منهنجو منارو آ اڪيليسر اپار،
منهنجي جلوي جو سڄي جنسار ۾ آ چمتڪار،
مون کي ڪنهنجو فڪر ڪونهي ۽ نه ڪنهنجو انتظار.
منهنجي بستي منهنجي هستي منهنجي مستي بي مثال،
منهنجي رتبي مان ٿي روشن آهه قدرت جو ڪمال.

(۲)

ڪونه ڄاڻي ڪو منهنجي ابتدا يا انتها،
آءٌ اول آخر جي آهيان بند ڪان آجو سدا،
منهنجي غنچي ۾ لڳي ٿي هير هردم بابقا،
منهنجي هستي غير فاني حسن منهنجو لافنا.
منهنجي دم سان سبز ٿيو خود آهه گلشن فرش جو،
دور ديسي، گرچ، رهواسي مان آهيان عرش جو.

(۳)

منهنجي ويهڪ ۽ بلندي جو نه آ ڪاٿو شمار،
آءٌ مگر آرام جو هرگز نه آهيان طلبگار،
ڪار پنهنجي ڪان ڪڏهن مون کي نه ٿيو آهي ڪو عار،
پر دنيا وارا هٿن جي هاج ڪان ڪن ڇو ڪنار.
هاج پنهنجي ۾ محو هر چيز قدرت جي رهي،
زير بالا ڇونه مقصد خودبخود لوڇي لهي.

# ڪوئيٽا جو قهري زلزلو

(١)

ڪريان ڪهڙو ارمان جو داستان؟
ڪٿي جنهن ڪان تر تر تو سارو جهان،
انهيءَ درد ڪان تنگ ٿيا منجهه زبان،
ڏهي ڪين نيشن جو دل تان نشان.
پڏي حال دردين جي حسرت سندو،
رهي تو ڪليجو سدا ٿڙڪندو.

(٢)

غضب هاءِ ڪهڙو ٿيو ڪوئيٽا اندر!
گهڙي ڪن ۾ شمشان ٿي ويو شهر،
ڪيو هاءِ قدرت تو ڪهڙو قهر؟
ستو سور جن ناگها سربسر.
او بي رحم! تو ڪونهه ڪو قياس ڪيو،
تو لحظي ۾ شاهي نگر ناس ڪيو!

(٣)

جڏهن هاءِ بنگلا ڪريا بي خبر!
ٿيو آهن ۽ دانهن جو برپا حشر،
انڌيري ۾ آيو نه ٿي ڪو نظر،
پٿرين جي ٿهي ڪيئن ڪفن ري قبر!
ڇڇرجي ۽ ڇيپاٽجي پال ويا،
ڇڏي گود پي گود ۾ لال ويا.

(٤)

اجڙ ٿي ويا هاءِ غريبن جا گهر،
رلن راهه ۾ دادلا دربدر،
گهٽين ۾ گهمن ٿا نماڻا نڌر،
روئن ڳوڙها رت جا سي شام و سحر.
رهن روڄ راڙي ۽ ورلاپ ۾،
گذارن ٿا سڏورن ۽ سنتاپ ۾.

(٥)

وڃائي ويچارا آيا جان مال،
ٻڪن ۽ ڏکن کان ٿيا ٻچڙا بيحال،
عزيزن جو اڪئين ڏسي انت ڪال،
بچڻ پڻ انهن جو ٿيو آهي محال.
وڇوڙي ۾ تن جو اندر ويو ڳري،
هو جيئري ئي مڙدن مثل ويا مري.

(٦)

ڏکي توتي ڀوڪمپ! ٿو آسمان،
ستارا ٻه توتي ٿيا ڪمپائمان،
لڪين تو ڪهايا ڪيئي بي زبان،
سرشٽي! تون سڏجين ٿي ماتا سمان.
مگر تو ٻچن سان ڪيو ڪهڙو انڌير!
ڳجهن کان پٽايو تو ڏونڊن جو ڏير!

(٧)

دلاسو ڏيندو دردمندن کي ڪير؟
ڏيندو پيار ابهم يتيمن کي ڪير؟
لڳائيندو سيني اڏينن کي ڪير؟
ڏيندو ڏڍ ڏکين ۽ غريبن کي ڪير؟
ڏيندو ڪير دلڏير دلگير کي،
روئي ٿو جو هيءَ هيءَ ڪيو تقدير کي!

(٨)

اڃا هٿ ٻڄهي ٿي هي وڏوا جي آه!
نمائين اکين مان ڪڍيو جنهن درياه،
نهاري پٽي جي جا شب روز راه،
ٿيون افسوس! جنهن جون اميدون تباه.
اپاڳڻ ٿي سختيون ۽ صدما سهي،
جڳت ۾ هو ڪنهن جي سهاري رهي؟

(٩)

توکي دل ۾ پر لئه جي وائي وٺي،
ولهن جي مگر تو نه قادر ڳٺي،
بچايئه نه جن جو ڪو وارث ڏٺي،
اڃهو خون اکڙين منجهان پئن ڇٽي!
هو سنسار ۾ ڪنهن جي تاري تڳن؟
رڳو رات ڏينهن جي رئن ۽ رڙن!

(١٠)

او پونچال! رت رنگ لائي ڇڏيئه،
وڃهي ڪرت ڪونڌر ڪسائي ڇڏيئه،
ڇو آباد بستي ڦٽائي ڇڏيئه،
تونگر به در در پنائي ڇڏيئه!
ٿي مالهي پٽيئه گل ڇو گلزار سان؟
وٺيو ڇا تو قدرت! ڪڏيءَ ڪار سان؟

(١١)

لڳي اڄ نه ڪوئيٽا ۾ ٿڌڙي هوا،
جو ٿهڪن گرم خون جا آت تلاءَ،
جڏهن پرٿوي پاند رت سان پريا،
وسيو سوز ڪان مينهن رت جا ڳڙا.
انهيءَ خون ٿڪرن ۾ ڪيو ٿرٿلو،
وڏو زلزلي چوطرف والو والو.

حياتيءَ تي ڪهڙو ڪجي اعتبار؟
مگر اوچتو هيئن نہ ڪڙڪي ڦهار،
صدين جون اميدون ٿيون شر جو شڪار،
اجل اوچتي ڪان ٿيو غم جو غبار.
حقيقت ۾ انسان مهمان آهہ،
اي "فاني"! ٻيو تنهنجو غلط ڌيان آهہ.

# ناري

قدرت تي سگهي ڪين ڪٿي پاڻ لڪائي،
صورت ۾ سگهي ڪين اسنگن کي سمائي،
پنهنجو ئي فقط پاڻ کي ڪيئن پاڻ پسائي،
ناريءَ جو ڏکي ويس لٿي بيڪ بڻائي.
پرلئہ تي ڦريو پرش بہ اونده ۾ اڪيلو،
شردا سان ٿيس شانت ۽ ايڪانت ۾ ميلو.

جرڪڻ لڳي جذبن جي ڪرامت ڪان ڪائنات،
ناري ۽ پرش جي ملي سنسار کي سوغات،
گلشن ۾ اچي گل جي ٿي بلبل سان ملاقات،
هٻڪار ڀري پرهم جي پراڻن ۾ ٿي پرڀات.
پرزور پرش شڪتي سان ناريءَ جو مليو نينهن،
بادل سان ملي بجلي محبت جو وسيو مينهن.

ڪا گهرج گلستان کي هئي بادِ صبا جي،
ڪا حسن کي حاجت هئي هٻڪار حيا جي،
هئي پيار جي سنسار کي درڪار وفا جي،
جاڳي ڪا ڪشش موهہ ۾ ممتا ۽ ميا جي.
نيرس حياتي نار بڻائي آ رس ڀري،
جوڙي ڇڏي جهان جي جيوت آ جس ڀري.

ناري آ ڪٿي لڪشمي يا سرستيءَ جو روپ،
ڪٿ ڌرم ۽ ڌيرج جو ڪٿي ڌرتيءَ جو روپ،
ڪٿ دروپتي سيتا ستي درگاوتيءَ جو روپ.
چمڪن ٿا هن جي گود ۾ هيرا ۽ جواهر،
فنڪار فيلسوف علم عقل جا ماهر.

مشڪي ته هن جي مشڪ تي مشڪي ٿو گلستان،
روئي ته پيچي ٿو پوي ٻوندن ڪان بيابان،
هن جي ئي قرب تان ٿيا قربان هئي جهان،
هر مند کي ٻهار بڻائي ٿي بيخزان.
صفتن ۾ هو سرشٽي جو سرتاج ٿي سڏجي،
افسوس مگر مرد جي محتاج ٿي سڏجي.

چاهي جهان ۾ هو جيڻ ٿي نه جيڻ لاءِ،
صدما ٿي سهي مرد سان همدرد ٿيڻ لاءِ،
امرت تجي ٿي زهر زماني جي پيڻ لاءِ،
چاٽي نه وٺڻ ڏيندي ئي رهندي آ ڏيڻ لاءِ.
خدمت ڪان هو محتاج نه ممتاز ٻٽي آهه،
ڪومل آ مگر هردي ۾ هيري جي ڪٽي آهه.

—

## ٻالڪ

چنڊ منجهان چانڊاڻ ڪٺي،
شفق منجهان لالاڻ ڪٺي،
شبنم مان آلاڻ ڪٺي،
مکڙي مان سرهاڻ ڪٺي.

قدرت جوڙيو اڏيت روپ،
سهڻو سوڀياوان سروپ.

پرڪرتي خود ٻار ٿي،
پنهنجي اک کي پاڻ وڻي،
سرڳ جو آئي خواب ڪٺي،
تارن جو پيو نور ڇٽي.

موهه ۽ ممتا جهول جهلي،
عرش تان ابهم آيو هلي.

ٻالڪ جون ٿي مٺيون بند،
مٺين اندر سونهن سڳند،
فرض ڪٺي آيو فرزند،
آس رکن ٿا آسروند.

ساڪ سپيءَ جي موتي ٿيو،
جڳ جي جيون جوتي ٿيو.

جهيل تي ايريو ڪنول ڪڙي،
اوگڻ پيا چو طرف چڙي،
معصوميت تي آيا مڙي،
جيوت سان پئي جنگ چڙي.
شور مچايو شوق شباب،
سامهون آيا عيب ثواب.

مکڙي پوش ڦٽي تي گل،
واس ونڻ لئه تي ويا ڪل،
بلبل جي لئه شوق شغل،
پيو چمن ۾ هر هنڌ هُل.
معصوميت جي مهڪ مناس،
هڙپ ڪري ويا حرص حواس.

—

## ٻئجو ٻاڙورو

( ١ )

هماليہ جبل جي ٻغل جي اندر،
هير چئن ساڌن جو ايڪانت گھر،
نہ سنسار جو سک نہ ساٿي سمر،
هر گوشي ۾ ڌن جو پون تي گذر.
ٻچن ڪي نہ ٻوڄن سندي سار هئي،
سدا ڪرت ڪرتار جي ڪار هئي.

( ٢ )

رشين ڇيو تہ ڪنهن ڏينهن ڪجي ڪو رٽن،
ونڊيون عام ۾ نام روپي رتن،
رکيو موڪش پد ناهہ ٻگتي ٻڄن،
ڪجي صاف ٻندن سندو پرشٽ من.
سفر لئہ سنياسي ٿيا تڙت تيار،
هيو تن سان ڇوٽون شيواڌار ٻار.

( ٣ )

گدي۔دار اڪبر شهنشاهہ هو،
دنيا جي تہ ڌنڌن ۾ داناه هو،
منجهس راڳ جو ٻڻ اتي چاه هو،
جو ڏيندو سريلن مٽان ساه هو.
ڪيو گهر سندس تن اندر تانسين،
گوئيو ٿيو اڪبر جي نينن جي چين.

( ٤ )

ڪلاونت کي راڳ تي ناز هو،
عجب هن عطائيءَ جو آواز هو،
سندس سرس سلطان سان ساز هو،
ڪٿي هٿ ڪندو شاه سان نياز هو.
ڇوي سو ٽئي ۽ منگي سو ملي،
حڪم سان هماليہ جو پربت هلي.

( ٥ )

گوئيئي سلطنت ۾ اعلان ڪيو،
ڳلي تي ڳهيلي ٿي ايمان ڪيو،
دخل ذات-عرشي تي انسان ڪيو،
پنهنجي فوقيت سان هي فرمان ڪيو!
تہ ”جو سُر ڪڍي تنهنجو سر گهات ڪيو،
جو مٽ منهنجي ناهي دنيا ۾ ڪو ٻيو“.

( ٦ )

سيلاني اچي آگره ۾ رسيا،
هري ڪيرتن ۾ ٿي هردم هسيا،
سنڌن ڪيس گوڏن مٿان ٿي گسيا،
سرشٽي جا تن ٿي نظارا پسيا.
ويا وات تان شبد-ور ڪا ڪندا،
سڙيا سيڙ چوگرد ماڻهن سندا.

( ٧ )

هئي مالڪن کي نہ ڪا سڌ خبر،
تہ هت راڳ وارن کي رسندو ضرور،
گوئيئي کي ڏاڍو ٻڌي ٿيو ڏمر،
اچي ڪر منڊلين تي ڪڙڪيو قهر.
حڪم ٿيو تہ ساڌو نظر-بند ڪيو،
غريبن جو غم ۾ سڪي ساه ويو.

(٨)

ڏسي ڏهن سالن جو معصوم ٻار،
ٿـي اڪبر جي دل درد ۾ گرفتار،
چيائين تہ سهندو تڏون ڪيئن ترار!
گوئيي ڪي جاڳي ديا دل منجهار.
ڇڏي ٻار، ٻيا ٿي کهايا ويا،
نہ نردوش نانگن تي ٿي ڪا ديا.

(٩)

ٻچيو هاڻ باقي ٻچو بانورو،
سندس سرخ نيڻن منجهان رت وڙهو،
ڳورن لئہ پڪاري روئندو رهيو،
نڌر کي نہ هو ٻيو اجهو آسرو.
سندس دل اندر شوڪ شعلا ڪڍيا،
انهي سوز سياهي ٿي آنڊا وڍيا.

(١٠)

ٻري سوز سڏڪا ٿي ٻالڪ سڏيو،
پتاجي! ڇپر ۾ نہ ڇورو ڇڏيو،
ڳورو! پاڻ سان پنهنجو ڳولو ڳڏيو،
اجڙ دل، ڏيئي درس منهنجي اڏيو.
وسوڙو وڻن جي وڻي واٽ ويو،
رڙي روئي ڪنٽيا ۾ ڪوندر ڪريو.

(١١)

سندس روج تي چنڊ ٿي هئين ٻيڙي،
اڪيلي ڏسي جهنگ ۾ جهوپڙي،
سندس داغ دل جو ٻيو ويتر ڪڙي،
پريشان نيڻن ۾ اوندهہ گهڙي.
ڏهوٽي ٿي ڏوٽي ڪان تابش تڪي،
لڳي زندگي ڪيس ڪاري ڪڪي.

(١٢)

اڇي ڪيئن قسمت ڪري ڪي قرار!
تي آڪاس، پاتال جي پڪار:
گورو جي! ڪيو سورن سڄهيل جي سنڀار،
ڪندو ڪير سنسار ساگر مان پار؟
ڏيندو ڏڍ نڌڻڪي نماڻي کي ڪير؟
پڇي پيو اوهان-در وڪاڻي کي ڪير؟

(١٣)

هيو درس لڇمڻ داس دائم اداس،
وٺيو ڪين سنسار يا تي سنياس،
اکيان ۾ پنيان هئي اندري اماس،
ٿيو غمناڪ دل چاڪ نرٻل نراس.
ٻڌي ڪوڪ ڪا شنڪرا نند رشي،
اچي ديں ٻالڪ جي حالت ڏٺي.

(١٤)

رشي ڪيس هن حال تي ڏڍ ڏنو:
سدا ديو-پاٽي تي رهجي پنو،
ڪري ڪين ڪرتار ڪنهنجو ڪنو،
دنيا ۾ نه آهي ڪو ڇورو ڇنو.
هو سڀ جو سهائي آ سڀ جو پتا،
رکي دويش ڪنهن سان نه ٿو ديوتا.

(١٥)

اچي هيانءَ ويتر پڳل جو پريو،
وڏڪ ٻار جي دل ۾ ٻارڻ ٻريو،
مگر ڪين واڍوڙ جو تپ ٺريو،
پوءِ ساڻو تي سامت ۾ ڏيرج ڌريو.
رشي نام-اوڪد ڏيئي ڪيس چيو:
”ٻچا! هل منهنجي گهر نه ڪر خيال پيو“.

(١٦)

ڏسيان توکي اهڙي تو پر ٻل وديا،
جو دشمن جو ٿي ڏڙ مسي کان جدا،
هي شستر آ شترو لئه گهاتڪ صفا،
انهي لاءِ پر گهرجي جهري جفا.
تپسيا هلي ڏهه ورهيه گهور، گهور!
مگر آهه تو کان ڪٿن زور، زور!

(١٧)

گروجي! ڏسيو راهه ٿيو بي فڪر،
اچي ٿو نه اندي کي ٻيو ڪجهه نظر،
پٿر آهه دل، آهه سينو سپر،
سچي جان ٿئي پل ٻليدان پر.
فقط دشت جو ڌوڙ ۾ ڏڙ رلي،
تڏهن منهنجي دل جو ڪنول گل کلي،

(١٨)

ڏسي جوش مشڪي چيو مهرشي:
"سلي پتر توکي رڏي ۽ سڌي!
رشين جنهن سبب موت جي نِڪ سٺي،
اهائي تون سهجي وديا وٺ سکي.
اٿيئي آس آسيس منهنجي اها،
ٿئي موپ شل توکي حاصل ٻچا!"

(١٩)

ستايو نه خفتي کي ٻئي ڪنهن خيال،
رڳو رات ڏينهن راڳ ۾ نو نهال،
هو هر دم بي آرام عنقا مثال،
"ڪڏهن آءٌ ڪندس هن ڪلا ۾ ڪمال!
ستت شال پوري ٿي من جي مراد،
جنهين لئه ٿو جهاڳيان جهاڳ ۽ جهاد"،

(٢٠)

ويو وقت وهندو وٺي پنهنجي ڊار،
زماني ڏٺا ڏه خزان ۽ بهار،
ڪي آيا ويا، ڪي گهٽيا منجهه چمار،
گهٽيو ڪن جو سڪ ۽ گهٽيو ڪن جو بار.
مگر تانسين جو نه گيرب گهٽيو،
هٽيلو نه هرگز هچا کان هٽيو.

(٢١)

سکي هاڻ بالڪ ٿيو هاڻڪ هوشيار،
ٿيو گوندر مان گائڻ وديا جو پنڌار،
هو هڪ سوز سر ۾ پيو لڻ ۾ لغار،
سلي درد دل سان سريلي ستار.
ڪيو راڳ ۾ اهڙو ڪامل ڪمال!
رشي جي ٿيو نظرن ۾ بيشڪ نهال.

(٢٢)

رشي جي اکيان ڪئي بجو وينتي:
ڪيو مهر مون تي اناٿن پتي!
آتي آ اوهان جو پنل برڪتي،
رهي منهنجي دل ۾ نه چنتا رتي.
وڃان آگره هاڻ آگيا ڪريو،
ديالو! ديا درشت مون تي ڌريو.

(٢٣)

رشي چيو: ٻچا پل وڃي راڳ ڪر،
ستارن تائين پل بلند پاڳ ڪر،
مگر وير ۽ وروڌ جو تياڳ ڪر،
نه بدنام، شب نام 'ويراڳ' ڪر.
وسائين چڏ بغض جي باه کي،
نه کٽ جوش کي جيء ۾ جاءِ ڏي.

( ٢٤ )

ٻڌي گيان گور جو وسامي ويو،
سندس هوش هيڪر اڏامي ويو،
اميدن جو روشن اجهامي ويو،
وسو تي اتل انتقامي ويو.
هو دل ۾ رشي - استدعا جو ادب،
مگر سر اندر هو غضب جو غضب.

( ٢٥ )

فڪرمند دم دم تي فرياد ڪئي،
اها شڀ گهڙي تي سدا ياد ڪئي،
مگر گور - وچن آس برباد ڪئي،
سندس ناٿ، استاد ارشاد ڪئي.
ڏٺيءَ جو چيو ويـر چشمن ڏري،
هليو آگره ڪام ڪامل ڪري.

( ٢٦ )

رکيو ساز تي هٿ اچان بانوري،
سکيو سوز دل جو نہ قابو ڪري،
ويا ورلاپ جا تير پکڙي پري،
پهاڙن جو خود پيو ڪليجو ڏري.
ٿي نيڻن منجهان نيتر - ڌارا وڙهي،
ٻڌي چت مٿان ويو تي چينڪ چڙهي.

( ٢٧ )

رڳن رقت انگيز آواز ڪيا،
پکين پنهنجا پرواز ۾ پر جهليا،
مڇيون مور مانگر مرون سست ٿيا،
ٿي جمنا جي جل سوز سڏڪا پريا.
پٿر ٿيا پٽلجي ٿيو بن بي آرام،
پڇن ۾ پڇي لين تي لام لام.

( ٢٨ )

منش آگره جا متعجب ٿيا،
سري مست ساڏوءَ جي ويجهو ويا،
لڳا ڪيس پڪڙڻ- نه پڪڙي سگهيا،
مگر پريم- وس خود پڪڙجي پيا.
مڙيا ميڙ ماڻهن سندا عام جام،
ويو بگڙي سڄي شهر جو انتظام.

( ٢٩ )

ٻڌي تانسن ويو تپي جڻ تنور،
ڪري سندي دل سڙي ٿي ڪلور،
مجازي جي سر تي هو غالب غرور،
نه ٿي خود پرستي سان شامل شهور.
حڪم ٿيو ته ساڌو ستت قيد ڪيو،
مگر ڪوبه ماڻهو نه سرڪي سگهيو.

( ٣٠ )

کليا خود خماري سندا ات ڪپاٽ،
لڳي شبد جي ڪيس اهڙي لپاٽ،
هٿيلي جي ويئي اڏامي آچاٽ،
بڪيو سنت جو ٿي لڪيٽو للاٽ.
گوئيي، گوئيي سان ڪئي گفتگو،
”آ ڪهڙي تنهنجي دل اندر آرزو؟“

( ٣١ )

چيائين: ”نه ڪو مال مايا کپي،
نه ڪا شهنشاهت جي ڇايا کپي،
نه ڪو راج يا ڪا رعايا کپي،
نه ڪا ڪامنا آ، نه ڪايا کپي.
فقط تنهنجي سر کي سزا وار ڪيان،
دکي دل کي آزار کان ڌار ڪيان.“

(٣٢)

حقيقت ٻڌي ڦهلجي ويو هراس،
اندر ۾ گهٽو ٿي ٿيو اڪبر اداس،
مگر تانسن ٿيو نه دل ۾ نراس،
نمرتا اگر ڪيو رڏي ۾ نواس.
ته پِي چيائين "جيتڻ آ مون کي محال،
نه مون کي آ جوهڻ جي ڪنهن کي مجال."

(٣٣)

اها رات گهٽتين ۾ گذري وئي،
صبح سان ساڌو تياري ڪئي،
ٿي ماڻهن جي دربار ۾ پيهه پئي،
ٿي ويئا هڪ ٻئي جي سامهون پئي.
اميرن وزيرن نوابن سميت،
سنگهاسن تي اڪبر ٿي ويٺو سچيت.

(٣٤)

وکي گهٽي پئي دوبدو وير ٿيا،
ٻنهي سوال گائن وديا جا پڇيا،
ٻڌو سڀ اتر ٻي فلڪ تي ڏنيا،
سڀي جنتا ڄڻ ڄڻ جا آواز ڪيا.
چيائون ته ساڌو آ بيشڪ بحر،
هئا هاڻ آلاپ لئه منتظر.

(٣٥)

ڪنئي جا هٿن ۾ سنياسي ستار،
اچي شبد جي پلٽ پلٽي اپار،
ٻڌي تار ٿيا دل جگر تار تار،
رهي سرت ڪنهن کي نه سرجي سنڀار.
لنگهي شبد-وايون وئي پن پن منجهان،
ٻگا مرگهه ٻي سرت ٿي بن منجهان.

(٣٦)

سپا ۾ گهڙيا ٻن پرستي اندر،
ڏسي مرگهه ماڻهن جي ٻستي اندر،
ٿيئي سست سدهوش مستي اندر،
ويئي وسمئہ گهڙي هرگرهستي اندر.
ڪنيو روح پيجل جو آڪاس ۾،
رهي سرت ساڇهه نہ ڪنهن سواس ۾.

(٣٧)

ڏسي مرگهه جي خود پچن- رنگ رتا،
لاهي هار پنهنجي ٻجو ڪنٺ جا،
ٿنهي کي ٿي گجرا گلن جا وڏا،
ڳلن-واس ڪان هرڻ سرجيت ٿيا.
ڏسي خلق جاڪوڙ چرڪي پيا،
وري جام 'جئہ جئہ' جا نعرا وڳا.

(٣٨)

رکي ساز ساڏو سنڀاريو سرير،
اجهل استتي تي هو گياني گنڀير،
ٿيا حيران اڪبر امير ۽ وزير،
ڏٺو تانسن جو ٿي ظالم ضمير.

(٣٩)

ٻڌي تانسن ٿيو تپي لعل لعل،
کڻي ساز، ڪئي بات بيشڪ بحال،
هيو هت مرڻ ۽ جيئڻ جو سوال،
هيو بن مان مرگهن جو موٽڻ محال.
ڏکي ڏرن اڪبر جي، ٿيو منتظر،
ڏسي دوست کي آزمائش اندر.

( ٤٠ )

گوئيءَ کا اهڙي ڪماليت ڪئي!
جنهن عمر جا ڪيائين ثابت سڀئي،
سڄي ساز تي پلٽ پلٽي چڙهي،
تي بيخود ويو ساز سان ساز ٿي.
حياتيءَ ۾ اهڙو نه ٿيو ڪو مثال،
جو اڄ تانسن تان سان ڪيو ڪمال.

( ٤١ )

ڪنهيو ٿي سندس جوش ڪان انگ انگ،
جفا ڪان پکڙ ۾ پيچي ويا پچنگ،
ٿيو آخر ڏرو اندرين جو امنگ،
مگر هرڻ هڪڙي نه ماري ڇلنگ.
گلي ۾ فقط خون باقي بچيو،
سندس ڪال نيڻن اڳيان ٿي نچيو.

( ٤٢ )

ٻچو ات وري ساز هٿ ۾ کڻي،
چڙهيو شبد ـ ٻيڪان اهڙو هڻي!
ٻڌي نير نيڻن منجهان پيو ڇڻي،
هي بگڙي ٻڌائڻ سان بيشڪ ٻڻي.
اچي هرڻ سا ڳيائي حاضر ٿيا،
وري سرت ۾ ترت واپس ويا.

( ٤٣ )

سماپت پريکيا جڏهن ٿي رهي،
ته اڪبر سنگهاسن تان آيو لهي،
سپا ۾ وئي پريم ـ گنگا وهي،
ڪيو سلطان سادو کي ثابت سهي.
چي ”سادو آ سنگيت ساگر اٿاهه“
تڪبر تڏهن تان جو ٿيو تباهه.

( ٤٤ )

ڏسي دوست دلبر جي جو ڪي ۾ جان،
ڏڪيو ڏيل اڪبر جو ڪرڙي سمان،
منگيو منت زاري ڪري جيئدان،
مگر ڪين ٿيو موم دل مهربان.
بجو چيو: ”مان پاڙيان اوس پرتگيا،
نه لوڏي سگهي اپش جي التجا.“

( ٤٥ )

پڌي نااميدي جو جوڪو جواب،
جلي جان اڪبر سندي ٿي ڪباب،
هلي ڪين هت حاڪمائو حساب؟
رڳو رنج وارو رڳن ۾ رباب.
خزان ٿي بهاري ڪي طعنا هنيان،
ته ايمان خانن جا خانا هنيان.

( ٤٦ )

هٿن سان تڏهن تانسن ڏيئي ترار،
جهڪايو ڪپائڻ لئه ڪونڌر ڪپار،
سڄي خلق هئي بي خبر بي قرار:
ته ساڌو ڪندو ڪيئن سر ڌڙ کان ڌار؟
سدا سنت آهن ديالو ديال،
مگر ڪروڌ مارڻ به آهي محال.

( ٤٧ )

بجو ڪين ڪا سائڪو ڪيو ڪرم،
هو رکڏو رشي آ شرم جو پرم،
تڏهن تانسن جي شڪي ٿيو شرم،
لڄا جا وڙها لڙڪ گونگا گرم.
ديا، دويش دل مان ڌڪي دور ڪيو،
وچن ويرڪي موڙي مجبور ڪيو.

(٤٨)

سپيا ۽ سراسر وري واهه واهه،
مچيا شڪرشه راڄ جا شهنشاهه،
چيائين: "گوئيئي جا بخشيو گناهه،
اوهان سنت آهيو ديا جا درياهه.
گنهگار آهيان مان پڻ خونخوار،
ڪميا ڪيو، وساريو انجا وڪار"!

(٤٩)

ٻڌي هٿ ادب جا شهنشاهه چيو:
"ويهي تخت تي پنهنجي سر حڪم ڪيو،
تہ سنگيت سڀ ڪنهن سندو ٽوڪ ٽيو،
اها عام ۽ خاص کي ڏات ڏيو."
سنگهاسن تي ساڏو چڙهي ڪيئن چنگار:
"رهي راڳ تي عام جو اختيار."

(٥٠)

وتي وير پوءِ واٽ وڻڪار جي،
لڳي لار ڪرتار جي پار جي،
رهي سرت ساچهه نه سنسار جي،
هئي يڪتار ۽ تار يڪتار جي.
جهليو ڪين ڪامل کي "فاني" جهان،
چڙهيو عرش تي سواس روبي و مان.

---

## چانڊني

( ۱ )

جوڀن اراولي جو ٿي ڦاٽو بهار ۾،
گُل ڪان ٻه سوائي هئي فلڪ خار خار ۾،
قدرت جو ذره ذره هو خوش تر خمار ۾،
مستي ۾ سجويت هئي سڄي مرغزار ۾.
سا بر متي جي نير سندس چرن ٿي ڌوتا،
پٿر سفيد سر تي ها ياقوت يمن جا.

( ۲ )

لهرين ۾ لڪل باد صبا جو هو ترانو،
گلزار ۾ ڪوئل جي صدا جو هو ترانو،
آڪاس ۾ آزاد هوا جو هو ترانو،
وادي ۾ ٻه قدرت جي ڪلا جو هو ترانو.
شاعر جي طبيعت ۾ هئي دريا جي رواني،
ڪنهن جستجو لئه جسم ۾ ترقي ٿي جواني.

( ۳ )

ماتر جي ڪلهي تي هيون جهانگين جون جهوپڙيون،
ڪڏ ڪيون ڪيئي ڪرڻ سان ڪکن تي ٿي ڪونجڙيون،
چا چا هون لٽائڻ لئه سرشتيءَ جون سوکڙيون!
پر پور هيون سال سان پاڳين جون پونگڙيون.
چپري هئي سير خان جي مشهور مڙين ۾،
سڪ سرس هيو محل ڪان ڪنڊن ۾ ڏيڻ ۾.

(٤)

گهر ۾ هو مير خان ننڍڙو نويڪلو،
گويا سڪل درخت هو ٻرپٽ ۾ هيڪلو،
مشڪل هيو اُٺ تڻ سان اڪيلو مقابلو،
سانڍڻ ٿيو ڪٺن ساهه ۾ سُورن جو سلسلو.
لاچار وندر لئه ٻه ٽي ٻڪريون وٺي آيو،
ڪيئن ماس پرائي کي ناز سان ٿي نپايو!

(٥)

ٻڪرين سان نرالي ٿي پئي رونق سڄي گهر جي،
گهٽي نه رهي ڪا به سندن قوت گذر جي،
ماڙ تي هئي مهر جا قدرت جي ڪڪر جي،
سر سبز چراگاهه اجهل پوک پڌر جي.
حيوان جي صحبت ڇڏيا انسان ڀلائي،
ويو صبح جو ڪاهي، اچي سانجهيءَ جو ورائي.

(٦)

مسجد کان وڌڪ واڙ هئي ٻڪرين جي ٻڌڻ جي،
جرئت نه هئي ذري کي به لانڍي کان لنگهڻ جي،
ڪنهن پر نه هئي وات ڪا ٻونگيءَ مان ڀڄڻ جي،
ليڪن هئي عادت منجهن آزاد رهڻ جي.
چارڻ تہ گهڻو چاهه سان تن کي چرايو،
افسوس! مگر ڪين ڪو لايو ٿيو سجايو.

(٧)

هڪ ڏينهن ويو ٽڪريءَ جي وراڪن ۾ سج لهي،
ڪارنهن جو ٻوت عرش تي ڏهه ٻهه ۾ ويو ڏهي،
هي وجهه وٺي ٻڪريون پيون ٽڪريءَ جي پر رهي،
هونءَ رات انڌيري کان سي ويندون هون نت ڏهي.
ٽپڪيون هٽي پن پن ۾ مير خان ٿي ڳوليو،
ناچار نماڻي گهڻو ٻچڪار سان ٻوليو.

(٨)

گهر موٽندي هر هر ٿي سندن وات نهاري،
پونگي ۾ هي چوطرف مساڻن جي انڌاري،
دم دم ٿي پيس ياد سي، وائي نه وساري،
وهمن ۽ وچارن ۾ سڄي رات گذاري.
ڇا ڪون رنيون ماٽي منيون بدبخت جي گهر ڪان!
موٽيون نه وري ماڳ تي هاءِ! ڪهڙي ڏمر ڪان؟

(٩)

ٻڪرين ٿي ٻڌو هر گهڙي آواز اچڻ جو،
پر پهه ڀڪو هو پرن تان پٽڻي نه هٽڻ جو،
سانگو نه گهٽيائون ڪو ٻلائن ڪان بچڻ جو،
ٽڪريءَ ۾ ٽڪاڻو هيو ناهر جي رهڻ جو.
چارڻ ڪي انهيءَ قهر جي اڳ ۾ ئي خبر هئي،
هر روز ٻڌارين تي سندس تيز نظر هئي.

(١٠)

ڪا شيءِ نه رهي ڪال جي احوال ڪان واقف،
ناهه ساهه، هن سرير ۾ خود حال ڪان واقف،
ٻڪريون ٻه هيون ڪينڪي برحال ڪان واقف،
جو ڪي وهيٽي جان جي جنجال ڪان واقف.
آفت ڪي ڏسي اوچتو واهر انهه رت رڙيون،
بي سرت بي خطا وڃي ناهر جو ٻڪ ٻٽيون.

(١١)

جيئن باک ڦٽيءَ جو وڃي هيءَ حال ڏٺائين،
پٿرن تي ڪريل خون جي قطرن ڪي رنائين،
گويا غضب جي آگ تي پاڻي ٿي وڌائين،
تنهن ڏينهن ڪان وٺي دل سان اهو عهد ڪيائين.
هڪڙين ئي وڌو آهه ڏلاون ۽ ڏکن ۾،
بس هاڻ ڇٽل جان ڪي ڏيندس نه ڏجهن ۾.

(١٢)

ڪجهه ڏينهن انهي قول جي ليڪي ۾ لنگهي ويا،
ارمان جو رڳ رڳ ۾ مگر روڳ بڇي ويا،
دک درد هيڪلائي جو، ليڪي ڪي لٽي ويا،
آخر انهيءَ انجام جا سڀ خيال ڇڏي ويا.
گوشي ۾ گذارڻ به ڪٿي آهه دنيا ۾،
سنگت کان سوا پينگ، پون آهه دنيا ۾.

(١٣)

آخر ٿي پيو تنگ تنهائيءَ جي گذر کان،
واقف هو مگر ڏاڪرو پڪرين جي اثر کان،
چيلي وٺي ايندس، جي ڪنهن نزديڪ شهر کان،
ڏيري به پالي آهه، سپر مال، نثر کان.
چيلي به هئي سٺي، آيو وٺي، ملهه به سٺو هو،
جنهن جو نه اچا ڪير پڇي واچن کان سڪو هو.

(١٤)

جيئن 'چانڊني' چارڻ هو رکيس چوچ مان نالو،
تحقيق سپر تيئن هئي اوندهه جو اجالو،
چارڻ سان هيس ناز ۽ رس راض نرالو،
ليليءَ سان ڪيائين گهڻو ڪوشش ۽ ڪشالو.
چڻ پيت جٺيءَ ساڻ محبت ٿي ڪيائين،
ڏينهن رات سندس ٽهل ۽ خدمت ٿي ڪيائين.

(١٥)

وهه! چانڊني لئي خان عجب باغ بڻايو،
پنهنجي هٿن سان رس پريي پوٽن کي لڳايو،
ڦل ڦول ڏسي دل ۾ نه ڦوليو ٿي سمايو،
لوڙهو به گهمڻ ڦرڻ لئه ويڪر ۾ وڌايو.
نوڙي به اڳي کان هئي قابو ۽ ڪشادي،
جيئن ڪنهن به قسم جي نه ٿي هرٽيءَ کي هلاڪي.

(١٦)

هن ڪاڏ ۾ خوراڪ کان وهنديئي وڌي وئي،
اسرڻ سان ڪلي دل ۾ شناخت جي دري وئي؛
جذبات جي ڪا جسم اندر لهر لنگهي وئي،
هڪ ڏينهن انهيءَ موج کان ماڻر ۾ پچي وئي.
نوڙيءَ جي جهل جهڪور اجهل دل کي ڇا ڪندي؟
زنجير زبر دل اڳيان ڪهڙو جتا ڪندي؟

(١٧)

”هي حال ڏسي چاند جو چارڻ ويو وسامي،
ارمان کان روشن ويو اميدن جو اجهامي؛
ڇا کون وئي چاندني ائين اکين مان آڏامي،
ڪمبخت جي ڪيڏي نه ڪديم غرض غلامي.
منٿن سان مڙي ڪين مڃي ڪين مڃيائين،
ڪنڌ لوڏ سان آخر صفا انڪار ڪيائين.“

(١٨)

چارڻ چيو: ’چاندني! مون کي ويئينءَ ڇو وساري؟‘
’مين مين‘ ۾ چيائين مون کي ٻن ڀن تو پڪاري،
قدرت جي ڪکن ڏي ٿي نظر روز نهاري؛
آءُ ڇا ڪريان! دل ٿي سدا سانٽين کي سنڀاري.
چارڻ چيو بي خبر! تو کي ناهر جي خبر ناهه؟
چي ’ڀل مران‘ مون کي نه مرڻ جو ڪو فڪر ناهه.

(١٩)

ڪوشش مان ڪندس سر جي بچائڻ جي سگهن سان،
لوهو کي مکيندس مان مثل تيل لڳن سان،
چيري ڀلي بي قياس سندم ماس چنبن سان؛
هيڪر مان هچاري سان ڪندس ويڙهه هڏن سان.
آخر جي بچيس ڪين ڪو غم ناهه مرڻ جو،
جيئڻ آ، مرڻ کان برو، گهٽيءَ ۾ گهرڻ جو.

( ٢٠ )

اي خان پکل دل کي ملائڻ محال آهه،
آزادگي جي آش مٽائڻ محال آهه،
هن باهه اندر جي کي وسائڻ محال آهه،
گردن رستيءَ اکيان به جهڪائڻ محال آهه.
نااميد ٿي گهن گهور انڌيريءَ ۾ گهر ويو،
پونگيءَ ۾ ڏسي پينگ سوم دل جو سن پريو.

( ٢١ )

ٽپڪي ٿي چاندني اتي آنند پون ۾،
هيڏي ڦري، هوڏي ڪري گدگد ٿي گلن ۾،
گذري ويو گهڙيءَ ۾ ئي سچو ڏينهن سکن ۾،
'چٽ چٽ' ٿي ڪئي چاهه سان پن پن ۾ چمن ۾.
هڪوار هيٺ عارضي نظرن سان نهاريو،
چارڻ جي جهوپڙي نه مگر دل کي ڏتاريو.

( ٢٢ )

سورج ڇپي پيو ڇرڪ کان ڪارنهن جي ڪوٽ ۾،
هئي چاندني افسوس اڄ اوندهه جي اوٽ ۾!
ڇيخون نه ڪيون دل جهلي ناهر جي چوٽ ۾،
ماريو گهٽو منحوس جي مستيءَ کي موت ۾.
"فاني" نه مرڻ سان مٽي هيءَ سوپ امر هئي،
هن موت جي افسوس پڪين ۾ به پچر هئي.

—

# ضميمو

دنيا سان جي دل ناهه لڳائڻ جي ضرورت،
ڇا لئه هئي دل کي ٻڌائڻ جي ضرورت،
نظرن کي نظارن سان لڀائڻ جي ضرورت،
هي دنيا ڇڏي ٻي آ وسائڻ جي ضرورت.
منهنجي نه تصور جو پتنگ جت پڄي سگهي،
ايڏو ڇا مٿي آهي اڏائڻ جي ضرورت.
بدزيب تہ ناهين جو تون لڪندو ٿو رهين نہ تہ،
سهڻي کي ڇو ٿئي سونهن لڪائڻ جي ضرورت.
شوقين اندېري ۾ ننگا ٿي پيا نچن ٿا،
ڇو توکي ٿي آ شمع جلائڻ جي ضرورت.
مندر ۾ آ بارود بمن جو ٿي شور زور،
کهڙي آهي گهنڊن جي وڄائڻ جي ضرورت.
انساني فن جي "فاني" کو جوڙي جهان نئون،
ڏسندي خدا کي خود ٿئي لڄائڻ جي ضرورت.

---

گهر هوندي گهر کي گهر نہ سمجهندو ٿو رهان،
ڏاريو ٿي گهر کان دور مان پڇندو ٿو رهان.
تنهائي جي تڪئي تي اجان ڪنڌ رکان مس،
ڳوڙهن جي ڏنڊ ۾ مان ترڳندو ٿو رهان.
مون کي نہ ڪنهن جي ياد ستائي ٿي سگهي،
پنهنجوئي پاڻ کان مان وسرندو ٿو رهان.
ڳولڻ سان لڀي ڪانہ ٿي ڳوٺن جي ڳلي،
ششدر ٿي شهر شهر کان پڇندو ٿو رهان.
دنيا ۾ اچڻ جو مون کان مقصد نہ پڇو،
ٻن جيئن مان جل جي وهڪ ۾ وهندو ٿو رهان.
دوستن جي بي وفائي مون کي ڪجهہ نہ ڪيو،
دشمن جي وفاداري تي روئندو ٿو رهان.
”فاني“ ٿي اڪ اداس اجالي کان پنهنجي،
اوندهہ جي لاءِ افسوس ترڙپندو ٿو رهان.

# ڪيڏلداس ”فاني“ جا خط

ادب ۽ تاريخ ۾ ڏاهن جي خطن کي وڏي اهميت حاصل آهي. جاڪاڻ ته اهي نه رڳو لکندڙ جي مختلف لاڙن جو ڏس ڏين ٿا، پر وقت ۽ حالتن جي به عڪاسي ڪن ٿا. اسان جي ادب ۾ اهڙن خطن جي سانڍ ۽ سهيڙ پاسي ڪو جوڳو ڌيان ڪين ڏنو ويو آهي، جنهن ڪري گهڻي ڀاڱي اسين اهڙي سرمايي تان هٿ ڌوئي ويٺا آهيون.

هن ڪتاب ۾ سائين ڪيڏلداس ”فاني“ صاحب جا دوستن ڏانهن لکيل ڪجهه خط شامل ڪجن ٿا، جن جي مطالعي مان ”فاني“ صاحب جي وطن لاءِ سڪ ۽ ڇڪ جي احساسن ۽ جذبن کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ ٻيو به ڪيترو ڪارائتو مواد ملي سگهي ٿو. محترم شيخ اياز صاحب ۽ رحيمداد ”راهي“ صاحب جن جي خطن کي شامل ڪرڻ لاءِ آءٌ سندن ٿورائتو آهيان ـ مرتب.

## ڪيولداس ’فاني‘ جو سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز ڏانهن لکيل هڪ خط (۱)

۸۸-۲-۷

سدا سرها هجو شال!

محترم شيخ اياز صاحب!

مالڪ جي مهر سان توهان نوبنو ۽ اڳي ڪان اڳرا هوندا. عنان جي اخبارن ۾، توهان پاران اِتي ورسي (سامي سيمينار) سامي صاحب جي مٺڙي ياد ۾ ملهائڻ جو اعلان پڙهي، منهنجي دل سرڪي پيئي. مان هتي ڀوپال (مڌيه پرديش جي راڄڌاني) ۾ پڻ سال اڳ سامي سيمينار جي صورت ۾ آل انڊيا جي ليکڪن جي شموليت سان ملهايو هو. مون کي سامي پرسڪار سان م-پ ساهت اڪادمي پاران ۽ سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ دهلي ٻنهي ادارن پاران، نوازيو ويو هو.

مان چاهيان ٿو، ته سامي ءَ تي جيڪو هن سان گڏ مان مقالو لکيو هو ۽ صدارتي تقرير جو فرد، توهان ڏانهن موڪلي پنهنجي ياد توکي ذهن تي وري ويهاريان ۽ منهنجو تبصرو ڪنهن نموني اتان جي اديبن تائين پهچائي پنهنجي عقيدت جو فرض ادا ڪريان.

سچ ته سياڳو آهي اهو هٿ جو توهان جي هٿ تائين پهچي ٿو سگهي. توهان ته ادب جي وات ۾ ڪيئي ورکون اڳتي وجهندا رهيا آهيو. هن هڪ وک ۾ جيڪڏهن مان توهان سان گامزن يا ڪامريڊ ٿي هلان ته مون کي هڪ عجيب مسرت ملي ويندي.

اميد تہ منهنجو قلمي نسخو، توهان پنهنجي مصروف گهڙين مان ڪي پل بچائي، ضرور نظر مان ڪڍندا. منهنجي جنم جي تاريخ ٤-٤-١٩١٤ع آهي. اتي ڪن ڪتابن ۾ غلط اندراج ڪيو ويو ڏسجي. توهان جي آٽوبائگرافي جي جهلڪ مون ڪي اندور ۾ هڪ قلمي دوست ذريعي پڻ ملي ويئي آهي. دعا سلام ساري سنگت کي.

توهان جو پنهنجو
ڪيئلداس بيگوائي (فاني)
ڀوپال (م-پ)

---

(١) مٿئين خط جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي سائين ڪيئلداس ’فاني‘ صاحب مون ڏانهن موڪلي هئي-مرتب.

## ڪيڏلداس ”فاني“ جا انور ”فگار“ هڪڙي ڏانهن لکيل خط

٦٦، سنڌي ڪالوني
ڀوپال
١ - ڊسمبر ١٩٨٥ع

سدا سرهو هجين شال !

پيارا انور ميان !

تنهنجي تقاضا موجب ٥ ڪتاب ۽ چار تازا غزل موڪليان ٿو. مون کي رٽائر ڪئي ١٢ سال ٿيا آهن، پر مان Retired نه، پر Re - tyred پاڻ کي چوائيندو آهيان. يعني:

"An other tyre has been applied to my machine and it keeps on rolling"

منهنجون منزلون:

١. صوبائي حڪومت جي ادبي اڪادمي جو وائيس پريزيڊنٽ آهيان ۽ پريزيڊنٽ، وزير مالي آهي.
٢. مرڪزي ادبي اڪادمي جو ميمبر آهيان.
٣. ڪنوينر سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽي.
٤. آل انڊيا ريڊيو جو گائڪ ۽ گيت ڪار.
٥. انٽر ڪاليج جو اڄ تائين پرنسپال رهندو آيو آهيان.

منهنجا دعا سلام ساري سخن سازن جي جماعت کي ۽ مون سان گڏ گهاريندڙن ۽ منهنجي واقفڪارن کي.

شيخ اياز کي منهنجي ياد ڏياري ۽ ڪابه ميار نه ڏيندا، جو ڀڄو اٿم ته هو پنهنجي پورن ۾ ئي پورو آهي.

٥ ڪتاب دوستن ۽ واقفڪارن لاءِ موڪليان ٿو.
ڌڻي جي رحمت شال منهنجي سارن تي وسندي رهي.
اها آس اٿم.

قربن مان
ڪيڏلداس بيگواڻي (فاني)

پتت پاون اڌارڻ هار تنهنجي گيان مئي گنگا،
ٻيون ڏيئي تري ڪيئي ويا پاپي پاڪدامن ٿي.
جڏهن داغ جفا ايندو رخ پرنور دنيا تي،
زماني ۾ زيان ڪيڏا ڪرائي زر زمين زن ٿي.
تڏهن تعليم جو ٿيندو سچو مقصد مٺا حاصل،
جڏهن استاد ويهندو ٻار سان خود ٻار جو من ٿي.

ان مشاعري ۾ به 'صوفي' صاحب، 'بيوس' سان دوش بدوش اسٽيج تي محفل جو مور ٿي نظر آيو.

آغا 'صوفي' جي وڏيڪ ڄاڻ لاءِ ۽ پڻ شڪارپور شهر جي ٻين هستين جي تعارف ۽ تعريف لاءِ ديوناگري سنڌي ۾ (ڪتاب) موڪليان ٿو، ڪنهن هندي دان هندو يا مسلمان دوست کان پڙهائي ڏسندا.

باقي ڪاليج مخزن هڪ به مون وٽ موجود ڪانه آهي. تنهنجي موڪليل فوٽن سان به ڪيترا چهرا ته حافظي جي هيٺائيءَ سبب ياد نه ٿا اچن. ٻڳا ڏار اڏاٽا ڳيرا- ڪنهن جي ڪنهن جي ياد تازي ڪجي؟

لڳ ڀڳ چاليهه سالن جي عرصي ۾ هيءَ زمين الائي ڪيترا آسمان (وڏا ماڻهو) ڳڙڪائي ويئي آهي!

سواءِ ڪن ١٠-١٢ مکڙن جي ٻين جي شناخت ڪرڻ انهيءَ ڪري به آسان نه آهي ته اهي هينئر هتي ديدن کان به ته دور آهن. اتي ١٩٤٤ع کان سن ١٩٤٧ع تائين ڪاليج مخزنون ضرور موجود هونديون ان ۾ منهنجو فوٽو ٤ ئي سال هوندو جو مان ئي ٤ ئي سال مهتمم ٿي رهيو هوس. هتي به سڀني شاگردن واري فوٽو ۾ منهنجو فوٽو، متئين حصي ۾ مسٽر هاماننڊ پرسوائي ۽ ٻئي منهنجي دوست جو به نظر ايندو. فوٽو جي اوپر پاسي وڏي چٽي اڇي جي پوٺتان.*

---

* فاني صاحب ڏانهن ڪي فوٽو سڃاڻپ لاءِ موڪليل هئا، جن جو ذڪر اچي ٿو وڃي- مرتب.

ازانسواءِ توهان جناب ساز علي ”ساز“جي باري ۾ پڇيو آهي.
درحقيقت ’ساز‘صاحب جو شعر منهنجي نظر کان ايترو نه گذريو آهي جيتري توهان کي اميد هوندي. هو ان وقت جو اڀرندڙ شاعر هو. مون سان ملاقات ٿيندي هيس، پر ڪيس ڪنهن هڪ اڌ مشاعره ۾، مان سندس شعر کان متاثر ٿيو هوس. ڪن خاص ماهنامن ۾ به سندس شعر مون کي ملي نه سگهيو.

باقي جن عظيم شخصيتن ڪاليج ۽ ان جي ترقي جي ڏس ۾ گهڙا پريا آهن، سي هن ريت آهن، فقط سنڌي نالا:

١. ڊاڪٽر ڪشنچند بولچندائي، سنڌ جو پهريون M.D. ڪاليج جي پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ اول کان آخر تائين.
٢. پروفيسر حشمتراءِ ملڪاڻي پرنسپال جي حيثيت ۾.
٣. سڀ کان اول پرنسپال گيهي سنگهه هزاري رٽائرڊ ملٽري آفيسر، ٻه دفعا پرنسپال.
٤. پروفيسر ماڪيجا جو پڻ ڪجهه وقت وچ وچ ۾ پرنسپال ٿي رهيو هو ۽ Maths جو قابل سنڌ سڄي ۾ پروفيسر هيو.
٥. پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي سنڌي
٦. پروفيسر هاشمي پرشن
٧. پروفيسر گاجرا ايڪانامڪس
٨. پروفيسر واسواڻي انگريزي

۽ منهنجي ٣ سالن جي عرصي ۾ پرنسپال هزاري ٻيو دفعو ۽ پروفيسر گهنشام متراڻي لاجڪ جو. ان کان سواءِ سنڌ کان ٻاهر جا پروفيسر هئا.

پروفيسر گني انگريزي
پروفيسر پٽاچاريه سائنس وغيره.
پروفيسر نقوي ۽ پروفيسر خان.

هاڻي ڳالهه سن ١٩٤٧ع ۾ شاهه لطيف جي ورسي ملهائڻ جي موقعي تي مون ڪاليج ۾ پهريون ڀيرو ادبي جلسو

هڪڙو احسان ضرور ڪجانءِ آهو اِهو تہ مان هڪ گيت (نظم) "سنڌو" ۾ شايع ڪرايو هو. اهو مون وٽ اڻ لڀ آهي ۽ نہ ڪي وري ياد آهم.

ڪونج

زندگي چاهي سياڻن کان پڇم،
عالمن ۽ فيلسوفن کان پڇم.

..........................................

ڪونج اڏري من ويئي ماندو ڪري.

مخمس يا مسدس جي روپ ۾ مان پنهنجي نياڻيءَ جي فوت ٿيڻ وقت اهو نظم لکي دل جو بار هلڪو ڪيو هو. مون کي اهو هٿ ڪري موڪلجو، جو هت 'سنڌو' جا رسالا ڪٿان ملندا!

منهنجي خط جو شدت سان انتظار ڪري مون کي حجاب (لڄ) جي ڏنگين ليڪن ۾ ٿا قيد ڪريو.

مان بہ پنهنجي مصروفيتن ۾ مشغول هئڻ سبب الائي هي ٿوريون گهڙيون، سامت جي ساهہ پٽڻ واريون نہ، پر چڻ پٽ ۾ رهڙي رهيو آهيان. جو خط کٽي ايندڙ پرسان ويٺو آهي. دعا سلام ساري سنگت لاءِ.

لک امیدن مان
کيئلداس 'فاني'

# ارث

## ارٿ

آپدا = مصيبت

آشا = اميد

اٻلا = بي پهچ، عاجز عورت

اڀمان = فخر، وڏائي

اتياچار = ويلُ، ڪنياءَ، ظلم

اپرادي = پاپي، ڏوهي

اپڪار = ڀلائي، مهرباني

اجان = اجرڻ، چمڪڻ، صاف ٿيڻ

اڌڀت = حيرت انگيز

اڏڪي = ڏڄي

ارداس = وينتي، التجا، عرض

استت = ساراهه، تعريف، واکاڻ

اڪارت = اجايو، بيسود، فضول

اماس = ڪاري رات

اهنڪار = اڀمان، غرور، وڏائي

اهنسا = بي آزاري، عدم تشدد

ايڪانت = اڪيلائي، نويڪلائي خلوت

برهمانڊ = سنسار، ڌرتيءَ جو گولو

ڀيکاري = پينو

ڀوڄن = طعام

ڀونچال = ڌرتيءَ جو ڏڌڻ

ڀونڪمپ = زلزلو

ڀيٽا = نذرانو

ڀيدي = راز محرم

ترشنا = اُڃَ، طلب

ترڪش = تيرَن رکڻ جي ٻٿي

پراڌينتا = لاچار، مجبور، بيوس

پربوڌ = سکيا، سمجهه، صلاح، متِ

پرتيت = ويساهه

پرڪاش = تجلو، جلوو، روشني

پرڪرتي = اها طاقت جنهن سان دنيا وجود ۾ آئي

پرگهٽ = ظاهر، عيان

پرويسر = واسو ڪندڙ

پورڻ = پورو، مڪمل

جاتي = نسل، قوم

چرتر = سڀاءُ، ڪمُ، ڪرتوتَ، چال

چنتا = فڪر، ڳڻتي، الڪو

چيٽڪ = لذت، مزو

ڇاڇ = لسي، ڏڌ

خندان = ٻهڪندڙ

دات = ڏات

درشٽي = نظر، نرت، جوت

دهن=مٽڪ، مٿنهن، وات؟
ڌراوت=امانت طور رکيل رقم
رتن=جواهر
روپونتي=خوبصورت
سادنا=بندگي
سپندين=پکين، پختين
سدانت=متو، عقيدو، اصول
سرستي=پاڻ صدقو، آپ بليدان
سروپ=آتما
سوارت=مطلبي
سوارٿ=مطلب، خود غرضي
سواس=پساهه، دم
سنتوش=ڌيرج، صبر، خاطري
سنجم=پاڻ پلڻ
سنيوگ=ميلاپ، ناهه، اتفاق
شهور=شعور، عقل
ڪارونيار=پنپ، اوندهه
ڪامنا=اڇا، منشا، مراد، خواهش
ڪپٽي=ٺڳ، دغاباز،
ظالم، وحشي
ڪنچن=قيمتي ڌاتوءَ جو قسم
ڪسم=مٽس، پتار، ورُ
گرداب=پاڻيءَ جو گهيرو، ڪُن
گيان=پروڙ، ڄاڻ، واقفيت

ماڻ=وزن، ماپ
مک=منهن
مورک=نادان
منش=ماڻهو
نڀ=آسمان
نرادر=بي مانو، بي عزتو
نراشا=نااميدي
نردئي=بي رحم، ظالم
نردن=غريب، مسڪين
نواس=گهر، ٺڪاڻو
نئيا=ٻيڙي
نياءُ=عدل، انصاف
نير=پاڻي
نيس=تڙ- کوهه
نيڀس=جهڙ، ڪڪر- مينهن
جي ڦوهار
واسنا=خواهش، مرضي
وڌوا=رن زال
وسمئه=حيراني
وناس=حسد، ريس
وٺرٽ=اجايو، ناڪام
هردو=دل
هرس=دباءُ، تاب، ڏڪو
يگ=جڳ.